

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچو تہ ”نئين سنڌ“ جي تعمير ڪريون

پروفيسر اعجاز قريشي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو : اچو تہ ”نئين سنڌ“ جي تعمير ڪريون

ليکڪ جو نالو : پروفيسر اعجاز قريشي

ڇاپو : پهريون، جنوري 2001ع

تعداد : ٻہ هزار

ٽائيٽل : فتاح هاليپوٽو

فليپر فوٽو گرافي : حفيظ عمراڻي

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ : ايسٽ لائين ڪميو نيڪيشن

چانڊني شاپنگ مال صدر، حيدرآباد

ڪمپيوٽر آپريٽر : فرحان علي پاتولي، ريحان ياسين ابڙو

ڇاپيندڙ : سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ، قاضي پاڙو،

گاڏي کاتو حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان

قيمت: =/100 رپيا

ڪتاب ملڻ جو هنڌ: سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ آفيس، قاضي پاڙو، گاڏي کاتو، حيدرآباد
فون: 20280-221-92 + +

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

سنڌي ماڻهن جي رڳن ۾
رت بڻجي ڊوڙندڙ
سنڌو درياءَ جي نانءُ
جنهن لاءِ سنڌ جو ڄڻو ڄڻو
وجود جي پوئين ءَ وير
وڙهندو....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِـــٽـــاءُ

عنوان		صفحو نمبر
مهاڳ	ڊاڪٽر سليمان شيخ	1-3
ٻه اکر	غلام نبي مغل	8-4
تعارف (فليپرس تي)	طارق قريشي	
بئڪ ڊراپ	ذوالفقار هاليپوٽو	
پنهنجي پاران		9-12
اچو ته نئين سنڌ جي تعمير ڪريون		13-29
سنڌ جي سياسي صورتحال جو جائزو		30-45
سنڌ جي سماجي صورتحال جو جائزو		46-59
سنڌ جي موجوده اقتصادي صورتحال جو جائزو		60-74
سنڌ جي تعليمي صورتحال جو جائزو		75-83
سنڌ جي زرعي صورتحال جو جائزو		84-87
سنڌ جي زرعي پاڻيءَ جي صورتحال جو جائزو		88-97
سنڌ جي نيڪال واري پاڻيءَ جي صورتحال جو جائزو		98-103
سنڌ ۾ بيروزگاري جي صورتحال جو جائزو		104-108
سنڌ جي عورت: هڪ جائزو		109-117
سفارشون		118-139
مددي ڪتاب		140-143
انڊيڪس (ڏسٽي)		144-145

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

پوري پني قد وارو، بختيارپور جي چيڪي مٽيءَ جي مهانڊن وارو، سدائين تڪڙ ۾، ڪيترن ئي ادارن ۽ تنظيمن جو سرگرم ڪارڪن، عهديدار ۽ بانيڪار پروفيسر، مگر سماجي ڪارڪن، دانشور پر سرگرم عمل، محفلن جو مان ۽ ڪچهرين جو ڪوڏيو. سدائين ڪنهن نئين رٿا جو فڪر ۽ ذڪر ڪندڙ متحرڪ شخص، اعجاز قريشيءَ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

آئون هن کي 1977ع کان سڃاڻان، ۽ گهڻو عرصو ويجهو دوست بڻ رهيو آهي، پر هيءُ هميشہ ڪنهن ويچار ۾ بيقرار ۽ بيچين نظر ايندو آهي. سندس بيچيني هن ڪتاب مان بہ بکي ٿي.

68-1969ع جو زمانو هو، ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ سنڌي شاگرد سرگرم هئا، خبر پئي تہ اوچتو لاهور جي گهٽين ۾ ”ون يونٽ ٽوڙيو ورنہ ....“ جا نعرا لکجي ويا. شيخ مجيب الرحمان پيرول تي رها ٿي، لاهور پهتو تہ هوائي اڏي تي چند سنڌي نوجوان بنگلہ بندو جي آجيان لاءِ ”ون يونٽ مرده باد“ جا نعرا هڻندا ڏسجن ٿا. اعجاز قريشي اڳيان اڳيان آهي. گول ميز ڪانفرنس ۾ ويندڙ رهنمائن سان هي دوست ملن پيا، پنهنجا احوال ڪن پيا. انهن سيني منظر نامن ۾ اعجاز جي شڪل اپريل نظر اچي ٿي.

ون يونٽ ٽٽي ويو. دادوءَ جو چانڊني چوڪ، ”سنڌ مبارڪ“ جي نعرن سان گونجي پوي ٿو. شوڪت سنڌيءَ جي منائيءَ جو دوڪان اڄ سبيل بڻجي پيو آهي. ٺيڪ رات جو 12 وڳي نڪر جي وٽين ۾ کير جا پيالا ٽڪرائجن ٿا. تاج صحرائيءَ جو طالب المولا اسڪول ”سنڌ مبارڪ“ جي پرجوش نعرن سان گونجي ٿو، اعجاز جهمريون پيو پائي ٻهڪي پيو. هن جو عشق مٽيءَ سان آهي. سندس عشق جو مظهر ”اڄو تہ نئين سنڌ جي تعمير ڪريون“ اڄ اسان جي سامهون آهي. پروفيسر اعجاز احمد قريشي اقتصاديات جي علم جو ڄڻ

اڄو تہ ”نئين سنڌ“ جي تعمير ڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشهور چاٽو آهي، ان ڪانسواءِ عملي طور ترقيءَ لاءِ راڄن جي شموليت واري نظريي هيٺ، ٻهراڙين جي ترقيءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ ادارن سان گهڻي وقت کان لاڳاپيل رهيو آهي. ان ڪري سندن تجربا زميني سچاين تي مشتمل آهن.

سندن انداز جذباتي آهي، ان ڪي وڌيڪ منطقي ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن وقت اسان وٽ سنڌ جي وڌندڙ غربت ۽ اقتصادي ذريعن جي زوال جو وڏو مسئلو آهي. ان تي اجان وڌيڪ ڪم ٿيڻ ڪپي.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي مکيه مسئلن تي بحث ڪيو ويو آهي ۽ انهن سبب پيدا ٿيندڙ صورحال بحث هيٺ آئي آهي. مون کي ڪا وڏي ڄاڻ ڪانهي، جو هن ڪتاب تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري سگهان. منهنجي سمجهه ۾ هيءَ هڪ شعوري ڪوشش آهي ته سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن متعلق بنيادي ڄاڻ عام سنڌي ماڻهوءَ تائين پهچائي سگهجي.

اها بدقسمتيءَ جي ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ اسين هڪ مربوط سماج جا بنياد وجهي نه سگهيا آهيون. سنڌ جو سماج اڄ به قبائلي جاگيرداري ۽ ڏاڍ مڙسيءَ جي شڪنجي ۾ ڦاٿل آهي. عام ماڻهو جيڪو گهڻائيءَ ۾ آهي، اهو هن چار مان نڪري نٿو سگهي. سماجي ترقي صرف تڏهن ممڪن ٿي سگهندي جڏهن ماڻهوءَ جون سوچون آزاد هجن، جڏهن هن کي مڪمل تحفظ هجي. هن وقت فرد اڪيلو ۽ نويڪلو آهي. ان ڪري هن جي سوچ صرف پنهنجي ذات جي گهيري ۾ ڦاٿل آهي.

انهن بنيادي سببن ڪري فرد موقع پرست، خوشامدڙيو ۽ بي همٿ بڻجي ويو آهي. هن وقت اسان جي سڀ کان تڪڙي ضرورت آهي ته اسين سماج کي پستيءَ جي هن ذلت مان ٻاهر ڪيون. فرد جو اعتماد بحال ڪريون ۽ هن کي بنيادي انساني عزت واپس وني ڏيون. ان لاءِ هڪ وڏي سماجي انقلاب جي ضرورت آهي. اهو انقلاب صرف تعليم جي واذاري سان اچي سگهي ٿو. افسوس جو سنڌي سماج جي گهڻين با اثر ڌرين، تعليمي نظام کي تباهه ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي عمل ۾ ئي وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪافي ڪي ملڪي نظام هلائيندڙ با اختيار ادارا هن عمل جا بانيڪار ۽ سرجڻهار پئي رهيا آهن. عام ماڻهو اڪثر جهڙ فائدن ۽ موقع پرستيءَ جي جادوءَ ۾ خاموش پيچي بنجي بيهي ٿو رهي. ان ڪري ”نئين سنڌ“ جوڙڻ جي خاڪي ۽ عام ماڻهوءَ وچ ۾ هڪ اهڙو پردو حائل رهي ٿو، جنهن کي چاڪ ڪرڻ ڏکيو ڪم بنجي ويو آهي.

سنڌ سنوارڻ جي مقصد کي اڳتي وني وجڻ لاءِ اعجاز جو هيءُ ڪتاب گهڻ واري خاموشيءَ ۾ پهرين ڪوڪ آهي. ان جو پڙلاءُ گونجڻ کپي.

اسين سنڌ جي سونهن کي وري ماڻڻ جا سپنا ماڻڪين ۾ سانديو ساهه پيا کڻون. شايد هن حياتيءَ اهي ساپيان ٿين.

هتان ڪٿي هت جن رکيو سي رسيون،

ساجن سونهن سرت، وڪائين ويجهو ٿيو. (شاهه)

ڊاڪٽر سليمان شيخ

5 جنوري 2001ع، ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئين ڇاپي تي ليکڪ طرفان ڪجهہ ويچار

تمام ٿورڙي وقت اندر هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو وڪامجي ويو جيڪا ڳالهہ مون لاءِ هڪ ئي وقت اڄرج جوڳي ۽ خوشيءَ جو باعث آهي. ۽ اها للڪار پڻ آهي تہ هن موجوده (ٻئين) ڇاپي کان پوءِ ايندڙ منهنجن ڪتابن جي معيار کي بهتر کان بهتر هجڻ گهرجي. هيءُ ڪتاب پنهنجي سمورين ڪچاين ۽ ڦڪاين جي باوجود ٻيهر ڇپرائجي ٿو جو سنڌ، هند ۽ ٻاهر جي ملڪن ۾ وسندڙ سنڌ جي ڪيترن ئي علم دوستن، ادب پرور ماڻهن ۽ سنڌ سان اڪير رکندڙ نون سنڌي دوستن پڻ هن ڪتاب پڙهڻ جي خواهش ظاهر ڪئي پر جيئن تہ ڪتاب هٿو هٿ وڪرو ٿي چڪو هو ۽ ڪاپيون دستياب نہ هيون تنهنڪري اها اشد ضرورت محسوس ٿي تہ هڪدم ڪتاب جو ٻيون ڇاپو ڇپرائڻ گهرجي. ان گهرج کي ذهن ۾ رکندي ڪتاب کي بنا ڪنهن واڌاري يا سڌاري، جيئن جو تيئن ٻيهر ڇپرايو ويو آهي.

هيءُ ڪتاب منهنجي طرفان هڪ اهڙي ننڍڙي ڪوشش آهي جنهن جو مون کي ڪوبہ اجورو يا معاوضو درڪار نہ آهي، سواءِ ان جي تہ هيءُ ڪتاب سنڌ جي ساڃاهہ وند ماڻهن کي منظم، مربوط ۽ سائنسي ڪوجنا ۽ تحقيق ڏانهن مائل ڪري تہ جيئن اهي پنهنجي خداداد صلاحيتن ۽ لياقتن کي ڪتب آڻيندي ڪي اهڙا ڪتاب، تحقيقي مقالا ۽ مضمون لکن جيڪي اڳتي هلي سنڌ جي سماجي، سياسي، معاشي، ثقافتي ۽ تاريخي حقن جي حاصلات جو پروانو بڻجن. سنڌ جي خوشحاليءَ ۽ جياپي جو جيڪو خواب اسان سڀني جي اکين ۾ اَڪيرا اڏي وينو آهي اهو نہ رڳو سڄيءَ سنڌ جي سڪار ۽ سک جو ساڀيائون آڻيندو پر پوريءَ دنيا ۾ جتي جتي هٿيار آهن اتي امن جا اجها اڏيندو.

هن ڪتاب بابت ڪيترائي تعريفي ۽ تنقيدي رايا ۽ مشورا مليا آهن، جن تي پڻ نئين ايڊيشن ۾ عمل ڪرڻو هيو پر هن ڪتاب جي تڪڙيءَ گهرج سبب انهن کي ٽئين ايڊيشن ۾ ايندڙ ٻين ڪتابن تائين موخر ڪجي ٿو. پر گڏوگڏ هن ڪتاب بابتِ مليل سڀني قابل قدر راين ۽ مشورن کي مون هنياءَ سان هنڊايو آهي تنهنڪري انهن سڀني دوستن جو آءٌ شڪرگذار آهيان جن هيءُ ڪتاب غور سان پڙهيو ۽ قيمتي خيال آرائي ڪئي. آءٌ هڪ دفعو ٻيهر هن ڪتاب جو مطالعو ڪندڙ سڀني پاٺڪن ۽ پيننرن جا ٿورا مڃان ٿو. اميد اٿم تہ هيءُ ڪتاب، حالتن جي بيڻل تلاءَ ۾ هڪ ننڍڙو پٿر ثابت ٿيندو.

3-A

پروفيسر اعجاز قريشي

88_ مسلم هائوسنگ سوسائٽي، حيدرآباد

16_ آگسٽ 2001ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـہ اکر

سنڌ ۾ سُور ڳالهہ مڙني ساڳي آهي!

اسان جو دوست اعجاز قريشي، سنڌ جي سورن جو مختصر ۽ جامع جائزو وني، رڻ پٽ جي اوندهہ ۾ هتوراڙيون ڏيئي، بي حس ديس واسين جو ذکر کري، وڏن ماڻهن، سرواڻن، هڏ ڏوکين، پاڻ کي ماڻهن ۽ قوم جا اڳواڻ سڏائيندڙن جا ڪجهہ احوال، مسئلن سان گڏ کري، جڏهن اهو سڏ ڏيئي ٿو تہ، ”اچو تہ نئين سنڌ جي تعمير ڪريون!“ تہ سچ پچو تہ هانوَ تي چنڊبو پوي ٿو تہ ”اجاڪي جوڳي آهن جهان ۾“ – جن جا سڏ پڏرا پڌجن پيا تہ بيلي پنهنجا لاهہ تہ نڪري ويا آهن پر اجا پينگ نہ ٿي آهي. اجا صفا اوندهہ نہ ٿي آهي. جي سنڌ جي تعمير ۾ متحد ٿي ۽ ايمان کي اڳيان رکي، دلين مان گروهي ڪلفتون ڪڍي، اڳتي اچجي تہ سنڌ جي سيني مان ڏهاڳ نڪري سهاڳ جون نشانيون نمودار ٿيڻ شروع ٿينديون.

سمن جي دؤر کان پوءِ سنڌ سان جيڪي ويل وهيا آهن، سي تاريخ جي صفحن تي ڦهليل آهن. ارغون – ترخان – مغل دؤر عجيب ڦرلٽ جو دؤر هو، جنهنجو مثال دنيا جي تاريخ ۾ شايد ملي. جتي ڦرلٽ هوندي آهي اتي ترقيءَ ۽ اڳتي وڌڻ بابت ڪو سوچي بہ نٿو سگهي. ارغون ۽ ترخان وچ ايشيا جي جابلو پٽن جا بين الاقوامي دهشتگرد لٽيرا هئا جن جي شروعات محمود غزنويءَ جي سترنهن ڪاهن سان ٿي. مغل گورنر عجيب نازڪ ۽ شهنشاهي تمدن جا هيراڪ سي سنڌ ۾ ڏورانهين ۽ عجيب حالت واري ملڪ ۾ اچڻ لاءِ بہ تيار نہ ٿيندا هئا ۽ سنڌ ملڪ کي، ٻين عملدارن کي ٺيڪي تي ڏيندا هئا ۽ اهي عملدار سنڌ جي ماڻهن کي ايترو ڦريندا ۽ لٽيندا هئا جو گورنر جي ڏن جو حصو ڪڍي، باقي پنهنجي کاتي ۾ جمع ڪندا هئا. اها ڦرلٽ اڍائي سؤ سالن کان بہ مٿي جاري رهي، جنهنجي پڙلاءِ کي اسين

اُجو نہ ”نئين سنڌ“ جي تعمير ڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجا تائين سجاڻي ۽ بڌي سگهون ٿا. ارغون-ترخان ۽ مغل سنڌ جا اهڙا حاڪم هئا جن پنهنجي رهائش لاءِ محل يا ڪي اهڙيون عمارتون به نه نهرايون جن ۾، هو شاهي روايتن ۽ ٺاٺ باٺ سان رهي سگهن. الائي ڪٿي رهندا هئا ۽ ڪٿان حڪومت ڪندا هئا. ڪا خبر نه ٿي ملي. باقي سنڌن قرلت ۽ استحصال سان هزارين پناڪارا ٿيا پيا آهن. مڪليءَ تي به نالي ماتر سنڌن قبا ۽ قبرون آهن باقي چوڌطرف مڪاني سنڌي شهيدن جون بي نام قبرون قهليل آهن. انهن بين الاقوامي دهشتگرد ارغونن، ترخانن ۽ مغل گورنرن ڪي تاريخ اينترو نروار نه ڪيو آهي جو خوشقسمتيءَ سان هو "مسلمان" به هئا ته "غازي" به هئا. سنڌ ملڪ ۾ هاڻ پاڪستان جي تاريخ ڪي بيهر صحيح ۽ مستند حوالن سان لکڻ جي اشد ضرورت آهي.

اعجاز قريشيءَ جو هيءُ ڪتاب پڙهي لڳي ائين ٿو ته ان وقت جي جاري ٿيل لٽمار ۽ استحصال جي اجا سنڌ ۾ ڪمي نه آئي آهي ۽ انهيءَ عذاب جو تسلسل موجود آهي. فقط چهرا ۽ نظام بدلجي ويو آهي وقت جي گهرج مطابق، اگ لٽمار ۽ پرماريت ۾ ڏاريا هزار هئا ته ڪي پنهنجن جا چهرا به تاريخ جي ورقن تي نظر اچن ٿا. پرهاڻ جي هزار ڏاريا آهن ته هزار ڪان ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ پنهنجا به برابر نظر اچن ٿا. هن ننڍڙي پر ڪارائتي ڪتاب ۾، مختصر سهي، پر نهايت صدق دل سان جن مسئلن جو اعجاز جائزو ورتو آهي، سي سنڌ جي وجود لاءِ شهه رڳ جي حيثيت رکن ٿا. مثال طور: سنڌ جي سياسي، سماجي، اقتصادي، تعليمي ۽ زرعي صورتحال ڪان سواءِ زرعي پاڻيءَ جي غير موجودگي ۽ غير ضروري پاڻيءَ جي نيڪال جي صورتحال تي به مختصر ۽ ڪارائتي معلومات موجود آهي جيڪا بين دوستن ڪي جن وٽ جاڻ آهي، اهي سجاڻ آهن ۽ سنڌن دل ۽ دماغ ۾ پنهنجن مسئلن لاءِ لوچ آهي، سي اڳتي وڌن ۽ انهن بڌايل مسئلن تي وڌيڪ اپياس ۽ سوچ ڪن. اهي مسئلا اسان جي Survival جا مسئلا آهن. صورتحال ڏينهون ڏينهن بگڙجندي وڃي پئي. سياسي مڪان پنهنجي نشي پتي ۾ مشغول آهن. ڪجهه هڏ ڏوڪي ۽ نئين وات جا سياسي پانڌيئڙا آهن به

ته انهن لاءِ رستي کي ٻين دوستن ايترو اٽانگو ڪري ڇڏيو آهي جو سنڌ جو عام ماڻهو مونجهاري جي اهڙي ڇڙواڻي تي اچي بيهي رهيو آهي جوهيءَ سچي سياست کيس ڪوريئڙي جو ڄار محسوس ٿئي ٿي. سچ پڇو ته اسين سنڌي، ڪوريئڙي جي سياسي ڄار ۾ روز بروز ڦاسندا پيا وڃون. اعجاز قريشيءَ جي چواڻيءَ ته اڄان سنڌي ماڻهوءَ، ذلالتن سهڻ کان پوءِ به همت نه هاري آهي. رڳو ڪو همت ڏيارڻ وارو ۽ سنئون رستو ڏيکارڻ وارو رهنما کپي. اعجاز سنڌين کي ويٽنامين سان تشبيهه ڏني ٿو. پر موجود رهنمائن لاءِ سمجهي ٿو ته اهي پريس رليز تائين محدود آهن ۽ سندن سياسي قد فقط اخبارن ۾ ڇپيل مواد ڪري وجود ۾ نظر اچي ٿو. اها ڳالهه مون ڪجهه عرصو اڳ پنهنجي هڪ ڪالم ۾ ڪئي هئي ته اسان جا ڪجهه گهٽگهرا خوش نه ٿيا هئا. خير اعجاز اهو به چئي ٿو ته سياسي پارٽين جي ناڪاميءَ جو سبب صحيح نيت ورڪ نه هئڻ آهي جنهن سان هو عام ماڻهن جي ذهن تائين رسائي ڪري سگهن ۽ رهنما پاڻ به عام ماڻهن وٽ وڃڻ شروع ڪن. آءٌ پڻ اعجاز سان متفق آهيان ته عام ماڻهو سياسي پارٽين کان هٽندا پيا وڃن ۽ نتيجي طور ڪا برجستي ۽ سنڌ ليول تي مقبول قيادت ڪانه پئي اچي ۽ عام ماڻهو، مجبور پوئتي پاڇ ڪائن پيا ۽ رئيسن، پوتارن، سردارن ۽ سنڌ وڪڻڻ وارن زورآور رهنمائن ڏانهن وڃن پيا. ظاهر آهي ووٽ به انهن کي ڏيندا. سنڌ جا ڏٺي به اهي ئي زورآور رهنما ٿيندا جن جي وڏن انگريزن جي آڌر مڃي. ٢٤ مئي ١٨٤٣ع تي انگريز بهادر کي حيدرآباد دربار ۾ سلام پيش ڪيو ۽ غلاميءَ جي سند سان گڏ سندن زمينن ۽ جاگيرن جا ڪاغذ وصول ڪيا. هينئر انهن جا وارث، وقت مطابق، انهيءَ ساڳئي ڪم ۾ رڌل آهن ۽ اقتدار ۾ پنهنجو حصو هر حال ۾ حاصل ڪري، پاڻ خوشحال آهن. عام ماڻهن کي به مجبور وٽن وڃڻو پوي ٿو. ٻيو ڪو رستو به ته ڪين نظر نٿو اچي. ڪجهه راڻا انهيءَ رڻ ۾ واڪا ڪن پيا. پاڻ پتوڙين پيا ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته اهي عام سرواڻ ۽ مڊل ڪلاس جا نوجوان ضرور ڪامياب ٿيندا. اسان وٽ شهري علائقن ۾ مثال موجود آهي. اعجاز قريشيءَ جا ڏنل انگ اکر،

اجو ته "نئين سنڌ" جي تعمير ڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ سلسلي، سنڌ جي سڄاڻ طبقي کي مايوس ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن پر پريان ڏور جبل پويان اونده ۾ باک ڦٽڻ واري آهي. انهيءَ لاءِ جاکوڙ ۽ اوسيئڙو ضروري آهي. نوجوانن جا جٿا ڪپن جي اها روشني، اونده جا پيچرا لتاڙي، ڪٽي اچن، جيسين سياسي ماحول روشن عزم سان ۽ متحد ٿي سنئين راه تي نه هلندو تيسين اسين پنهنجي Survival جي گراف تي پستيءَ ڏانهن مائل هونداسين. اعجاز قريشي به صفا مايوس ڪونهي ۽ آءٌ به اميد رکان ٿو ته اسان جو سياسي آجپو ۽ حاصلات موجوده رهنمائن جي حوالي سان ئي ٿيندو. اڳيان آڏو رڳو Neo-Fuedalism جا جاهل ۽ ڪرپٽ وڏيرن ۽ پوتارن جي آهي. اهي پاڄيرو جا ڏٽي رڳو انهيءَ ڪري ڪامياب آهن جو اسان جا يار متحد نه آهن. وقت ڪا اڳ وڌيڪ ۽ اجائي پرچار ڪن ٿا ۽ ڪين سياست جي اصولن ۽ ان تي شعوري طور عمل ڪرڻ بابت ڄاڻ به پوري ناهي.

آءٌ اعجاز قريشيءَ جي سيني ڳالهين سان متفق به آهيان، پر سمجهان ٿو ته رڳو اسان جا سياسي ادارا ۽ تعليمي ادارا صحيح ۽ سائنسي بنيادن تي ڪم ڪن ته سڀ ڏک ڏوراپا دور ٿي وڃن. سڀ مسئلا، سماجي، ناٽي جا، پاٽيءَ جا، ڊيمن جا ۽ ٻيا انيڪ مسئلا حل ٿيڻ لاءِ سياسي ۽ تعليمي شعور سڀ کان اول آهي. انهن ٻني ڳالهين لاءِ وري به عام ۽ باشعور طبقي جي ضرورت آهي جنهن لاءِ اعجاز قريشيءَ ۽ ٻين يارن کي اڄا به پنهنجي رهيل حياتي پتوڙڻي آهي.

ڄامشورو جيڪو اسان جي تعليم ۽ شعور جو مرڪز آهي سو هاڻ برمودا ترائنگل Bermuda Triangle ٿيندو وڃي. جت هوائي ۽ بحري جهاز الائي ڪهڙي ڪشش ڪري ٻڏي ويندا آهن ۽ ڄامشوري ۾ به اسان جو نوجوان پنهنجي شعور سُوڌو غرق ٿي، جڏهن باهر نڪري ٿو ته يا هو نااهل آهي يا بگهڙ آهي. ڪي چند نوجوان باشعور بچن ٿا، جن تي اسان سڀنيءَ جي مستقبل جو بار آهي. مون کي هڪ دوست چيو ته ڄامشوري جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ مون پنهنجي هڪ پٽ جا ست سال ضايع ڪيا جنهن لاءِ آءٌ ڪرمنلي ذميوار آهيان ته مون موجود نسل جي هڪ فرد کي تباه ڪيو آهي. اهڙا الائي ڪيترا مائٽ ٻين کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تباهہ ڪن پيا. مون سوچيو تہ اسان جي نسل جي تباهيءَ جي ڪارڻ جو Epi Centre ڪنهن بئي هنڌ آهي ۽ ڪي ٻيا ماٺهو بہ انهيءَ زلزلي لاءِ وڏيڪ ذميوار آهن، جيڪي تعليم جا Fuedal lords آهن.

بهرحال اعجاز قريشيءَ جو هي ڪتاب نہ رڳو پڙهڻ جهڙو آهي پر هڪ وطن دوست جي دل ۽ ذهن جي عــــذابن جو پڙاڏو آهي. هن ڪتاب ۾ موجود صورتحال بابت صحيح ۽ گهڻي معلومات سان گڏ هڪ هڏڏوکي انسان جو تجزيو شامل آهي.

هي ڪتاب عام سنڌي رهاڪن جي گهرن ۾ هئڻ ضروري آهي ۽ نوجوان توڙي بزرگ، مرد توڙي عورت کي پنهنجي صوبي جي عام مسئلن جي ڄاڻ لاءِ ۽ مسئلن جي حل لاءِ هي ڪتاب ضرور پڙهڻ کپي.

غلام نبي مغل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

خبر ناهي اها ڪهڙي گهڙي هئي، جو سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي محبت جو ڪانُ هنيانءَ ۾ لڳو هئم. هاڻي ته سڀ وار سفيد ٿي رهيا آهن، پر پوءِ به ايئن لڳندو اٿم ته منهنجي چوڌاري سڀ وطن پرست بيٺا آهن. منهنجون منيون به انهن وانگر پڪوڙيل، ڏند ڪرٽيل آهن. اکين ۾ آڳ جا الا آهن ۽ ذهن ۾ فقط هڪ گونج آهي -"Long Live Sindh".

مان اهو دور به ڏسي چڪو آهيان، جنهن ۾ "جيئي سنڌ" چوڻ پاڻ کي عتاب جو شڪار بنائڻ برابر هو ۽ مان ڏسان ٿو ته اڄ به ٿوري فرق سان صورتحال ساڳي آهي. منهنجي استادن، رهبرن ۽ رهنمائن سيڪاريو هو ۽ اڄ انهن جي قبرن تي الڳ الڳ ڪتبا ان ڳالهه جا ساکي آهن ته انهن "ماٺ ڪري ويهڻ" کي هڪ وڏي ڪمزوري، بزدلي ۽ پاڙيائپ قرار ڏنو هو. انهن جي نقش پا تي هلندي، زندگي گذاري اٿم ۽ مان چاهيان ٿو ته هنن جي فڪر موجب منهنجو باقي سفر به ايئن گذري جيئن هنن سمجهايو هو ته:

جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويٺي
وڃي پوڻ پيٺي، سارينديءَ کي سڄڻين

هيءَ ڪتاب لکڻ منهنجي پراڻي خواهش هئي ۽ مون چاهيو پئي ته سنڌ کي پنهنجي اندر جو اڌمو ڏيان. منهنجو خواب آهي ته سنڌ سرسبز ۽ خوشحال ٿئي ۽ سنڌي ماڻهن جي چهرن تي مرڪون هجن.

الله ڪر جيئن، مديون جن جي من ۾،
اسان ۽ پرين جون اميدون پسن،
تهان پوءِ مرن، سڙي انهيءَ سور ۾.

ان لاءِ مون هيءَ ڪتاب لکيو آهي. مان محترم سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب جي ايڊيٽنگ ڪئي، سندن پيار ۽ شفقت جو هٿ سدائين مون تي رهيو آهي. مان پنهنجي ڪهاڻيڪار دوست غلام نبي مغل جو شڪر گذار آهيان جنهن هن ڪتاب تي ٻه اکر لکيا. عزيزم طارق قريشيءَ ڪتاب تي تعارف جا ٻه لفظ لکيا. سندس قرب به وسارڻ جهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهي، ۽ منهنجو صحافي دوست، **امام علي ڏيٿو**، جنهن کي ڏسي سنڌ جي نوجوانن جي ڏاهپ ۽ محنت تي فخر ٿيندو اٿم. تنهن جا ٿورا پڻ مڃان ٿو، جنهن هن ڪتاب جي تصنيف وقت نہ رڳو هٿ ونڊايو، پر مون کي تمام گهڻو همٿايو. ڪن ماڻهن جون محبتون ايتريون تہ چانيل هونديون آهن، جو رڳو رسمي طور انهن جا ٿورا مڃي نہ سگهبا آهن. انهن جي محبتن جو حق ايترو تہ گهڻو هوندو آهي، جو ان لاءِ شڪريي جا لفظ بنهہ ننڍڙا ٿي پوندا آهن. مان پنهنجي پياري شفيق پيءُ **محترم علي احمد قريشيءَ** جو سدائين احسان مند رهندس، جنهن مونکي (جيڪو بہ آهيان) ٺاهيو آهي. مونکي (جيئن بہ آهيان) ان درجي تي پهچايو آهي. پنهنجي شريڪ زندگيءَ جي اڻ ڳڻ محبتن کي بہ دل جي گهراين سان ذڪر هيٺ آڻيندس، جنهن جي حصي جو وقت مان سماجي ڪمن ۽ لکڻ ۽ پڙهڻ جي نذر ڪندو آهيان ۽ هن مون کي ان لاءِ ڪڏهن بہ روڪيو ۽ ٽوڪيو ناهي. منهنجي ڏيئرن پڻ هميشہ منهنجي علمي ۽ سماجي سرگرمين کي لائق تحسين سمجهي، منهنجي همت افزائي ڪئي. منهنجو ڀاءُ **ظهير بابر** هر حال ۾ مون لاءِ اتساهہ جو ذريعو(Source of inspiration) رهيو آهي، سندس محبتن کي بہ پنهنجي اوسر جو هڪ اهم جز قرار ڏيان ٿو، ۽ ساڳيءَ ريت پنهنجي ڀيڻن جو بہ ٿورائتو آهيان جن پڻ مونکي هر وقت پٺي همٿايو آهي. ان کان علاوه اهو ذڪر بہ ضروري آهي تہ منهنجي پٽ **عبدالرحيم عرف عاصم قريشيءَ** منهنجي همزاد جو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ بلاشڪ تہ هو منهنجي جوانيءَ جو انعام ۽ پيريءَ جو ثمر آهي، هن جي طرفان هر وقت دلجوئي ۽ ساٿ مونکي ولولو بخشيندو آهي.

مان انهن ماڻهن جو ذڪر دل جي حضور سان ڪرڻ چاهيان ٿو، جيڪي مون لاءِ نشان راهہ (Mile Stones) آهن . **ڊاڪٽر سليمان شيخ** جنهن جي هر چڱائيءَ منهنجي دل تي نقش آهي ۽ **فضل الله قريشيءَ** جو جيڪو مون لاءِ زندگيءَ جي رڃ ۾ نخلستان وانگر آهي. سنڌ جو سرمايو **سراج الحق ميمڻ** جنهن جي خدمتن کي سنڌ ضرور ڳائيندي، مون لاءِ مثالي نمونو (Role Model) رهيو آهي. انهن سڀني جي محبتن جو عرق آهي اهو خلوص ۽ اها گرم جوشي، جيڪا اوهان کي مون ۾ ۽ منهنجي تحريرن مان نظر ايندي. هن ڪتاب جي ڇپائڻ لاءِ مان سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ جو پڻ تمام گهڻو ٿورائتو آهيان.مان توهان سڀني جو ٿورائتو آهيان جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب پڙهيو ۽ انهن جا بہ اڳواٽ وڏا وڙ مڃيندس، جيڪي هن ڪتاب جي پذيرائيءَ يا ٽيڪاٽپڻيءَ طور پنهنجا رايا لکي موڪليندا.

سنڌ جي مصائبن ۽ حق تلفين جو ذڪر ڪندي، اسان پنهنجي تحريرن ۽ تقريرن ۾ اهو زوردار انداز ۾ ورجائيندا آهيون تہ هن ملڪ کي حاصل ٿيندڙ آمدنيءَ ۾ سنڌ مان ملندڙ روينيو، ملڪ جي مجموعي اپت جو 70 سيڪڙو آهي. ان لاءِ اسان پنهنجي وسيلن جو حوالو ڏيندا آهيون. بلاشڪ تہ ايئن ئي آهي ۽ ان ۾ ڪو وڏاءُ ڪونهي تہ سنڌ جي بندرگاهن، هوائي اڏي، ڪسٽم ڊيوٽيز، انڪم ٽئڪس ۽ ٻين محصولن جي مد ۾ حاصل ٿيندڙ روينيو ملڪ جي مجموعي آمدنيءَ جو لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو آهي ۽ ان حساب سان سنڌ کي اين ايف سي ايوارڊ توڙي وفاق مان ورڇ جوڳي پول مان ملندڙ حصو يا وري ٻين گرانٽن ۽ (ڪن خاص حالتن ۾ هنگامي امداد) رليف وغيره ڏيڻ جي زحمت نہ ڪئي وئي آهي. منهنجي اها ڪوشش آهي تہ آئون ان ڏس ۾ ترت ئي هڪڙو تحقيقي مضمون لکان، جنهن ۾ سنڌ مان حاصل ٿيندڙ روينيو جو سمورو وچور ڏنو ويندو ۽ گڏو گڏ وفاق طرفان سنڌ کي ملندڙ مالياتي حصي جو تقابلي جائزو بہ پيش ڪيو ويندو.

ڪجهہ گهڻتاين ۽ ڪوتاهين جو بہ ذڪر ڪيو. هن ڪتاب ۾ موجود ڪچاين ۽ خامين بہ پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏياريندين، جن جو ذمو کڻڻ پنهنجي اخلاقي جوابداري سمجهندي اهو اعتراف ڪندس تہ وقت جي کوٽ ۽ ٻين ڪيترين مجبورين سبب هن ڪتاب جي گهربل ضرورتن کي شايد پورو نہ ڪري سگهيو آهيان. جيتوڻيڪ ان لاءِ ڪوبہ بهانو يا عذر ڪونهي پر هن ڪاوش کي جيئن سوچيو هو، تيئن پيش ڪيو ويو آهي. انگن اکرن جي پرمار، گهڻن گوشوارن، جدولن، چارٽن ۽ بي پناهہ حوالن ۽ داخلائن وجهڻ ۽ لکڻيءَ کي خشڪ، محض تحقيقي مقالو بنائڻ، مقصود نہ هو. ساديون ۽ سوليون ڳالهيون ڪرڻ جو مقصد، اصل پيغام کي اوليت ڏيڻ آهي، نہ تہ عالماڻو ۽ عارفاڻو طرز تڪلم اختيار ڪرڻ تہ هن دؤر ۾ گهٽو ڏکيو ڪونهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پنهنجي ڳالهه ختم ڪرڻ کان پهرين انهن سڀني دوستن جا ٿورا مڃيندس جن هن ڪتاب جي مسودي کي ڏٺو، پڙهيو ۽ قابل قدر تجوويزون ۽ قيمتي مشورا ڏنا.جن ۾ اشفاق ميمڻ، ڊاڪٽر رجب ميمڻ، ڊاڪٽر مير امان الله ٽالپر ، پروفيسر مشتاق ميراڻي، ظفر جوڻيجو، ڊاڪٽر شمس صديقي، نظير ميمڻ، اسلم بلوچ، نصير سارنگ ۽ يوسف لغاري شامل آهن.

انهن سڀني جوڻ ذڪر ڪجي جن هن قسم جي ڪمن لاءِ مونکي وقت بہ وقت همٿايو تن ۾ نظر ميمڻ، امان الله شيخ، ابرار قاضي، جامي چانڊيو، جاويد قاضي، جي اين مغل، ڊاڪٽر نذير شيخ، ڊاڪٽر شريف ميمڻ، بخش علي لاکو، ذوالفقارهاليپوٽو، حسن وساڻ، خادم ٽالپر، پروفيسرجي ايم ٽالپر،عبداحميد جعفري، شاهين خان، عابد چنا،پرويز ٻانيڻ، هريرام، علي غلام جوڻيجو، لڪومل،خادم سومرو، عبدالمجيد سومرو، يوسف ميمڻ ۽ وجي منڌاڻ شامل آهن. جتي مون يارن دوستن جي نوازشن جوذڪر ڪيو آهي اتي پنهنجي ڪن فڪري سونهن ۽ رهبرن ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، تاج صحرائي، ڊاڪٽر آفتاب قريشي، جي ايم قريشي وڪيل، بدر ابڙو،سيد غلام مصطفيٰ شاهه، انجنيئر عبدالرسول ميمڻ، انور قريشي، ڪامريڊ روچيرام وڪيل، نورالدين سرڪي کي بہ وساري نٿو سگهان.

سنڌ جي حوالي سان هيءُ ڪتاب لکندي سمورو وقت منهنجي ذهن ۾ لطيف سائينءَ جو هيءُ بيت هرندو رهيو آهي ۽ مان اهو بيت، سنڌ جي خوشحال مستقبل جي تصور طور، سنڌ کي ارپڻ چاهيان ٿو.

اڳڻ تازي، ٻهر ڪنديون، پڪا پٽ سونهن،
سرهي سيج، پاسي پرين، مر پيا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال ھُون برابر ڏينهڙا.

پروفيسر اعجاز قريشي

88– مسلم هائوسنگ سوسائٽي، حيدرآباد

ڪرسمس جو ڏينهن، 25 ڊسمبر، 2000ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچائيءَ لاءِ جيڪڏهن ماڻهو ڳولا ۾ آهي تہ اهو بنان مدد جي بہ سچائي ڳولي سگهي ٿو (برٽالٽ بريخت).

پورڻتا (مڪمل هجڻ /ڪامل هجڻ) جي دعويٰ ڪير بہ نہ ٿو ڪري سگهي، پر Perfection ڏانهن وڌڻ جو ارادو ۽ عملي جستجو تہ هر ڪو ڪري سگهي ٿو. ها، اها بہ ڳالهہ آهي تہ ارادا ٺهي نہ جڙن، هر ارادي ۽ تصور جي اسرڻ کان اڳ هڪ نہ ڪنڊڙ مايوسي اڳيان اچي وڃي!

اسان کي محسوس ٿيندو تہ اسين مڪمل طور مايوس ٿيندا آهيون، تڏهن ٿي اسان جي عمل ۾ ڪا پختگي ۽ مضبوطي پيدا نہ ٿيندي آهي. ممڪن آهي تہ منهنجو اهو چوڻ تہ "اسين سڀ مايوس آهيون" غلط هجي، ۽ اسان تي مايوسيءَ جي ڪنهن گهڙيءَ جوئي پور هجي! ۽ اسان ۾ گهڻا اهڙا ماڻهو موجود هجن، جن جا عزم ۽ ارادا سگهارا هجن، جن جي پاڻ کي خبر نہ آهي. باقي اهو هاڻ دستور ٿي ٿي ويو آهي تہ حوصلو رکڻ ۽ حوصلي رکڻ جون رڳو ڳالهيون ٿي ڪجن ٿيون تہ بہ چيو وڃي ٿو تہ اها "نعري بازي" آهي!

هڪ ڊگهي عرصي کان آئون اهو سوچيندو رهيو آهيان تہ اهو ڪهڙو سبب آهي جو ون يونٽ خلاف سنڌ ۾ هر گير قسم جي ڏڪار هئي ۽ ساڳئي وقت ان ظلم خلاف هر سنڌي باغي بڻيل هو! ان ڪانپوءِ جيڪڏهن اڳتي هلي سنڌ ۾ بي چينيءَ سبب ڪو تحرڪ پيدا ٿيو تہ اهو 1983ع جي "ايم آر ڊي" (جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ) هئي. هاڻي قومي معاملن تي يا اجتماعي مسئلن تي اسان ۾ هڪ تہ هم خيالي پيدا نہ ٿي ٿئي ۽ جيڪڏهن جزوي طور ٿئي بہ ٿي تہ ان ڏس ۾ مربوط ۽ منظم عمل جو فقدان هجي ٿو.

منهنجي نظر ۾ ان جا جيڪي اڪيچار سبب آهن، انهن ۾ ڪي ڳالهيون هي آهن.

(1) اسان جي سياست "حادثاتي" رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) اسين "اتفاق" جي انتظار ۾ رهندا آهيون.

(3) اسين دستبردار ٿيڻ جا عادي ٿي ويا آهيون.

پاڪستان ٺهڻ کان وٺي ون يونٽ قائم ٿيڻ تائين، ذوالفقار علي ڀٽي جي اچڻ کان وٺي نوازشريف جي آمد ۽ رفت تائين، پاڪستان جي سموري تاريخ سياسي حادثن سان ڀريل آهي، جنهن ۾ سنڌ کي هميشه اهڙو ئي ڪردار نصيب ٿيو آهي. جهڙو ٻن ڌرن ماڻهن تي مشتمل "قوالي پارٽي" ۾ شامل آخري ڇيڙي تي ويٺل تاڙيون وڄائيندڙ ڪنهن "همنوا" جو ڪردار هوندو آهي.

سيڪجهه پاڻ مرادو ٿيندو ويو آهي. ڪڏهن به ڪنهن اهو سوچڻ جي زحمت ئي نه ڪئي ته آخر *"سنڌ جي ماڻهوءَ جي مرضي به معلوم ڪجي."*

هاڻي ته اها حالت آهي، جو جيڪڏهن اوهين ڪنهن کان نيڪ نيتيءَ سان سنڌس راءِ به پڇو ته هو ان کي جمهوري طرز عمل سمجهڻ بدران پنهنجي خلاف "ڀچاٽو" سمجهندو. اسان کي اڳواٽي (قيادت) حادثن ۾ ملي. ڪڏهن اسان جو اڳواڻ 17 آڪٽوبر تي ٿوڙهيءَ جي واقعي سان پيدا ٿيو. ته ڪڏهن وري 30 سيپٽمبر جي واردات مان ڦٽي نڪتو.

ون يونٽ خلاف تحريڪ دوران به ايئن ٿيو. ڪيترائي آڳر وڏائي شهيدن ۾ شمار ٿيندڙ ماڻهو وڏا اڳواڻ ٿي ويا.

سنڌ جي بي چيني، سنڌي ماڻهن جي بي چينيءَ ۽ ڪاوڙ جي طاقت (Energy) هميشه موقع پرستن پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪئي. سنڌي عوام جي لوچ ۽ لوڇ پاڪستان ناهڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ته ڪيو، پر فائدو ته موقع پرستن کي ٿيو. اڄ تائين ايئن ٿو ٿئي. ون يونٽ کان پوءِ به ائين حادثن جي پيداواري حالتن ۾، جڏهن ڪانڊيرا "درخت" بڻجي سامهون ايندا آهن، ته سنڌي ماڻهن کي ابهن ڪانڊيرن تي قناعت ڪرڻي پوندي آهي..... . ان جو مطلب هرگز اهو ناهي ته سنڌي ماڻهو ڪوتاهه نظر آهن، پر ان جو واضح مطلب اهو آهي ته وٽن ڪا ٻي واٽ نه هوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرض ڪريون تہ هڪڙي سياسي پارٽي آهي، جنهن ۾ ڪن بہ معاملن تي ڏڙا بندي ٿئي ٿي ۽ اها تيستائين ظاهر نہ ٿي ٿئي، جيستائين ميڊيا تائين اها ڳالهہ پهچي يا پيدا ٿيل ڏڙن جي سهپ ختم ٿئي، پوءِ جڏهن باضابطہ ۽ واضح طور ڏڙا بندي ٿئي ٿي ۽ اها ظاهر پڻ ٿئي ٿي يا ڪئي وڃي ٿي تہ ڪو هڪڙو وڏو ڏڙو جنهن ۾ ڪي وڏا نالا شامل آهن، هڪدم پريس ڪلب جو رخ اختيار ڪندو آهي ۽ ڪنهن نئين سياسي پارٽيءَ جو اعلان ڪندو آهي.

ڪڏهن سنڌي ماڻهن اهو سوچيو آهي تہ هي پارٽيون، تنظيمون ۽ ادارا جيڪي انهن لاءِ ٺاهيا ويا آهن، اهي پنهنجن سيني وڏن ۽ اهم فيصلن ۾ ڪڏهن بہ ڪين شريڪ نہ ٿا ڪن؟ ڪڏهن بہ ماڻهن کان سندن راءِ نہ ٿي پڇي وڃي، ڇو؟

پارٽي ٺاهڻ کان وٺي ڊاهڻ تائين، عوام کان پڇيو ئي نہ ٿو وڃي. باقي هلو هلو 17 جنوري، 17 مارچ، 17 آڪٽوبر، 4 مارچ، 21 مارچ، 4 اپريل، 30 آگسٽ ۽ 30 سيپٽمبر ملهايون! ماڻهو کپن. هر پارٽيءَ، هر ڌر ۽ هر ڌڙي کي ماڻهو کپن، تہ جيئن اهو ظاهر ڪجي تہ اسان جو ڌڻ بہ وڏو آهي.

حادثاتي طور تي پيدا ٿيندڙ سياست ۽ سياستدانن سنڌ جي ماڻهن کي هميشہ اڻ ڄاڻ ۽ بي خبر ئي رکيو. نتيجو اهو نڪتو، جو اسان وٽ هميشہ انتظار رهيو تہ ڪو مسيح يا مهدي ايندو، جيڪو اسان کي نجات ڏياريندو. جهالت جي ان کان وڏيڪ پيدا ڪيل بي ڪهڙي گمراهي هوندي، جو اسان مان خودياوري ۽ خود انحصاري ختم ٿي وئي ۽ اسان هر ڳالهہ ۾ ٻين تي ڀاڙڻ شروع ڪيو.

"ڪر" جنهن ڳالهہ جو نالو آهي، اها ڳالهہ ڄڻ اسان لاءِ منع آهي. جهالت جي راڄ ۾ رهندي اسان مان سڀ سٺا گڻ هوريان هوريان موڪلائي وڃن پيا ۽ اوگڻ ڪثرت ۾ اچي ويا آهن. پر ان جو اهو مطلب ناهي تہ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجتماعي ڪوتاهين جو الزام ڪنهن بيءَ ذر تي هڻجي ۽ چئجي تہ طويل قومي ۽ طبقاتي پسماندگيءَ سبب اسان کان اخلاقي قدر ڇڏائجي ويا آهن. سچ تہ اهو آهي تہ فرد هجي يا جماعت، جڏهن ذلتن مان سکندا نہ آهن، تہ زندگي انهن کي ڪجھ بہ ڪو نہ سيکاريندي آهي. ۽ زندگي اسان کي ڇا ڇا نہ ٿي سيکارڻ چاهي، ! پر اسين "محروم" ٿي مري ٿا وڃون، "ماهر" نہ ٿا ٿيون.

هي ڪتاب لکندي، مون دل جي گهراين سان اها ڪوشش ڪئي آهي تہ عام ۽ سادي ٻوليءَ ۾، سهڻن چٽن واريءَ لفاظيءَ کان پاڪ اهڙي بامقصد ڳالھ ڪجي، جنهن کي هر قسم جي ذهني سطح وارو ماڻهو پڙهي ۽ هنڊائي سگهي. لکڻ کان اڳ ۾ مونکي ان قسم جو پڻ خيال آيو تہ ڪي ماڻهو اهڙا بہ هوندا، جن کي هن تحرير پڙهڻ کان محض ان ڪري بہ عار هوندو، جو انهن لاءِ منهنجي شخصيت اڻ وڻندڙ هوندي، ۽ ان جا ڪيترا ئي سبب بہ ٿي سگهن ٿا. پر سنڌ لاءِ سوچيندي ۽ هيءُ ڪتاب لکندي اهو ضرور عرض ڪندس تہ اهم ڳالھ اها ناهي تہ پيغام ڏيندڙ ڪير آهي، اهم ڳالھ اها آهي تہ پيغام ڇا آهي؟ پيغام جي افاديت کي اڳيان رکجي. پيغام ڏيندڙ کي بحث جو موضوع بڻائي، فروعي معاملن ۾ اٽڪي نہ پئجي. پر پوءِ بہ آءُ رضاڪارانہ طور تي پنهنجو پاڻ کي هميشہ وانگر سنڌ جي ماڻهن جي اڳيان پيش ڪيان ٿو تہ اهي پلي ملھ ڪٿ (Evaluation) ڪن تہ مون سنڌ جي فائدي يا گهاٽي ۾ ڇا ڇا ڪيو آهي. ماڻهن کي پڇڻ جو حق ڏيڻ مونکي منهنجي پيشي سيکاريو آهي، جو مان لڳ ڀڳ 30 ورهيہ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ درس تدريس جي شعبي سان وابستہ رهيو آهيان. هڪ استاد جي حيثيت ۾ سوال پڇڻ جو حق رکڻ ۽ حق ڏيڻ نہ رڳو منهنجي مشق ۽ عادت رهي آهي، پر مون ان عمل کي وڌايو ويجهايو بہ آهي.

جيتوڻيڪ مونکي قطعي ضرورت ڪانهي تہ مان پنهنجي لاءِ پاڻ احتساب جي گهر ڪيان. پر هڪ بهتر روايت جو بنياد وجهندي ۽ هن ڪتاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اهميت جو احساس ڏيارڻ لاءِ پنهنجي پڇاڻي جو حق سنڌ جي 3.5 ڪروڙ ماڻهن کي ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو.

هڪ ڊگهي عرصي کان وٺي اها تڙپ ۽ طلب رهي آهي ته سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي زندگيءَ ۾ رونق آڻڻ لاءِ منظم ۽ سائنسي انداز ۾ گڏيل جستجو ۽ جاکوڙ ڪجي. ۽ هر ڏسا ۾ ترقي ۽ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪجي. منهنجي اڳيان به ٻين وانگر اهو سوال ڪر ڪٽي بيهندو هو ته ”خيال ته سڀ نيڪ آهن. رٿائون به پليون آهن. پر عمل ڪير ڪندو؟“ پر جيڪڏهن پاڻ ئي عمل ڪجي ته ڇا گهربل نتيجا نڪري سگهندا يا نه؟ منزل ڏانهن وڌندي همسفر اڌ رستي ۾ اڪيلو ته نه ڇڏي ويندا؟ سونهان ۽ راهرو رهزن ته بڻجي نه ويندا. ڪاروان ڪنهن رڃ ۾ رلي ته نه ويندو. ڪي ”بروٽس“ پٺيان اچي خنجر ته هڻي نه ڪڍندا؟ سچ پڇو ته اهي سوال آهن جيڪي مان سمجهان ٿو ته هر ان سنڌي ماڻهوءَ جي ذهن ۾ آهن. جيڪو هزار ويساهه گهاتين ٿيڻ ڪانپوءِ به قوم ۽ ڌرتيءَ لاءِ سوچي ٿو. لوچي ٿو. لڇي ٿو ۽ ڪجهه ڪرڻ لاءِ بي چين ۽ بي تاب آهي. پر ڇا ڪجي. جو هر حساس سنڌي اڳ ئي خائف آهي. هر بار اعتبار لٽجڻ ڪانپوءِ هر ڪنهن ۾ ايترو دم نه هوندو آهي. جو انسان ۾ ايمان قائم رکي سگهي. اتان مايوسي پيدا ٿيندي آهي ۽ مايوسي، گئنگرين بيماريءَ وانگر آهي. ويندي آهي پکڙجندي، وڌندي، والاريندي ۽ وگهرائيندي.

شايد اهو ئي سبب آهي. جو اسين پنهنجي هر حق تان دستبردار ٿي رهيا آهيون. پر ان حد تائين، جو هاڻ اسان کي اها سڌ به نه رهي آهي ته اسان جا ڪهڙا حق آهن؟ اسان جي نسل جو اسان کي احساس ناهي. اسين لتاڙجي رهيا آهيون. پر پوءِ به ڪا رڙ ۽ داهن نه ٿا ڪيون. حادثا ۽ آفتون ئي اسين پنهنجو مقدر ڄاڻي ڪري ٿا ڇڏيون.

ان سڄيءَ صورتحال کي سامهون رکندي هڪ ڊگهي عرصي کان آءٌ سوچيندو رهيو آهيان ته هڪ جامع ۽ مربوط رٿابندي ڪجي. کوجنا ڪجي ته

اجو نه ”نئين سنڌ“ جي تعمير ڪريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر اسان جو سماج لاعلاج ڇو ٿو محسوس ٿئي! سنڌ جا لڳ ڀڳ سمورا ادارا تباهه ڇو ٿيا آهن. چوڦير افراتفري ۽ نفسانفسي ڇو آهي؟ سرڪاري توڙي غير سرڪاري وسيلن خرچ ٿيڻ کانپوءِ پيداوار يا اپٽ (out put) ڏسڻ ۾ ڇو ڪا نه ٿي اچي؟ ڇا، بهتري اچي سگهي ٿي يا نه؟ بهتري ايندي ته ڪيئن ايندي؟ هي سڀ سوال وارو وار ڪندا رهندا آهن ۽ ساڳئي وقت سيني سوالن جا جواب به اکين ۾ ڪيئي شڪايتون ڪٽي هوريان هوريان پيا رڙهندا ايندا آهن. منهنجو ايمان آهي ته دنيا جو ڪو به اهڙو مسئلو ڪونهي، جنهن جو ڪو حل نه هجي. هر مسئلو پاڻ سان گڏ پنهنجو حل ڪٽي ايندو آهي.

سماجي ترقيءَ جي مختلف ڪيترن ۾ ڪم ڪندي ۽ اقتصاديات جي طالب علم هجڻ جي حيثيت ۾، مون تاريخ جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي مختلف معاملن کي ڏاڍي خبرداريءَ سان مطالعي هيٺ رکيو آهي ۽ آءٌ سنڌ جي بهتريءَ جي حوالي سان پر اميد آهيان. مان هزارين مثال ڏيئي اميد افزا ڳالهيون ڪري سگهان ٿو. پر هن موقعي تي چاهيندس ته حقيقت پسنديءَ تي ۽ بنهي مثبت ۽ منفي امڪانن واريون ڳالهيون ڪجن ته جيئن هاڻ "ڳالهيون" ئي نه رهن پر حڪمت عمليءَ جي به ڪا صورت بڻجي سامهون اچي.

دنيا جهان جي سياسي، سماجي، معاشرتي، اقتصادي ۽ ثقافتي ترقيءَ جي ڏسڻ کانپوءِ مون وٽ اهو يقين محڪم ٿي ويو آهي ته جيڪڏهن سنڌ واسي چاهين ته سنڌ کي هڪ جديد مثالي خوشحال رياست بڻائي سگهجي ٿو. سنڌ سماجي ۽ اقتصادي طور پاڻ پيري ٿي سگهي ٿي. سنڌ جو جنت بڻجڻ ناممڪنات ۾ ناهي.

جيتوڻيڪ هن وقت هر سماجي ۽ سياسي اڳواڻ حالتن کي منجهيل (Complicated) قرار ڏئي، پنهنجي مطلب جي اصطلاحن (Terminology) کي مروج ڪرڻ لاءِ مختلف راڳ آلاپي، مايوسيءَ ۾ واڌارو ڪري ٿو. پر پوءِ بنان ڪنهن خوش فهميءَ ۾ پوڻ جي اهو اقرار ڪيون ٿا ته حالتون نهايت ڳنڀير آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين ڄاڻون ٿا تہ موجوده صدي سڄيءَ انسانذات لاءِ ڏاڍي فيصلہ ڪن صدي آهي. دنيا جي لڳ ڀڳ سمورن اقتصاديات جي ماهرن ۾ ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ هيءَ صدي ”اقتصادي طاقت“ جي صدي آهي. سنڌ اهڙو محروم خطو آهي، جنهن جو پنهنجي اقتصاديات تي ڪو بہ ڪنٽرول ڪونهي.

اقتصادي آزادي نہ هجڻ ڪري اسان جي سياسي، سماجي، ثقافتي، تهذيبي، علمي ۽ ادبي ترقي نہ ٿي سگهي آهي. سنڌ جا مصائب ايترائي پراڻا آهن، جيترو هي ملڪ پراڻو آهي ۽ سنڌ جي اقتصاديات کي تيستائين نہ ٿو سمجهي سهگجي، جيستائين سنڌ جي اقتصاديات کي تباهہ ڪندڙ سياسي سببن کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪبي، ڇو تہ سنڌ جي گوڏن ڀر گسڪندڙ اقتصاديات جي انهيءَ حالت پنيان اهي سياسي فيصلا آهن، جيڪي سنڌ جي مٿان مڙهيا ويا آهن.

سنڌ هن ملڪ جو شاهوڪار صوبو آهي، جنهن کي پنهنجو بندرگاهہ آهي ۽ ملڪ جو وڏي ۾ وڏو بين الاقوامي هوائي اڏو آهي. 80% کان وڌيڪ ٻاهرين سيڙپ ۽ ڪاروبار ڪراچي ۾ ٿئي ٿو، جيڪو اٽڪل ساليانو 25 ارب ڊالرن جو هجي ٿو. ملڪي توڙي بين الاقوامي ۽ غير ملڪي مالياتي ادارن، بئنڪن ۽ ملٽي نئشنل ڪمپنين جون اٽڪل 90% آفيسون ڪراچي ۾ آهن. پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي اسٽاڪ ايڪسچينج مارڪيٽ ڪراچيءَ ۾ ئي آهي. ۽ اها ڪراچي آهي، جيڪا هن ملڪ جو سڀ کان پراڻو ۽ وڏو صنعتي علائقو آهي. ان کان علاوه هن وقت سنڌ ملڪ جو گهڻي ۾ گهڻو تيل پيدا ڪندڙ صوبو آهي. سنڌ ۾ ڪوئلي جا ذخيرا آهن. لاڙڪاڻي ۽ دادوءَ ڪانپوءِ ٿر مان بي انتها ڪوئلي جا ذخيرا ملڻ سنڌ جي معدني دولت جي ڪثرت کي ظاهر ڪن ٿا. گرئنائيٽ، چائنا ڪلي، سنگ مرمر، گئس ۽ ٻين معدنيات ۾ سنڌ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ ڪنهن بہ حوالي سان پوئتي ڪانهي. زراعت جيتوڻيڪ تباهيءَ جي ڪناري تي پهچائي وئي آهي، پر اڄ اڪثر فصلن ۾ سنڌ جون زمينون ملڪ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقي ٻين صوبن جي زمينن جي پيٽ ۾ في ايڪڙ پيداوار وڌيڪ ٿيون ڏين. بيشڪ سنڌ زراعت ۾ پنجاب کان پوءِ ٻئي نمبر تي گهٽي اپت ڏيندڙ صوبو آهي، پر سنڌ تقريبن سيئي جنسون اپائيندڙ اهڙو صوبو آهي، جيڪو پنهنجي آباديءَ جي پيٽ ۾ وڌيڪ زرعي اپت جو حصو مهيا ڪري ٿو. ساڳئي وقت وفاقي ٽئڪسن ۽ محصولن ۾، سنڌ جنهن جي آبادي ملڪ جو 23 کان 24 سيڪڙو آهي، 70 سيڪڙو ادا ڪري ٿي، جيڪا ملڪي قومي آمدنيءَ جو 50 سيڪڙو ٿئي ٿي.

باوجود جو سنڌ ڏاڍي امير آهي ۽ سنڌ وٽ خدا جو ڏنل سڀ ڪجهه آهي، پر اسان جي عام ماڻهن جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي آهي، اسين "پدم پتي فقير" وانگر سڀ ڪجهه هوندي به مفلسي جي تصوير آهيون. روزانو سنڌ ۾ درجن کن ماڻهو جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن، آپگهات ڪن ٿا. هنن مان ڪجهه واقعا ته رپورٽ ٿين ٿا ته ڪجهه ٿين ئي ڪونه ٿا. روزگار ختم ٿي ويا، نوڪريون بند آهن. ڪو به ڪم رشوت کان سواءِ ڪونه ٿو ٿئي. مهانگائي ايتري وڌي وئي آهي، جو مرڻ تان ارواح ڪڇي ٿو وڃي، ۽ ڪفن دفن ڪرڻ جي به ماڻهن ۾ طاقت نه رهي آهي. بدامنيءَ جو دؤر آهي. ڏاڍي جي لٺ ڪي ڀ متا آهن. سماجي برايون، نشو واپرائڻ، بداخلاقي، دلالي، زنا، جوا، چوريون ۽ ڌاڙا هاڻ پيشي جو روپ اختيار ڪري ويا آهن. سنڌ جون زمينون پڙپانگ ٿي ويون، صنعت تباهه ٿي وئي، اقتصاديات ختم ٿي وئي، هر طرف بربادي ئي بربادي آهي! ان جي باوجود به ڪو هوش ڪونهي! هيڏا عذاب ۽ ذلتون اسان ڪي با شعور ۽ منظم ڪري نه سگهيا آهن! خبر ناهي ڪهڙي قيامت اچي اسان کي جنهنجهوڙي جاڳائيندي؟

- سنڌ سان ٿاٽي واري ٺاهه (اين ايف سي اوارڊ) ۾ به اڪيائي هجي يا پاڙيءَ جي چوريءَ بلڪ سينڌ زوريءَ جي واردات هجي، اسين هر معاملي ۾ بي يارو مددگار ۽ لاچار محسوس ڪيا وڃون ٿا. اسين پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي مرضيءَ مطابق ان ڪري هلي نہ ٿا سگهون. جو اسين سياسي، اقتصادي، معاشي، سماجيءَ هر لحاظ کان قابو آهيون. اجان ڪهڙا جاڙ ڇڻيا. جو گذريل پنجن ورهين کان سنڌ جا سمورا ترقياتي ڪم بند آهن! سنڌ جا وڏا پراجيڪٽ رد ڪيا ويا. ڪيٽي بندر جهڙو پراجيڪٽ ختم ڪيو ويو. تہ مان لنڊل ڪوئلي جي ڪوناٿيءَ وارو پراجيڪٽ اڌ ۾ رلي ويو. پيو تہ نهيو پر سنڌ مان حاصل ٿيندڙ گئس ۽ تيل جي سنڌ واسين کي رائلٽي جو حق حاصل ڪونهي. گئس ۽ تيل ڳوليندڙ ملڪي توڙي پرڏيهي ڪمپنين ۾ سنڌين لاءِ نوڪرين جا دروازا بند آهن. هڪ اندازي مطابق سنڌ جي 1/3 کان وڏيڪ آبادي غربت جي ليڪ (Poverty Line) کان هيٺ واري زندگي گذاري رهي آهي. 1977ع جي مارشل لا کانپوءِ سنڌ جي ترقيءَ جي رفتار کي نہ رڳو اسپيڊ بريڪر ڏئي گهٽايو ويو. پر ان کي روڪي بنھ بيهاري ڇڏڻ جون ڪوششون بہ ڪيون ويون. خاص طور نواز شريف جو آخري حڪومتي دؤر سنڌ لاءِ انتهائي هاڃيڪار ثابت ٿيو. سنڌ ۾ گذريل 20 ورهين کان زمين جي پيداوار گهٽجڻ سان زراعت هيٺ آيل زمين گهٽجي پئي. 1980ع کان پوءِ پنجاب ۾ زرعي (آبادي لائق) زمين ۾ 9.83% سيڪڙو واڌ آئي آهي. سرحد ۽ بلوچستان ۾ ترتيبوار 5.01% ۽ 7.56% سيڪڙو پوک لائق زمين ۾ واڌارو ٿيو آهي ۽ هيڏانهن سنڌ ۾ 20.31% سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي! (عامر شيخ، روزانہ ڊان ڪراچي، مارچ 1999ع)

ساڳيءَ ريت اسان ۽ توهان جي اکين اڳيان سنڌ جي صنعت جي تباهي ۽ پنجاب ۾ بي انتها ترقي ٿي آهي. نوري آباد جيڪو سنڌ جو صنعتي زون هو ۽ جتي 400 ڪارخانا هئا. هاڻ اتي 40 ڪارخانا بہ ڪونهن. تعليم جي تباهي بہ نظر اچي پئي، اسان جي تعليم کي هٿ وٺي ختم ڪيو پيو وڃي. ڪاپي ڪلچر کي ختم ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ سنڌي شاگردن کي ورهين جا ورهيہ پوئتي رکڻ لاءِ هاڻي انٽر ميڊيئيٽ جي امتحانن جو انجنيئرڊ. هٽرادو آندل، رزلٽ جاري ڪيو ويو آهي. ادبي ادارن تي بحت ڪرڻ ئي اجايو آهي. سائنس جي فروغ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائنسي تعليم جي واڌاري لاءِ ڪي بہ ادارا ڪونهن. سماجي سائنس جي ادارن ۽ فئڪلٽين ۾ تحقيق جا دروازا بند آهن. سنڌ جو ترقياتي ڍانچو تمام گهٽ جد تائين برباد ٿي ويو آهي. هڪ اڌ سؤ ڪلو ميٽر ڇڏي، سنڌ جا سمورا هاءِ ويز، روڊ، لنڪ روڊ ۽ ننڍا رستا، پليون، بند، بچاءُ بند، عمارتون، سڀ جون سڀ زبون حاليءَ جو شڪار آهن. اسان جا ثقافتي ادارا ۽ آثار قديمہ انتهائي ابتر حالتن تي وڃي پهتا آهن. سرڪاري دفترن ۾ وڃجي ٿو تہ محسوس ٿئي ٿو تہ ڪنهن ويران مقبري ۾ پهچي ويا آهيون. ڪو نظم ۽ ضبط ڪونهي. شهرن جا شهر ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ، هاڻي گندگيءَ جي ڍيرن ۾ تبديل ٿي ويا. هر طرف گٽر اٿليل آهن. سنڌ جو ڪو بہ اهڙو ڳوٺ، وستي، واهڻ يا شهر ڪونهي، جتي سمورو ڏينهن ڌوڙ وسندي نہ هجي. مٽي، ڪچرو ۽ گوڙ اسانجي زندگيءَ جو معمول بنجي ويو آهي. ائين لڳندو آهي تہ اسين بدبوءِ سان هري ويا آهيون، بيمارين ۽ جراثيم پنهنجي لاءِ ضروري سمجهڻ لڳا آهيون، ۽ انهن ڪانسواءِ اسان جو جيون جڻ اڌورو آهي! قدرتي آفتون ۽ تباهيون بہ اسان تي ائين ڪڙڪن ٿيون، جيئن ڏبري ڍور تي مچر مارو ڪندا آهن. غير سرڪاري تنظيمن /ادارن جي هڪ تہ ايڏي ڏگهي قطار ڪانهي، ۽ بيو تہ جنهن سماج مان اهي ڦٽي نڪرن ٿا يا ائين چئجي تہ انهن ادارن /تنظيمن کي هلائڻ وارا جنهن سماج جي پيداوار آهن جنهن سماج لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو سماج ايترو بدعنوان آهي، جو اتي ايمانداريءَ جو تصور ان شخص سان ئي وابستہ ڪري سگهجي ٿو جنهن کي يا تہ طريقا نہ ٿا اچن يا وري کيس بدعنوانيءَ جا موقعا ئي ميسر ناهن. ان ڳالهہ ۾ ڪٿي وڌاءُ بہ هجي، بهرحال ان ۾ تہ ڪو شڪ ناهي تہ نيڪ نيتيءَ ۽ ايمانداريءَ سان اڪثر ماڻهو ڪم ڪونہ ٿا ڪن ۽ اهو سڀ ڪجهہ غير سرڪاري ادارن /تنظيمن ۾ بہ ٿئي ٿو. بيشڪ تمام ضروري آهي تہ ان شعبي تي بہ ڪڙي نظر، تنقيد ڪرڻ ۽ ڇڪاس رکڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر وڏي ڳالهہ اها آهي تہ ان صورتحال ۾ ڪهڙا رستا اختيار ڪجن. اهي تمام ڳنڀير سوال آهن. هونئن تہ برابر اسان وٽ سياسي ۽ سماجي پليٽ فارمن ۽ ٻين مختلف فورمن تان تقريرون، ليڪچر ۽ ننڍا وڏا بيان جاري ٿيندا آهن. ڏکيون ڳالهيون ۽ مناظرا ٿيندا آهن. ڇا ڇا نہ ٿيندو آهي پاڻيءَ ولوڙڻ واري انهيءَ ڪريا ڪرم (Ritual) ۾!؟ اسان جي بي عملي، ڪاهلي، سستي ۽ رڳو تقرير بازي ڪرڻ جي هن پختيءَ عادت جا ڪهڙا ڪارڻ آهن. ان تي الائي ڇو سوچڻ جي تڪليف ڪرڻ بہ گوارا نہ ٿي ڪئي وڃي!

آءٌ گذريل ڇٽن ڏهاڪن کان سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تبديلين کي ڏسندو رهيو آهيان. پنهنجي محدود علم، عقل ۽ سمجهہ آهر مون معاملن کي غور سان ڏٺو آهي. منهنجي مشاهدي هيٺ ڪيترائي لاها چاڙها آيا آهن. منهنجو مختصر مطالعو چوي ٿو تہ تاريخ جي ڪنهن بہ دؤر ۾ اسين سنڌي ايترا خود غرض، موقع پرست ۽ ذهني غلاميءَ ۾ جڪڙيل نہ رهيا آهيون، جيترا 1977ع کان پوءِ ٿيا آهيون، ۽ پوءِ اهو سلسلو هلندو رهيو آهي. ”چري ڪيئن ؟ چي ويرئون وير وڌ!“ ۽ ان جو وڏو سبب آهي ”سنڌ جي سياست جو ايئن تبديل ٿيڻ“. سياست، جنهن جو مقصد ”سماج کي بهتريءَ ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ با اختيار ٿيڻ جي گڏيل جدوجهد“ هوندي آهي، ان کي فقط ”پاڻ کي با اختيار بڻائڻ“ سمجهيو وڃڻ لڳو. سياست اهڙو ڪيتر آهي، جيڪو سماج جي باقي سمورن ڪيترن تي پنهنجا اثر ڇڏيندو آهي. اسان جي بدقسمتي اها رهي، جو اسان جي مڪاني (قومپرست) توڙي ملڪي سياست ۾ عام ماڻهوءَ جي بہ شرڪت نہ رهي. ها، ايترو رڳو ٿيو، جو ذوالفقار علي ڀٽو دؤر ۾ سنڌي ماڻهن کي پهريون ڀيرو اهو ڏڃ مليو تہ اقتدار جي مسند تي ويٺل حاڪم سندن هم زبان آهي!

اسان وٽ هتي ڪيترن ئي ڏرين، قومپرست ڌڙن /گروپن جو اهو خيال رهيو آهي تہ اسان جي هر زوال جو سبب اسانجي جاگرافيائي آزادي نہ هجڻ آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اسانجي سمورن مسئلن جو حل سنڌ جي مڪمل آزاديءَ ۾ آهي. ڪجهه سياسي گروپن جو خيال اهو به رهيو آهي ته اسين جيستائين طبقاتي اڻ برابري ختم نه ڪنداسين ته قومي آزاديءَ جو سوال به پري آهي. ۽ ڪجهه ڌرين جن ۾ وفاق پسند جماعتون هيون جن ڪي اقتدار ۾ به حصو پتي مليو، تن قومي ۽ طبقاتي ٻنهي جدوجهدن جي ڳالهه ڪئي. ڪي هن صوفين جي سرزمين ۾ ڪميونزم امپورٽ ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندا رهيا، ڪن ڪي اقتدار جي ايوانن ۾ وڃڻ ۽ پارلياماني سياست ڪرڻ ۾ ئي سنڌ جو ڇوٽڪارو نظر آيو. ڪجهه ماڻهو اهڙا به ساماڻيا، جن ڪي هر ڳالهه ۾ ڪفر ۽ الحاد ڏسڻ ۾ آيو ٿي، انهن ماڻهن ڪي سنڌ جي روڊ رستن جي نالن ڪان وٺي شهرن ۽ ويندي طوائف جي ڪوٺن ڪي مذهب جي رنگ ۾ رنگڻ جو جنون هو.

اهي سڀ ڌريون، فرد، گروهه ۽ ڌڙا هتي نعري بازي ڪرائڻ،چاڪنگ ڪرڻ، جلوس جلسا ڪڍڻ، تقريرن جهاڙڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڪري سگهيا آهن. سنڌ جي سياسي پارٽين مان اڄ به انهن جي لاٽرين ۽ نعري باز نوجوانن تي مشتمل اسٽوڊنٽس ونگ ڪي ڪڍي ڇڏجي ته عملن اهي پارٽيون اسڪرين تان ئي آئوٽ ٿي وينديون.

هن سڄيءَ ڳالهه جي تفصيلي طرح ذڪر ڪرڻ جو مقصد اهو آهي:

(1) اسانکي پنهنجي محرومين لاءِ ڪنهن هڪ ڌر تي الزام هڻي، پنهنجي پاڻ کي هر ڏوهه کان آجو رکڻ يا ڪرڻ نه گهرجي.

(2) سياست جي نانءَ تي ٿيل ظرافت يا ڪيڏ بازيءَ جا پيدا ڪيل خراب اثر ختم ڪرڻ لاءِ صحيح سياست متعارف ڪرائجي.

(3) صاف سٿري ۽ ماڻهن مان پيدا ٿيل سياست ۽ سماجي ترقيءَ واري ڪيتر ۾ هڪ مختصر فرق ڪانسواءِ باقي سڀ ڪجهه ضم (Merge) هجي، همصورت هجي، جو سنڌ جي هر سياسي پارٽي يا ڌر پنهنجي جوهر ۾ سياسي واڌو سماجي (Socio-Political) ٿي وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ان ڪري به اشد ضروري آهي، جو سنڌ جي سمورن سورن ۽ عذابن جو مکيه سبب اهو آهي ته سنڌ جا سياسي معاملا اسان لاءِ مسئلا (Issues) بڻجي نه سگهيا ۽ جيڪي مسئلا ئي نه (Non-Issues) هئا. اهي سنڌ کي وڏن مسئلن جي صورت ۾ پوڄڻا ۽ برداشت ڪرڻا پيا ۽ پوندا رهن ٿا.

ڪڏهن به ڪنهن سوچڻ جي زحمت نه ڪئي ته سنڌ جي ڪنهن علائقي جي ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ جو مسئلو ايترو ئي سياسي آهي، جيترو ڪنهن اداري مان سنڌي ملازمن جي برطرفي يا ڇانٽيءَ وارو معاملو. پر هتي واقفيت (Orientation) نه هجڻ ڪري معاملا/مسئلا ڌيان ۾ اچي يا رکجي (Address) ئي نه سگهيا آهن. صحت صفائيءَ جا ۽ ٻيا ترقياتي ڪم، تعليم جي بهتري، نشي جي ڪاروبار بند ڪرائڻ، برائيءَ کي ٻنجو ڏيڻ، وغيره ڪنهن نه ڪنهن "اين جي او" جا ڪم سمجهيا ويندا آهن، جڏهن ته ووٽر لسٽن جو سنڌيءَ ۾ ڇپجڻ وري سياسي ماڻهن جي مٿي ۾ سور قرار ڏنو ويندو آهي. ٺيڪ ته ايئن کپي ته جيڪي سياسي ادارا آهن، اهي پنهنجي سياسي عمل کي ماڻهن جي عام ۽ ننڍن ننڍن مسئلن ۽ معاملن کان ڌار نه رکن ۽ ساڳئي وقت سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ فرد توڙي تنظيمون پڻ اهو ضرور سوچين ته سماج جي هر اڻ برابري، اڻ هوند ۽ اڻاٺ پٺيان سياسي ڪارڻ موجود هوندا آهن. سياست جي پسماندگي ئي سماج جي پسماندگي آهي. اهو ئي سبب آهي جو سموريءَ دنيا ۾ اڄڪلهه غربت جي خاتمي (Poverty Eradication) يا غربت جي گهٽتائي (Poverty Alleviation) لاءِ جيڪي به وڏا وڏا پروگرام جڙي رهيا آهن، انهن جي پورائيءَ يا تڪميل (Implementation)کان اڳ ۾ فيزيبلٽي رپورٽ يا عملي طور امڪان ۾ آڻڻ جي رٿا لاءِ "بهترحڪمرانيءَ جي موجودگيءَ" کي اهم جز (Factor) تصور ڪيو ويندو آهي.

جيستائين ڳالهه کي اڃا به مختصر ۽ سادو ڪجي ته نه رڳو سنڌ ۾ پر عالمي سطح تي به ساڳي ويڌن اهي ته سماج وادي (سوشلسٽ) ذر هجي يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمائيدار (ڪئپيٽلسٽ) ذر هجي، پنهنجن پنهنجن نعرن ۽ اصطلاحن ۾ دنيا جي امن ۽ ترقيءَ جي ڳالهہ ڪن ٿيون. ٻنهي ڌرين وٽ عام ماڻهن جي ڇڪيلائي، جي دعويٰ ۽ نظريو برابر موجود آهي. پر عملن ”شرڪت“ ڪانهي. حن اشراڪ جي ڳالهہ تي ڪئي، انهن وٽ اشتراڪ نہ هو. ۽ جن اشتراڪ جي مخالفت تي ڪئي، ۽ جمهوريت تي زور ڏنو تي ۽ ”عوام“ کي شريڪ ڪرڻ جا اعلان ڪيا تي پر عوام اتي بہ مداريءَ جو ”پٽ جمهورو“ ٻٽيل هو. جيئن مداري چاهيندو هو، تيئن ”پٽ جمهورو“ ڪندو هو. اها عوام جي قسمت رهي آهي تہ ان کي ان راند ۾ ٻارهون رانديگر (Twelfth man) رهڻو پيو آهي.

دنيا جهان جي ترقي ۽ ترقيءَ ڏانهن تيزيءَ سان ڪڇندڙ وکون بس هڪڙو ئي سبق ڏين ٿيون تہ زندگيءَ جو کهڙو بہ شعبو هجي، جيڪڏهن سماج کي ان ۾ ڪو ڪمال بخشڻو آهي، ڪو اوج ۽ عروج ڏيڻو آهي، ڪا تابندگي، پائداري ۽ ڪو دوام عطا ڪرڻو آهي، تہ ان ۾ ماڻهن جي شرڪت ضروري آهي. هيءَ وقت اهي، جڏهن ”شرڪت“ اسان جو نصب العين بڻجڻ گهرجي. هن وقت ڪان پوءِ بہ جيڪڏهن اسين ”شرڪت“ کي پنهنجي منشور طور نہ ٿا عمل هيٺ اٽيون تہ پوءِ ترقي تہ نهيو، پر اسين پنهنجا نقصان بہ گهٽائي نہ ٿا سگهون. اسين ڊاڪٽر آهيون يا ماستر، اسين وڪيل آهيون يا سماجي ڪارڪن، اسين جيڪي ڪجهہ اهيون، آخر ڪنهن لاءِ آهيون؟ حيرت اها آهي تہ هتي هر ماڻهو خدمت جي دعويٰ ڪري ٿو، پاڻ کي مفيد ۽ ڪارائتو بيان ڪري ٿو، پر صورتحال اها آهي تہ فائدي جا گهرجائو يا وسدڙ (Beneficiaries) اُن کي سڄاڻن ڪو نہ ٿا، سڄاڻن ٿا تہ ويجهو ڪو نہ ٿا اچن ۽ جيڪڏهن اُن جي ويجهو اچن ٿا تہ مٿس اعتبار ۽ اعتماد ڪو نہ ٿا ڪن. غريب ماڻهو بکيا ۽ ڏکيا ضرور اهن پر بيوقوف ناهن. اهي جيڪڏهن هر جلسي ۽ جلوس ۾ تاڙيون وڄائي، نعرا هڻي ۽ جهمريون پائي موني ٿا اچن تہ ان جو سبب اهو ناهي نہ هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طلسمي تقريرون ۽ هوشربا اداڪاريءَ ۾ وڪوڙجي سحر زده ٿي ويا آهن ۽ هاڻي اهي هر "ناٿ ڊڪ ۽ هٽري" جي شان ۾ قصيدا ۽ مدحون پيا ڳائيندا.

منهنجو ايمان آهي ته سنڌي ماڻهو نسل در نسل زندگيءَ جي ذلالتن سهڻ ڪان پوءِ به هوش ۽ حواس ۾ آهي. هن جي مت ڪم ڪري ٿي. هو نه ٽڪو آهي، نه ڊنو آهي، نه ڪريو آهي.مطلب ته هن آڻ ڪانه مڃي آهي. اڄ به هن کي رڳو همت ڏيارڻي آهي، اتڻ جو ساٿ ڏيڻو آهي، هن جي همت وڌائڻ لاءِ هن کي آٿت ڏيڻو آهي. ۽ پوءِ جڏهن هو اٿي کڙو ٿئي ته کيس سماجي رهنمائي مهيا ڪري هڪ برجستو، منظم، قابل ۽ ڏاهو انسان بنائڻو آهي.

ايئن به سدائين نه ٿيندو آهي ته هارايل آڻ به مڃيندو آهي. ويٽنام جي آبادي لکن ۾ مس هئي ۽ انهن ۾ وڙهڻ وارا تمام ٿورڙا هئا پر پوءِ به ڪروڙن جي آباديءَ واري سپر پاور کي شڪست ڏئي ثابت ڪيائون ته سوڀ، هٿيارن ۽ لشڪر جي بنياد تي نه پر سرفروشيءَ ۽ وطن پرستيءَ جي جذبن سان، حاصل ڪبي آهي. مايوس ٿيڻ جي ضرورت ڪانهي. ساڍا ٽي ڪروڙ سنڌي ماڻهن کي ، جن جي تاريخ مان ثابت آهي ته سنڌن بقا جي جبلت (Instinct of Survival) دنيا جي ٻين قومن کان وڌيڪ طاقتور نه ته به انهن جيتري ضرور آهي. ڪير به هن ڌرتيءَ تان انهن کي مٽائي نه ٿو سگهي.

رهيو سوال ترقيءَ جو ته جيڪڏهن هيڏي وڏي قوم رڳو پنهنجي بنگالي ڀائرن کي هڪ مثال طور اڳيان رکي ته به ڪافي آهي. اڄ بنگلاديش جو ٽڪو پاڪستاني روپئي کان وڌيڪ قيمت رکي ٿو ۽ ان ملڪ جنهن 1971ع ۾ پاڪستان کان علحدگي حاصل ڪئي، 30 ورهين جي مختصر عرصي ۾ نه رڳو پنهنجي آباديءَ تي ضابطو ڪيو آهي، پر هن ملڪ پنهنجي غربت کي به ڪنٽرول ۾ آندو آهي. هر سال ساموندي طوفان، سيلاب ۽ ٻين قدرتي آفتن کان علاوه سياسي ۽ سماجي طوفانن کي منهن ڏيندي، بنگلاديش هاڻي بهتر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪمراني ۾ غربت گهٽائڻ جهڙي حدف کي ان حد تائين حاصل ڪيو آهي، جو ڏکڻ ايشيا ۾ هڪ مثالي ملڪ طور سڃاتو وڃي ٿو. ان کان وڌيڪ خطي ۾ بنگلاديش جي اهميت ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي، جو آمريڪا جو اڳوڻو صدر بل ڪلنٽن جڏهن ننڍي کنڊ جي دؤري تي اچي ٿو تہ پاڪستان کان پهرين بنگلاديش جو دؤرو ڪري ٿو.

مطلب تہ جيڪڏهن ڏسجي تہ اسان جا ماڻهو ڪنهن بہ حوالي سان بنگالي يا ويٽنامي ماڻهن کان گهٽ نہ آهن. هو سخت جان هجڻ ۽ اورچائيءَ، بهادريءَ ۽ همت ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهن، پر ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ انهن کي پاڻ سان شريڪ ڪجي.

هن وقت اسان سڀني جي گڏيل ڪوشش اها هجڻ گهرجي تہ سڀ کان پهرين اهو سوال چڪاس هيٺ آڻيون تہ سنڌ سان درپيش مسئلا ڪيترا حساس ٿي چڪا آهن ۽ اهي ڪهڙن ڪهڙن ڪيترن ۾ ڪهڙا ڪهڙا مسئلا آهن، جيڪي فوري حل جا گهرجائو آهن ۽ انهن جو حل ڪهڙو هئڻ گهرجي؟

ان لاءِ اچو تہ ڪجهہ جائزو وٺون. هن "ڪتاب" ۾ سنڌ جي سياسي، سماجي، اقتصادي، زرعي، آبپاشي، گندي پاڻيءَ جي نيڪال، تعليم ۽ ٻين شعبن جي موجوده صورتحال جو مختصر مگر جامع جائزو ورتو ويو آهي. ان جائزي وٺڻ کانپوءِ، آخر ۾ آئون پنهنجي طرفان سفارشون، ڪي گذارشون، پيش ڪندس، جيڪي هر نئين حڪومت لاءِ ۽ سجاڻ ذرين ۽ عام ماڻهن لاءِ آهن. پر جيئن تہ حڪومت ڪڏهن بہ پنهنجن "ڪنن جي صفائي" نہ ڪرائيندي آهي ۽ حڪومت جو "حڪومت" ٿيڻ لاءِ اولين صفت بہ اها ئي خاصيت / عادت هوندي آهي، تنهنڪري اها توقع ئي نہ ٿي ڪري سگهجي تہ انهن سفارشن / تجويزن تي ڪو ڪن ڌريو ويندو! ان تي ڪو عملدرآمد بہ ٿيندو. باقي انفرادي

اچو تہ "نئين سنڌ" جي تعمير ڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح ڪي هڏ ڏوڪي ڪامورا، ڪنهن حد تائين سهڪاري ٿي سگهن ٿا. اصل ڪم وري به سڄاڻ ڌرين جو آهي، جيڪي ڪنهن به بهتريءَ لاءِ جيڪڏهن عام ماڻهن جي منشا کي آڏو رکندا ته لازمي صورت ۾ ڪن بهتر نتيجن نڪرڻ جو امڪان آهي، نه ته "ڪودو ته اڳئي ڪوهه ۾ آهي".

هي ڪتاب ڪو آخري حرف ڪونهي ۽ نه ئي ڪو فرد واحد عقل ڪل آهي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن به پڙهندڙ يا لکندڙ جي ذهن ۾ ڪي بيون بهتر تجويزون ۽ ڳالهيون هجن ته اڳتي هلي هن دستاويز ۾ شامل ڪري سگهجن ٿيون ۽ شراڪت سان هيءُ ڪتاب سنڌ جي خوشحاليءَ ۽ بهتر مستقبل جو ڪو "ويد" نه ته به ڪو "ويڄ" ضرور ٿي سگهي ٿو. ۽ سنڌ جي خدمت جو ڪجهه حق ادا ٿي ويندو

هاڻ پاڻ ترتيبوار جن ڪيترن جي صورتحال جو جائزو وٺون ٿا، اهي هن ريت آهن:

(1) سنڌ جي سياسي صورتحال جو جائزو.

(2) سند جي سماجي صورتحال جو جائزو.

(3) سنڌ جي اقتصادي صورتحال جو جائزو.

(4) سنڌ جي تعليمي صورتحال جو جائزو.

(5) سنڌ جي زرعي صورتحال جو جائزو.

(6) سنڌ جي زرعي پاڻيءَ جي صورتحال جو جائزو.

(7) سنڌ جي نيڪال واري پاڻيءَ جي صورتحال جو جائزو.

(8) سنڌ ۾ بي روزگاريءَ جي صورتحال جو جائزو.

(9) سنڌ جي عورت: هڪ جائزو.

جو ته "نئين سنڌ" جي تعمير ڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي سياسي صورتحال جو جائزو:

هوٽلن ۾ عام تفريح جي هنڌن تي لکيل هڪ عام جملو اسين ڪن پيڙهين کان پڙهندا پيا اچون ته ”سياسي گفتگو ڪرڻ منع آهي.“ اهو جملو اسان لاءِ واقعي ”نوشته ديوار“ آهي. هن ملڪ جي سموري سياسي سفر جي مختصر طور هڪ ڪٿا آهي، هڪ اظهار آهي، ته هن ملڪ ۾ سياست عام ۽ عوام لاءِ ”شجر ممنوعه“ آهي. سياست ته فقط ڊرائنگ رومن ۾ ٿيندي آهي ۽ ڊرائنگ رومن ۾ ٿيڻ گهرجي. اها هن ملڪ جي روايت رهي آهي. پر سنڌ پاڪستان ۾ اهڙو باغي پرڳڻو هو، جنهن ڪي ڪڏهن به اهو دستور ڪونه وڻيو. سنڌ، جنهن پاڪستان کي جنم ڏنو. ان جو هڏ ڪرڪندو هو، ڪرڪي رهيو آهي، ڇو ته تخليقڪار کي پنهنجي تخليق جي بگڙڻ، خراب ٿيڻ ۽ تباهه ٿيڻ تي تڪليف ٿيندي آهي.

سنڌين پنهنجي شعور ۽ آگهيءَ کي ڪڏهن جهڪو ٿيڻ ڏنو ئي ڪونه. جڏهن به ملڪ غلط رستي تي هليو، تڏهن اهي سراپا احتجاج بڻجي پيا. هن ملڪ ۾ جيترو انهن جو وس ۽ اختيار هلندو هو، ان کي هو، ملڪ جي بهتر حڪمرانيءَ، جمهوريت ۽ ملڪ جي وحدت سان شامل ٿيڻ رياستن جي فلاح، بهتريءَ ۽ ملڪ ۾ برابر حيثيت لاءِ استعمال ڪندا هئا. ۽ نتيجي ۾ هن ملڪ جي طاقتور ڌرين، سنڌي ماڻهن کي مڪمل طور بيوس ۽ بي اختيار ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌ کي هر فيصلي کان محروم رکڻ جي انهيءَ سازش ۾ ون يونٽ کان وٺي، سنڌ ۾ ڄام صادق جي نگران حڪومت جي قيام تائين، هر سياسي ۽ غير سياسي حربو استعمال ڪيو ويو.

سنڌ کي درجي بدرجي، ڏاڪي بڏاڪي، ايترو ته بي اختيار ۽ بي وس (Power less) ڪيو ويو. جو سنڌ جو وزيراعليٰ پڻ اسلام آباد مان مقرر ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچڻ لڳو. مارشل لا جي حڪومتن جو ذڪر ڪهڙو ڪجي! هن ملڪ ۾ جمهوريت جي چئمپين پارٽي، پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ۾ اهو نظر ايندو هو ته سنڌ جو وزيراعليٰ سواءِ ڊڪٽيشن وٺڻ جي ٻيو ڪو به اختيار نه ٿو رکي. ان کان وڌيڪ ڪهڙو مثال ڏجي ته سنڌ ڪابينا جي صدارت ملڪ جي وزيراعظم صاحب ڪندي هئي. جڏهن ته هن ملڪ ۾ بهتر حڪمرانيءَ جي هميشه کان اها تقاضا هئي ته اختيارن جي عدم مرڪزيت (Decentralization) ڪجي. پر افسوس ته اهو جمهوري حڪومتن ۾ نه ٿي سگهيو. ان جو وڏي ۾ وڏو سبب اهو آهي ته هن ملڪ ۾ سياست جي نالي تي ظرافت، حرفت بازي ۽ چرب زباني ٿيندي رهي آهي ۽ سنڌ کي جڻ ته پاڪستان جي ڪا ٻهاج سمجهيو ويو. جنهن پاڪستان کي جنم ڏيڻ جي ڏوهه سبب، نندي ڪنڌ جي سيني عذابن کي جڻ پاڻ ڏانهن اچڻ جي دعوت ڏني هئي.

بدقسمتيءَ سان اسان وٽ سياست جي معنيٰ ٿي نه سمجهي وئي. سياست جا معيار ۽ سياست ڪرڻ جا طريقيڪار به اهڙا اختيار ڪيا ويا آهن، جو عام ماڻهو ته اليڪشن ڪٽڻ پري جي ڳالهه، پر اليڪشن ۾ بيهڻ جو به سوچي نه ٿو سگهي. سياست جي معنيٰ ۽ مفهوم ته پوري ملڪ ۾ هڪڙو ئي آهي پر سنڌ جي سياست ٻين صوبن کان الڳ ۽ مختلف ان ڪري به آهي جو هتي هڪ ته ملڪ جي سڀن کان وڏي وفاقي پارٽي پيپلز پارٽيءَ جون پاڙون پختيون آهن ته ٻئي طرف سنڌ ۾ قومپرست سياست به گذريل ڪيترن سالن کان عوامي سطح تي مختصر طور تي ئي اثر انداز رهي سگهي آهي.

هونئن ته پاڪستان ٺهڻ کان وٺي هن وقت تائين ملڪي سياست ڪڏهن به صوبن جي حقن ۾ نه رهي آهي، پر گذريل ڏهاڪي جي ئي جائزي وٺڻ بعد معلوم ٿيندو ته ڪيئن نه سياست خاص طور تي سنڌ صوبي لاءِ هاڃيڪار نتيجا ڏنا آهن. 90ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ جڏهن ڄام صادق عليءَ کي سنڌ جو چيف منسٽر بڻايو ويو تڏهن کان سنڌ ٻين سيني معاملن سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاشي طور وڏيڪ ڪمزور ٿي آهي. انهيءَ وقت ۾ ٿي پاٽيءَ جي ورچ جو 1991ع وارو ناهہ عمل ۾ آيو جنهن ۾ سنڌ کي 1945ع واري پاڻيءَ جي ناهہ جي پيٽ ۾ گهٽ پاڻي ڏنو ويو ۽ پنجاب صوبي کي بہ مليـن ايڪڙ فوٽ پاڻي وڌيڪ مليو. اهڙيءَ ريت ڄام صادق جي زماني ۾ سنڌ جي مڙني ادارن جي ڪارڪردگي بهتريءَ بجاءِ خرابيءَ ڏانهن وڌي. جڏهن تہ هر ايندڙ حڪومت بہ سنڌ سان بہ اڪيائيءَ واري صورتحال رکي ۽ ايئن انهن ۾ پ پ ۽ مسلم ليگ جي حڪومتن تہ رهي سهي ڪسر بہ ڪڍي ڇڏي ۽ معاشي طور تي صوبي کي تباهيءَ جي ڪناري آڻي بيهاريو آهي.

هونئن تہ سنڌ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي هن وقت تائين ڪڏهن بہ سک ناهي سنيري. پر نواز شريف جي گڏريل دؤر حڪومت ۾ سنڌ سان نئين طريقي ڪليل نموني ويساهہ گهاتين جو سلسلو شروع ٿيو. لياقت جتوئيءَ جي حڪومت کان پوءِ سنڌ ۾ ناهيل صلاحڪاري ڪائونسل ۽ پوءِ گورنر راڄ دوران سنڌ بيوس ۽ نڌڻڪي نظر آئي. هي اهو ئي دؤر هو. جو سنڌ جي نہ رڳو چونڊيل عوامي نمائنده (صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن) کي هڪ آرڊيننس ذريعي بي اختيار ڪيو ويو. پر صوبي جي سڀ کان طاقتور پليٽ فارم صوبائي اسيمبليءَ کي تالو هڻي بند ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ماڻهن کان سندن سگهارو ۽ قانوني پليٽفارم کسيو ويو. رڳو ايترو بہ نہ پر سنڌ ۾ ان دؤر کان وٺي هن وقت تائين ترقيءَ واري عمل کي اسپيڊ بريڪر ڏئي روڪيو ويو آهي. اڄ پوريءَ سنڌ ۾ ڪو بہ ڊويلپمينٽ پراجيڪٽ نہ ٿو هلي. سنڌ جا مين روڊ کان وٺي لنڪ روڊ سڀ تباهہ ۽ برباد ٿي ويا آهن. نئشنل هاءِ وي جهڙن روڊن جي انڪم وفاق حوالي ڪئي وئي آهي. سنڌ جا مڙئي ادارا تباهيءَ جي ڪناري پهچي چڪا آهن. وفاقي کاتا پنهنجي ڏاڍ مڙسي ڏيکاري. سنڌ صوبي کي نظر انداز ڪري رهيا آهن. تازو واپڊا پاران ڪوڙا بل ڏيکاري سدا وفاق کان ئي سنڌ جي حصي جي رقم مان پئسا ڪٽرائي ڇڏڻ کان وڌيڪ ڏاڍائي ڪهڙي ڇئبي! روز روز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالاباغ ڊئم جو اشو اٿاري سنڌ جي ماڻهن کي ڊيڄاريو ۽ هيسايو پيو وڃي. سنڌ کي پنهنجي، حصي جو پاڻي بہ نہ ٿو ملي. وفاق زبردستيءَ پنجاب جي گهٽ ڪوائلٽي واري ڪڻڪ سنڌ کي خريد ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي. فصلن جا اگهہ پنجاب جي پيداوار اچڻ کان پهريان مقرر نہ ٿا ڪيا وڃن. سنڌ اندر ملندڙ ڪوئلي، جپسم ۽ ڊائنا مائيٽ جهڙين معدنيات جو استعمال نہ ٿو ڪيو وڃي. سنڌ مان ملندڙ تيل ۽ گئس جي صوبي کي رائلٽي تہ پري جي ڳالهہ پر انهن لاءِ ڪوٺائيءَ کان وينڌي صفائيءَ (Purification) لاءِ هلندڙ ڪارخانن ۾ بہ مقامي ماڻهن کي روزگار نہ ٿو فراهم ڪيو وڃي. لاکڙا پاور هائوس سميت سنڌ جا ڪيترائي ادارا بند ڪرڻ جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن. سنڌ جي ماڻهن کي هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت نوڪرين مان نيڪالي ڏني پئي وڃي. سنڌ جي ملازمن کي پنجاب جي ڀيٽ ۾ 30 سيڪڙو اجورو گهٽ ملي رهيو آهي. ايترين تمام تر ڏاڍاين يا ٻٽين پاليسين باوجود ڪير آهي، جو سنڌ جي نمائندگي ڪندي انصاف جو آواز بلند ڪري. سڀ خاموش آهن. عام ماڻهوءَ کان وينڌي سياسي پارٽين تائين !!

هونئن تہ پوري ملڪ اندر سياسي خال پيدا ٿي چڪو آهي، جو سياسي پارٽيون ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ناڪام ويون آهن. پر سنڌ ۾ ان لحاظ کان صورتحال وڌيڪ خراب ۽ ڳنڀير ان ڪري آهي، جو سنڌ کي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مسئلا درپيش آهن- اهڙا مسئلا جيڪي عوام لاءِ زندگيءَ ۽ موت جي حيثيت رکن ٿا. ۽ سنڌ جي سياسي پارٽين جي غلط منصوبا بندي، پنهنجي مفادن وٽان سياست ڪرڻ ۽ سنڌن عام ماڻهوءَ تائين رسائي /پهچ نہ هجڻ سبب، سنڌ صوبي کي انتهائي نقصان رسيو آهي. گذريل چند سالن اندر سنڌ جون سياسي /قومپرست پارٽيون عوام ۾ ساک وڃائي چڪيون آهن. سياسي توڙي قومپرست پارٽيون صوبي اندر عملي طور ڪجهہ بہ ڪرڻ ۾ ناڪام ويون آهن. جنهن سبب اهڙين پارٽين جا اڳواڻ رڳو اخباري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيانن تي انحصار ڪن ٿا. سچ پچ ايئن لڳندو آهي تہ جيڪڏهن اخبارون سياسي ليڊرن جي پريس رليزن کي نہ ڇپين تہ هوند ليڊر ٻڙيءَ تي اچي بيهن. سنڌ ۾ تہ اهڙي صورتحال آهي، جو اخبارون پارٽين ۽ ليڊرن لاءِ جڻ آڪسيجن ٿي آهن. باقي عملي ڪم ڪو بہ ڪونهي. سنڌ ۾ سياسي پارٽيون حقيقي معنيٰ ۾ ان ڪري بہ ناڪام ويون آهن جو اهڙين پارٽين وٽ نيٽ ورڪ بہ ڪونهي. عام ماڻهوءَ تائين سندن رسائي بہ ان ڪري ٿي ڪانہ ٿي سگهي آهي، جو ضلعن کان هيٺ پارٽين جا يا تہ يونٽ ۽ باڊيون ڪونهن يا غير سرگرم ۽ ٻٽيل آهن. جڏهن ڪا پارٽي اقتدار يا اليڪشن جي ويجهو اچي ٿي تہ پوءِ صوبي ۾ سياسي سرگرميون تيز ٿيون. باڊيون بہ نهن ٿيون ۽ ليڊر عام ماڻهن وٽ وڃڻ بہ شروع ڪن ٿا.

سنڌ ۾ پارٽين جي ناڪاميءَ جو سڀ کان وڏيڪ خراب اثر اهو پيو آهي، جو ماڻهو نہ رڳو سياسي پارٽين کان هٽندا پيا وڃن پر انهن سياست کان ئي ڪنارا ڪشي اختيار ڪرڻ شروع ڪئي آهي ۽ نتيجي ۾ سنڌ مان بهتر قيادت ڪانہ پئي اچي. جڏهن لکيل پڙهيل ۽ شعور رکندڙ ماڻهو سياست کي بڪواس سمجهندي، ٿيندڙ چوندن ۾ حصو نہ وٺي. تہ يقينن سني ساک رکندڙ اميدوار لاءِ مشڪلات پيدا ٿي ٿي پئي. سنڌ ۾ اهڙيءَ صورتحال جي ڪري ماڻهن ۾ سخت مايوسي ۽ نا اميديءَ واري صورتحال آهي. سياسي پارٽين جي ناڪاميءَ سبب سنڌ جي مفادن جو صحيح معنيٰ ۾ تحفظ نہ پيو ٿئي.

سنڌ جي سياست کي تيستائين بهتر نہ ٿو بنائي سگهجي، يا سنڌ مان بهتر قيادت تڏهن ٿي ايندي، جڏهن لکيل پڙهيل ۽ شعور رکندڙ ماڻهو سياست ۾ دلچسپي وٺن. اهڙا ماڻهو نہ رڳو سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺن پر بهتر قيادت آڻڻ لاءِ سنڌ مان جاگيردارن ۽ سردارن کي سياست مان نيڪالي ڏيارين ۽ ان جي جاءِ تي مڊل ۽ لوئر ڪلاس مان قيادت اڳيان آڻين، جيڪي عام ماڻهوءَ جي مسئلن کان آگاهہ بہ آهن ۽ انهن کي حل ڪرڻ ۾ بہ دلچسپي وٺندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها حقيقت آهي تہ سنڌ سميت پوري ملڪ مان 80 سيڪڙو نمائندا مٿئين طبقي (Upper Class) مان چونڊجي اچن ٿا. جيڪي عام ماڻهوءَ جي مسئلن جي حل ۾ دلچسپي نہ ٿا وٺن. ان ڪري سياست ۾ بهتري، تيسين نہ ايندي جيسين چونڊن ۾ عام ۽ مڊل ڪلاس جا نمائندا نہ چونڊبا.

سنڌ جي ترقي نہ ٿيڻ، ادارن جي بربادي ۽ زميني توڙي آسماني آفتن جو سنڌ ڏانهن، بناروڪ پنڌ پوڻ ۾ رڳو صوبائي حڪومتون يا هتان جا مقامي ماڻهو (جن وٽ بظاهر ڪي اختيار هئا) جوابدارانہ آهن. سنڌ کي مختلف وقتن تي ايندڙ مختلف وفاقي حڪومتن پڻ هٿ وٺي نهوڙيو. اهو سلسلو اڃان بند نہ ٿيو آهي. 1947ع کان 1955ع تائين 8 ورهين ۾ سنڌ ۾ ست صوبائي حڪومتون آيون ۽ ويون. ان دؤران گورنر راڄ پڻ لاڳو ڪيو ويو هو. انهيءَ سموري عرصي دوران سنڌ تي فقط هڪ پيرو سنڌي گورنر مقرر ڪيو ويو، نہ تہ انهيءَ سموري عرصي دوران سنڌ تي غير سنڌي ماڻهن حڪمراني ڪئي. پاڪستان نهڻ (۽ ان لاءِ جدوجهد) جو مقصد، هن خطي جي پوئتي پيل پرڳڻن کي ترقي ڏيارڻ هئي ۽ ٿيڻ بہ ايئن کپندو هو تہ انهيءَ دؤر ۾ سنڌ کي ويهين صديءَ جي سمورين سائنسي ترقين ۽ تبديلين جا ثمر حاصل ڪرڻا هئا ۽ دنيا جهان جي ٻين ترقي پذير قومن سان ڪلهو ملائڻو هو ۽ اڳتي وڌڻو هو. پر ٿيو ايئن تہ هندستان مان ٿيندڙ هجرت جو سمورو رخ، سنڌ ڏانهن ٿي ويو. پنجن رياستن تي مشتمل نئين جڙيل مملڪت ۾ شامل ٻين چئني پرڳڻن کان وڌيڪ سنڌ تي اهو بوجهہ پيو. لکن جي تعداد ۾ لڏي ايندڙ، سنڌ جي شهرن ۽ وڏن ڳوٺن ۾ آباد ڪرايا ويا. انگريزن کان ورثي ۾ مليل ڪامورا شاهيءَ ۾ انهن جا هر سخن ۽ هر زبان اڳ ۾ ئي موجود هئا. مٿان وري پاڪستان تي نافذ ٿيل وزير اعظم، لياقت علي خان، کي بہ پنهنجي لڏي جي ماڻهن جو وڏو درد هو. ان بہ ڪين وسايو ۽ ورسايو. وڏي پيماني تي ٻاهران لڏي ايندڙن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪاري سطح تي سرپرستي ٿيندي رهي. ڪين ڪليمن ۾ زمينون ۽ ٻيون ڇڏيل ملڪيتون (Evacuee Property) الاٽ ڪيون ويون.

سنڌي هندو جيڪو ڪجهه ڇڏي ويا، اهو تمام ٿوري مقدار ۾ تعداد ۾ هتان جي اصل باشندن کي مليو. جڏهن تہ لڳ ڀڳ هر شيءِ ٻاهران ايندڙ ماڻهن جي والار هيٺ آئي. هي، اهو ئي دؤر هو جو سنڌ جي گاديءَ جي شهر ڪراچيءَ کي مرڪز جي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو ۽ ان کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو. ان زماني ۾ سنڌ ۾ جيترا بہ سياستدان هئا، انهن مان ڪي بہ چار ماڻهو ئي هئا، جيڪي سنڌ جي مسئلن ۽ معاملن تي پنهنجي وت ۽ وس آهر آواز اٿاريندا هئا. پر اڪثريت جاگيردارن، وڏيرن ۽ موقع پرست ماڻهن جي هئي، جن کي سنڌن هاضمي کان وڌيڪ خوراڪ ملڻ لڳي تہ انهن کي چوڌاري ساوڪ ئي ساوڪ ۽ خوشحالي نظر ايندي هئي. حقيقي ۽ هڏ ڏوکي ماڻهن کي وقت جي حڪومتن دٻائڻ شروع ڪيو. جيڪي مصلحت ۽ سودي بازي نہ ڪندا هئا، تن کي جيل ۽ قيد کان سواءِ مختلف طريقن سان ڊيڄاريو ۽ هيسايو ويندو هو. تاريخ جي اڪين ڏٺو تہ هن ملڪ ۾ ڪڏهن بہ ڪو چيف جسٽس سنڌي ڪونہ ٿيو. چيف سيڪريٽري ڪو بہ سنڌي نہ ٿيو. سنڌ ۾ (سواءِ ڪجهہ وقت لاءِ بشير صديقيءَ جي) ڪو بہ آءِ جي سنڌي ڪونہ ٿيو. مرڪز ۾ سنڌي ماڻهن جو وڏن عهدن تي هجڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، پر صوبائي سطح جي اعليٰ عهدن تي بہ سنڌي ماڻهو موجود نہ آهن. سنڌ جي ذريعن ۽ وسيلن تي سنڌين جو اختيار ڪونهي. سنڌ ۾ موجود صوبائي توڙي مرڪزي کاتن ۾ ٻاهريان ماڻهو ڀرتي ٿين ٿا. سنڌ جون زرعي زمينون اڄ بہ ٻاهرين ماڻهن کي الاٽ ٿين ٿيون. سنڌ جي ڪارخانن ۾ غير سنڌي ماڻهن کي اوليت جي بنياد تي روزگار مهيا ڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي ماڻهن سان هر سطح تي بہ اڪيائي ٿئي ٿي ۽ ڇا ڇا نہ ٿو ٿئي سنڌ سان، ان جو وڏي ۾ وڏو سبب سنڌ جو سياسي طرح بي آواز هجڻ آهي. سنڌي ماڻهن کي ڀهريون پيرو ذوالفقار علي ڀٽو جي اقتدار واري دؤر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئڻ جو امنگ مليو. هنن ڪنڊ متي ڪنيو ۽ ڏگهو ساهه کڻي پنهنجي آس پاس جي منظر تي نگاهه وڌي ۽ پنهنجي موجودگيءَ جي خاطري ڪئي. هنن کي خبر پئي تہ هنن جا پير پنڌ ڪري سگهن ٿا. هنن جون زبانون اکر اُڪلائي سگهن ٿيون. هنن جون نگاهون بہ گهور ٻڌي سگهن ٿيون. پاڪستان جي قيام کان پوءِ پهريون پيرو سنڌي ماڻهن کي پنهنجي حقن هجڻ جو احساس ٿيو ۽ کين معلوم ٿيو تہ انهن حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا طور طريقا اختيار ڪيا ويندا آهن. سنڌ ۾ صنعتون لڳيون. زراعت لاءِ نوان اوزار، طريقا ۽ مشينون متعارف ڪرايون ويون. سنڌي ماڻهن کي تعليم ملي، روزگار نصيب ٿيو ۽ ڪنهن حد تائين سنڌين جي هانءَ تي چنبو پيو. سنڌي ماڻهو "مقامي جهيڙي" کان پنهنجو پاند ڪڇهه آجو ڪرائي قومي سياست واري ڌاري (وهڪري) ۾ شامل ٿيو. مرڪز کان پري رهندڙ (پري ڪيل) ڀهراڙيءَ جو سنڌي ماڻهو، اسلام آباد ۾ اسيمبليءَ جي ڪارروائي ڏسڻ کان وٺي لنڊن ۾ پڙهڻ ۽ علاج ڪرائڻ تائين، ٻاهرين دنيا ڏسڻ لڳو. پر اهي سڀ ڳاليهون سنڌي ماڻهن جو مڪمل طور تي سياسي حق ٻڌجي نہ سگهيون. ان حد تائين جو سنڌي ماڻهن کي اها خود اعتمادي نصيب نہ ٿي، جنهن جي بنياد تي اهي پنهنجا فيصلا پاڻ ڪري سگهن. جنرل ضياءُ طرفان پنهنجي خلاف بغاوت کان پوءِ سنڌي ماڻهن کي ديوار سان ان ڪري بہ لڳايو ويو، جو اهي پنهنجي جا حامي ٿي سمجهيا ويا. ٻين لفظن ۾ پنهنجي پرستيءَ کي قوم پرستي سمجهي، سنڌي ماڻهن کي نہ ڪيل ڏوهہ جي سزا ڏني وئي. هڪ ڏگهي عرصي، لڳ ڀڳ ٻن ڏهاڪن ورهين، تائين سنڌ کي نہ رڳو ان جي سياسي حق کان محروم رکيو ويو. پر سنڌ کي ايڏو هيسايو ويو، جو سنڌ جي ماڻهن پنهنجي سياسي حق تان مرڳو هٿ کڻي ڇڏيو. ان جو وڏي ۾ وڏو ثبوت اهو آهي تہ جڏهن محترمہ بي نظير پنهنجو مشروط طور تي اقتدار حاصل ڪيو ۽ هر اها عوام - مخالف گهر قبول ڪيائين، جيڪا اجتماعيءَ طور عوام ۽ اقتدار ۾ وينلن لاءِ بہ نقصانڪار هئي، اُن تي سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن کو بہ احتجاج ڪونہ ڪيو. 1988ع ۾ بنيظير ڀٽو کي بلئنڪ چيڪ جهڙو مئنڊيٽ ڏيندي سنڌي ماڻهن ڪشاده دليءَ جو مظاهرو ڪيو تہ سمجهڻ جوڳي ڳالهہ هئي، پر 1992ع ۾ بينظير ڀٽو کي ٻيهر اقتدار ۾ پهچائڻ سنڌي ماڻهن جي انهيءَ تاريخي غلطيءَ جو ورجاءُ هو. جنهن ۾ سنڌي ماڻهو پنهنجي قوم جي اجتماعي نقصان کي نظر انداز ڪرڻ کي "درگذر" جو نالو ڏيندا آهن.

اهو درگذر، معاف ڪرڻ، وساري ڇڏڻ الله لوڪي، درويشي يا وسيع القلبي ناهي پر اجتماعي طور تي بي حسي آهي. اهڙي بي حسي جنهن جي آخري حد تنزل ۽ تباهي هوندي آهي. تاريخ ۾ اهڙا مثال ريڊ انڊين ۽ ابارجنيز (Aborginees) جا موجود آهن.

اجمالي طور جيڪڏهن جائزو ونجي تہ پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ سنڌ جي سياسي تاريخ ٽن حصن ۾ ورهائجي سگهجي ٿي.

پهريون دؤر سنڌ جي ماڻهن جي سادگيءَ وارو دؤر جنهن ۾ نئين ملڪ ۽ لڏي آيل ڀائرن کي هڪ مقدس شيءِ يا قدرت جو مليل تبرڪ سمجهي قبول ڪيو ويو. ٻيو دؤر ون يونٽ خلاف اٿي کڙي ٿيڻ وارو دؤر هو. جنهن ۾ سنڌي ماڻهن پنهنجو پاڻ محسوس ڪرايو ۽ پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏياريو. ان کانپوءِ ٽيون دؤر هو 1983ع ۾ ايم آر ڊي دؤران پنهنجو پاڻ ملهائڻ. منهنجو اڄ بہ اهو نقطي نظر آهي تہ ايم آر ڊيءَ جي هلچل محض جمهوريت جي بحالي لئي نہ هئي.

پاڪستان جي حڪمرانن سنڌي ماڻهن جي نفسيات کي باقاعدي مطالعي هيٺ رکيو. هنن سنڌي ماڻهن جو پاڪستان ۾ قيام دؤران متحرڪ ۽ جاندار ڪردار بہ ڏٺو. ان بعد 1958ع تائين سنڌي ماڻهن جي ماٺ ۽ سادگيءَ کي بہ ڏٺو ۽ ان کانپوءِ آهستي آهستي هنن سنڌي ماڻهن جي بي چيني پڻ ڏٺي. ون يونٽ خلاف سنڌ جي ماڻهن جي نفرت کي طاقت ۾ بدلجندي بہ ڏٺو. حاڪمن باقاعدي ۽ بغور اهو مشاهدو بہ ڪيو تہ سنڌي ماڻهن مٿان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪمراني ڪرڻ لاءِ ڪهڙا طريقا ڪجن ته ناڪامي نه ٿيندي. هنن ذوالفقار علي ڀٽو کي اڳيان آندو ۽ اهو ڏنو ته سنڌ جا ماڻهن سنڌيءَ ريت ڀاهرين حڪمراني قبول نه ٿا ڪن ۽ انهن تي اڻ سڌيءَ ريت حاڪميت مڙهجي ته سنڌن تحريڪي رويو (Agitative Mood) تبديل ٿئي.

ان قسم جي مطالعي لاءِ سنڌ جي سچي تاريخ حاڪم طبقي لاءِ موجود هئي. هنن سمن جي دؤر ۽ سومرن جي دؤر جو جائزو ورتو يا ان کان به اڳ عربن جي ڪاهه تائين تاريخ کين اهو ٻڌايو ته سنڌي ماڻهن سڌي جارحيت ۽ والار ڪڏهن به نه قبولي ۽ ان جي خلاف مزاحمت ڪئي. سنڌي ماڻهن ارغون ۽ ترخان دؤر ۾ ته پنهنجو پاڻ انتهائي ملهايو هو.

مدد علي پناڻ هجي يا نادر شاهه. علاؤالدين خلجي هجي يا احمد شاهه ابدالي، سنڌ جي ماڻهن سڌي سنئين حاڪميت خلاف مهاڏو اٽڪايو. پر ساڳيءَ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ جڏهن سنڌ دهليءَ ۾ ويٺل مغل حاڪمن جي آنڪي پريندي هئي ۽ سنڌ جا ڪلهوڙا حاڪم. ساليانو خراج ادا ڪرڻ عيوض، سنڌ تي حڪمراني ڪندا هئا ته اهو دؤر سنڌ جي تاريخ ۾ هر لحاظ کان ترقيءَ وارو دؤر هو. جو ان دؤر ۾ سنڌي ماڻهن کي (محڪوم هجڻ جي باوجود به) پنهنجي مجبور هجڻ جو احساس نه هو.

ان ڪانپوءِ ٽالپرن جو دؤر آهي ۽ بعد ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. انگريزن خلاف به سنڌ ۾ بي چيني ۽ هلچل هئي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته بغاوت جي جنگ (1857ع) کان به گهڻو پهرين سنڌ ۾ انگريزن خلاف، ننڍي ڪنڊ جي هٿيار بند تحريڪ هلي هئي. پير پاڳاري جي حرن جي سرفروش تحريڪ کي انگريز سرڪار دهشتگردي قرار ڏنو هو ۽ حرن کي ڏاڍيل چيو هو.

ون يونٽ خلاف گڏيل مزاحمت ۽ ان کان پوءِ ايم آر ڊي هلچل ۾ سنڌين جو گڏجي ٻوڙ تاريخ جي ڪيترن ئي سبقن جي ثابتي هو ۽ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪ جي حاڪمن ضياءَ جي ڏکي مارشل لا دوران سنڌ جي نفسيات کي تمام گهٽيءَ حد تائين سمجهي ورتو هو.

انهيءَ پس منظر بيان ڪرڻ ڪانپوءِ اسين آسانيءَ سان سمجهي سگهون ٿا ته هن ملڪ ۾ با اختيار ذرين اهو سمجهي ورتو هو ته سنڌي ماڻهن کي ڇڙو ڇڙ ۽ غير منظم رکبو ته مٿن حڪمراني ڪري سگهبي، ۽ بيو ته جيڪڏهن مٿن ضابطو قائم رکڻو آهي ته کين سڌيءَ ريت محڪوم ۽ مجبور هجڻ جو احساس نه ڏيارجي بلڪه کين محسوس ڪرائجي ته سندن خراب حالتون سندن پنهنجي هٿان يا وري پنهنجي ئي ماڻهن هٿان ٿيون آهن.

هن ملڪ جي حڪمرانن سڀ کان پهرين سنڌي ماڻهن کي منتشر ڪرڻ لاءِ سندن صفن ۾ ڏار وڌا ۽ ان ڪانپوءِ هڪدم سنڌ ۾ لساني جهيڙا ڪرايا ۽ سنڌ ۾ وسندڙ بنهي ذرين سنڌين ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي هڪٻئي سامهون آڻي بيهاريو. ان ڪانپوءِ فوري طور تي 1988ع ۾ عام چونڊون ڪرايون ويون، جنهن جو منطقي نتيجو بينظير ڀٽو جي وزارت عظمي جي صورت ۾ سامهون آيو. ان ڪانپوءِ حڪمرانن پنهنجي ٽڪ ڪيل حڪمت عمليءَ موجب ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هنن سنڌي ماڻهن جي نفسيات سان کيڏندي، کين اهڙا حڪمران ڏنا جيڪي هٿا ته سندن ئي هم زبان، پر سندن پروسي جوڳا نه هئا. ٻين لفظن ۾ پاڪستان جي اهم صوبي هجڻ وارو احساس ڦرڻ لاءِ حاڪمن سنڌ کان هميشه جي لاءِ اهو اعتبار ۽ اعتماد ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌ کي پنهنجن مان نسبتن ڪو وڌيڪ فائدو ٿي سگهي ٿو. هڪ منظم رٿا هيٺ سنڌ جي عام ماڻهوءَ کان سندس "يقين" کسيو ويو. زندگيءَ جي هر شعبي ۾ سنڌي ماڻهن تي ٻئي درجي جي قيادت مسلط ڪري کين هر طرح کان مايوس رکڻ جي هڪ مسلسل ڪوشش ڪئي وئي. ادب توڙي ثقافت، هنر توڙي حرفت، سائنس توڙي ٽيڪنالاجي، اقتصاديات توڙي سياسيات ۾ جعلي ۽ بنهه دوغلا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو آندا ويا. سنڌ جي لڳ ڀڳ سمورن ادارن ۾ نا اهل ماڻهن کي اختيار ۽ عهدا ڏنا ويا.

اهي تجربا ڪامياب ويا. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ٻه ڀيرا اقتدار مليو ۽ اُن سنڌي ماڻهن کي پنهنجي ٻنهي حڪومتي دورن ۾ ڪو خاص فائدو ڪونه ڏنو ۽ نتيجو اهو نڪتو جو سنڌي ماڻهن کي نواز شريف مٿي ۾ لڳو. جنهن پنهنجي ٻنهي حڪومتي دؤرن ۾ سنڌ کي بريءَ طرح نظر انداز ڪيو. خاص طور پنهنجي آخري دؤر ۾. ان ڪانپوءِ جنرل پرويز مشرف جي حڪومت آئي آهي، جيڪا انهن سيني ڳالهين جو تسلسل آهي. هڪ ڏکي عرصي کان وٺي سنڌ اسيمبلي معطل آهي، هاڻي بلدياتي چونڊن جي نالي تي عملن سنڌ اسيمبلي غير مؤثر بڻجي ويندي. ۽ ڪو شڪ ناهي ته سنڌي ماڻهن جي مٿي تي جيڪو هٿ گھمايو ويندو هو ته "سنڌ ۾ وڏيڪ احساس محرومي آهي"* شايد اڳتي ايئن چوڻ جي به زحمت نه ڪئي ويندي. الغرض سنڌ ۾ سياست اجان رخ تبديل ناهي ڪيو. پاڪستان ٺهڻ کان وٺي هن وقت تائين ساڳي سياست هلندي پئي اچي، لڳي ٿو ڄڻ 50 – سالن کان ساڳيا ووٽر هجن ۽ ووٽ وٺندڙ به ساڳيا. هميشه اسان وٽ جاگيردار، وڏيرن ۽ سردارن چونڊون کٽيون آهن. هنن جو مقابلو ڪرڻ ته پري جي ڳالهه آهي پر هنن جي اڳيان چونڊن ۾ بيهڻ به مشڪل ڳالهه اهي. ان ۾ سردار، وڏيري ۽ زميندار کي به رڳو ڏوهه ڪيئن ڏجي. ان معاملي ۾ اهم ذميوار ووٽر کي سمجهڻ گهرجي. جيڪي هنن کي ووٽ ڏين ٿا. اسان وٽ سياست ڄڻ ته مخصوص ماڻهن لاءِ مخصوص ٿيل آهي. عام ماڻهو ته ڇا پر مڊل ڪلاس جو ماڻهو به اليڪشن وڙهي نه ٿو سگهي. چونڊن لاءِ ناهيل وڏا ٽڪ ۽ چونڊن تي ٿيندڙ خرچ کي ڏسي جهڙو تهڙو چونڊن ۾ بيهڻ جي پاڻ ۾ طاقت ۽ همت نه ٿو ساري سگهي. هتي ته ڪجهه مخصوص ماڻهو ٿي اهن. جيڪي ٿوريءَ هيرا ڦيريءَ ۽ ڦيراگهيريءَ سان سدائين چونڊون کٽندا اچن ٿا. اهڙن ماڻهن جو نعداد به سؤ کن ٿيندو. جن

جو ته "ٿس سنڌ" جي نعري ڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ٿي چونڊجن ۾ اميدوار بيهندا ۽ چونڊون به کٽندا ٿا رهن ۽ کٽندا. (ڏسو ٽيبل I.II.III مضمون جي پڇاڙيءَ ۾) هتي هڪ سوال ته پيدا ٿئي ٿو ته آخر ايئن ڇو آهي؟ سياست ڪرڻ جي هڪ هٿي پلا ڪنهن کي ورثي ۾ ملي آهي يا سياست ڪرڻ جو حق رڳو انهن ٿي ماڻهن کي آهي. اسان کي ان تي نه رڳو غور سان سوچڻو پوندو پر ان هڪ طرفي واءُ يا رخ (Trend) کي ختم به ڪرڻو پوندو. نه ته هميشه جيان اسانجي معاشري ۾ تبديلي ڪڏهن به ڪانه ايندي. سالن کان اسين ساڳين مسئلن ۾ گهيريل آهيون. اسان جي مدد ڪرڻ لاءِ ڪير به ڪونهي، اسان بيوس ۽ بي يارو مددگار آهيون. حڪومت اسانکي نظر انداز ڪري رهي آهي ۽ اسانجا چونڊيل سياسي اڳواڻ چونڊجن کان پوءِ لاڳاپيل تڪن ۾ رهن به ڪونه ٿا، ته اهي ماڻهن جا مسئلا ڪيئن سمجهندا ۽ حل ڪندا!!.

سياسي حوالي سان سنڌ ۾ رڳو اهو مسئلو ناهي ته اسانجا چونڊيل اڳواڻ اسانکي پنهنجو ڪونه ٿا ڪن ۽ اسانجا مسئلا حل نه ٿا ڪن، پر سنڌ پاڪستان جو اهو واحد صوبو آهي جنهن سڀ کان وڌيڪ ٻاهريان ماڻهو رهن ٿا. جنهن سبب صوبي تي مختلف دٻاءُ (Pressure) [illegible] ۾ سياسي دٻاءُ ۽ معاشي دٻاءُ سڀ کان وڌيڪ اهم آهن. سياسي حوالي سان ڏٺو وڃي ته سنڌ ۾ آباد ٽينڊڙ اردو ڳالهائيندڙ آبادي به هن وقت هڪ تمام وڏو گروپ آهن ۽ هو هن وقت ڪجهه اهڙيءَ جاءِ تي پهتا آهن، جتي انهن جي باري ۾ حتمي فيصلو ٿي نه سگهيو آهي. بهر حال انهن کي هتان نيڪالي ڏئي نه ٿي سگهجي. انڪري اردو ڳالهائيندڙ آبادي، جو مسئلو هن وقت سنڌ لاءِ انتهائي اهميت وارو آهي. هاڻي وري جڏهن اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي نمائنده جماعت متحده قومي محاذ (ايم ڪيو ايم) يعني اڳوڻي مهاجر قومي موومينٽ جي قائد الطاف حسين پنهنجي موقف ۾ اوچتو تبديلي آندي آهي ۽ هڪ سؤ سيڪڙو ڦلا ٻازي کاڌي آهي ته ان صورتحال ۾ سنڌي ماڻهن لاءِ ان تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪي ٿيڻ فطري ڳالهہ آهي. هن وقت جڏهن الطاف حسين، سنڌ جي اديبن، دانشورن ۽ صحافين سان سنڌيءَ ريت گفتگو ۽ خطاب ڪري رهيو آهي تہ اهڙي معاملي ۾ الطاف جي مؤقف جي چڱيءَ ريت چند ڇاڻ ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌ جا ڪجهہ ماڻهو تہ الطاف جي ڳالهين ۾ اچي خوشيءَ مان جهمريون پائي رهيا آهن، پر ان معاملي تي جوش نہ پر هوش مان ڪم وٺڻو پوندو. آخر ان معاملي تي تڪڙ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اردو ڳالهائيندڙ آبادي بہ اتي ئي آهي ۽ اسين بہ اتي ئي آهيون، ان ڪري جيڪڏهن اردو ڳالهائيندڙ آبادي سنڌ سان پيار ڪرڻ ۽ سنڌ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جون ڳالهيون ڪري ٿي تہ اسانکي ڏسڻ گهرجي تہ عملي طرح هو سنڌ لاءِ ڇا ٿا ڪن. واقعي بہ جيڪڏهن هو سنڌ جي حقن لاءِ عملي ميدان ۾ بہ سچائي ثابت ڪري ٿا ڏيکارين تہ پوءِ اسان کي بہ بهتر موٽ لاءِ سوچڻو پوندو. باقي تڪڙ ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي. هونئن بہ تيستائين اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ سان ناهہ شايد مستقل ۽ ڪارائتو ثابت نہ ٿيندو، جيستائين ايم ڪيو ايم سنڌ جي حواليٰ سان چند اهم ڳالهين يا سوالن (Issues) تي پنهنجو مؤقف واضح نہ ڪندي. جيئن سنڌ ۾ بنگلاديش ۽ هندستان کان ايندڙ پناهگيرن جي آبادڪاري، ڪراچيءَ ۾ شروع ٿيندڙ شهري حڪومت، ڪوٽا سسٽم، سنڌ ۾ سول بيوروڪرسي ۽ حڪومت ۾ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ ۽ سنڌين جو پائيوارو. سنڌ ۾ سنڌين حيثيت، سنڌ ۾ پاڻيءَ جي مسلسل کوٽ ۽ ڪالا باغ ڊيم جهڙين اهم ڳالهين تي سنڌين وارو مؤقف اختيار ڪرڻ اهڙا مسئلا آهن جن تي ايم ڪيو ايم پنهنجي مؤقف ۾ اجان واضح ناهي ٿي. هئڻ تہ ائين کپي تہ هو سنڌ جي سڀني مسئلن تي سنڌين وانگر پنهنجو چٽو مؤقف رکن جيڪو سنڌ جي مفاد ۾ هجي، پر هو اجا تائين ائين نہ پيا ڪن.

گذريل 50 ورهين ۾ هنن جو مؤقف مڪمل طرح سنڌين جي خلاف رهيو آهي. اڪثر وڏيون نوڪريون ۽ ڏنڌا ذاتي هنن وٽ ئي رهيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي سياست ۾ خاص طور تي ڪراچيءَ ۽ ٻين شهرن ۾ سنڌين جي لاءِ هنن جو موقف ڇنو رهيو آهي. اُتي هنن ڇوندون ٻه ڪنيون آهن. ٻه ٽيئن سنڌ حڪومت ۾ حصيدار هجڻ جي صورت ۾ ايم ڪيو ايم سنڌين جي حقن جي خلاف رهي ۽ ڪا ٻه حمايت نه ڪئي، سنڌين کي نوڪرين مان ڪڍيو ۽ ڪين نين نوڪرين کان گهٽي ياڳي پري رکيو ۽ انهن خلاف ٻساني، جون ڳالهيون ڪندي رهي. جنهنڪري سنڌين کي هر ڪيتر ۾ سخت نقصان پهتو هتي سندن تشدد واري سياست جو ذڪر في الحال ڪونه ٿا ڪريون. پر تاريخ جي رڪارڊ تي انهن سيني ڳالهين کي درج رکندا ايندا سين. جن ۾ سنڌ کي ٻين سان گڏ انهن ماڻهن ٻه سور ۽ گهاوَ ڏنا. جن کي سنڌ جيءَ ۾ جايون ڏيندي رهي آهي.

ٽيبل - I

Social Class Back Ground of Sindh Provincial Assembly Members

	1988ع	1990ع	1993ع	1997ع
1. زميندار / سردار	30	26	25	30
2. سرمائيدار /جاگيردار	28	30	31	27
3. وچولا وڏا زميندا / وڏيرا	8	14	14	13
4. شهري/ايم ڪيو ايم	30	30	30	30
ڪل	96	100	100	100

نوٽ: ڏنل ٽيبلون جنرل اليڪشن رپورٽ، واليوم II & I اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان 1997ع تان ڪنيون ويون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيبل - II

Social Class Back Ground of National Assembly Members

	1985ع	1988ع	1990ع	1993ع	1997ع
1. زميندار ۽ قبيلائي سردار	157	156	106	129	126
2. سرمائيدار /جاگيردار	54	20	38	37	39
3. شهري پروفيشنلس	18	09	46	26	32
4. مذهبي اڳواڻ	06	15	11	08	03
5. رٽائر فوجي آفيسر	–	07	03	05	02
6. ٻيا	03	–	03	03	02
ڪل	207	207	207	207	207

ٽيبل - III

Composition of Cabinets 1995-1998
Federal Ministries and Ministers of State

	جاگيردار	سرمائيدار	[illegible]	عام	عورتون	عالم	اقليتي	[illegible]	ٽوٽل
محمد خان جوڻيجو (1985-88)	12	3	8	2	1	1	–	–	27
بينظير ڀٽو (1988-90)	15	1	14	3	4	–	1	6	44
نواز شريف (1990-93)	12	9	12	1	–	1	2	2	39
بينظير ڀٽو (1993-96)	17	3	13	2	1	–	1	2	39
نواز شريف (1997-99)	8	6	8	1	2	–	–	1	26

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي سماجي صورتحال جو جائزو:

سنڌي سماج کي ڪيترين برايون لڳل آهن انهن جو اندازو ۽ نقصان جي ڪٿ تڏهن ٿي ممڪن آهي، جڏهن سماج جا عالم ۽ نبض شناس (Social Scientists) گڏجي ويهي کوجنا ڪن، ۽ ڪا جامع ۽ ڏور رس تحقيق ڪن، جنهن جي نتيجن جي روشنيءَ ۾ عمل جوڳيون سفارشون مرتب ٿين.

هن جائزي ۾ بين جائزن وانگر پاڻ نصابي ڳالهيون ڪونه ڪنداسين، پر سادي سولي انداز ۾ سماج جا موجود مسئلا اپٽارينداسين جيئن خبر ته پوي اسان کي پنهنجي سماج کي ڪهڙن مرضن مان آجو ڪرائڻو آهي. ڏسڻو پوندو ته آخر اسان وٽ ننڍ وڏائي ڇو آهي، ذات پات جو فرق ايترو وڏيل ڇو آهي، طبقاتي تفاوت ڇو آهن، غليظ ۽ مڪروه رسمون ۽ رواج ڇو پکڙيل آهن!

هي قبائلي جهيڙا، ڪارو ڪاريءَ جون رسمون، بدي جون شاديون، وڏندڙ اغلام بازي، نشي جو واهپو، خودڪشيون، لچالڻ جا واقعا، بد فعليون، اقليتن خلاف ڏوهه ۽ سنڌن عدم تحفظ جي احساس سان پريل زندگي، چوڌاري تفرقي بازي، ذات پرستي، وهم پرستي ۽ بيون اهڙيون ڪيئي هڃائون، اسان جي ڳاتي ۾ لڳل زهرناڪ ۽ موتمار بلائون آهن ۽ عام طور تي ايئن محسوس ٿيندو آهي ته سنڌ انهن دوزخي عذابن مان ڪڏهن به آجي ڪانه ٿيندي.

اسان جو سماج جاگيرداراڻو سماج آهي. جاگيرداراڻو نظام پنهنجي بقا ۽ بچاءَ لاءِ پنهنجون سموريون توانائيون استعمال ڪري رهيو آهي، جڏهن ته سرمائيداراڻي دؤر اسان وٽ ستين مهيني جي ٻار وانگر ولادت حاصل ڪئي

اهي ۽ اجاتائين انڪيوبيٽر ۾ خاص نگهداشت واريءَ حالت ۾ پيل آهي. سنڌ جي سماج کي زوريءَ زبردستيءَ پنتي رکڻ ۽ اڳتي وڌڻ کان روڪڻ ۾ رياست ۽ مذهبي عنصرن جو وڏو هٿ رهيو آهي.

هن ملڪ جي اصل حاڪمن سنڌ کي ان لاءِ هڪ ناڪاري ۽ مدي خارج سماج ڏيڻ تي زور رکيو. جو ان طريقي ڪانسواءِ سنڌ کي هو ڊگهي مدت تائين غلام بڻائي سگهيائي نه ٿي. تاريخ چوي ٿي ته سنڌ جي خمير ۾ روشن خيالي، وسيع القلبي ۽ ترقي پسندي ازل کان رچيل آهي. دنيا جا اڪثر ماڻهو اجا حيوانن واري زندگي گذاري رهيا هئا ته سنڌ جا ماڻهو تمدن واري زندگي گذاريندا هئا. تاريخ گواهه آهي ته دنيا کي "داس ڪئپيٽال" سان لوڏي ڇڏيندڙ ڪارل مارڪس پيدا ئي نه ٿيو هو. ته ٻه سؤ ورهيه پهرين سنڌ ۾ صوفي شاهه عنايت سنڌ ۾ "جهوڪ ڪميون" برپا ڪيو هو. اسان جي هن سر زمين وٽان جين مت، ٻڌ مت، هندو ڌرم، عيسائيت، اسلام، سک مت، پارسي مت ۽ هندن ۽ ٻين مڪتبه فڪر جي مختلف هاڪاري روين جي رنگارنگيءَ سان دنيا کي سيڪيولرزم جو عملي مثال پيش ڪيل آهي. اسان جي ڌرتي محبتن جي زمين آهي، جنهن جي مٽيءَ ۾ عدم تشدد، رواداري، سهپ، ۽ بردباريءَ ۽ برابريءَ جا جزا وڏيڪ مقدار ۾ موجود آهن. دنيا ۾ ٻين علائقن ۾ موجود سماجن، پيداواري وسيلن جي ترقيءَ ۽ پيداواري ايپت جي بدلجڻ ۽ انهن جي واڌ ويجهه سان مختلف تغيرات ۽ تبديلين کي پيدا ڪيو آهي پر سنڌ ۾ 1947ع کانپوءِ هر شيءِ جامد ۽ ساڪت ٿي چڪي آهي. جيڪڏهن اجا به سادن لفظن ۾ بيان ڪجي ته هيئن چئبو ته 1843ع کان 1947ع تائين برطانوي راڄ جي 104 ورهين ۾ سنڌ ۾ ايتري ترقي ٿي، جو اها ترقي، تاريخ جي ڪنهن دور ۾ ٿي نه هئي ۽ نه وري اڳ ۾ ڪڏهن ايڏي تيز تبديلي ۽ ترقي آئي هئي. 1947ع کان وٺي نئين صديءَ جي آمد تائين، سنڌ ۾ سواءِ ان نر ۽ طفيلي تبديلين جي، ترقيءَ جي رفتار کي روڪي . ارتقا جي ڦيٿي کي ابتو ڦيرائڻ لاءِ

حو- نـ "نئين سنڌ" جي تعمير ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيترا وس ڪيا ويا آهن. اهڙا تجربا پڻ تاريخ ۾ اڳ ۾ ڪڏهن نہ ٿيا آهن. ايڪيهين صديءَ ۾ جڏهن سنڌ قدم رکي ٿي تہ وڏيرا شاهي، نجي جيل، ٻارن جو پورهيو، عورتن جو ڪاروبار، ڪارو ڪاريءَ جا واقعا، خودڪشين جو وڌندڙ انگ، عورتن جو اغوا، سنڌ جا داغ بڻيل هجن ٿا. ويهين صديءَ جي آخري اڌ ۾ سڌريل دنيا ۾ ٿيندڙ ترقيءَ سان ڪٿي پيٽ نہ ٻہ ڪجي، پر جيڪڏهن ٽينءَ دنيا جي ڪنهن پنتي پيل علائقي، مثال طور لاطيني آمريڪا جي ڪنهن ٻہ ملڪ سان ٻہ پيٽ ڪجي، تہ ٻہ سنڌ ۾ ٿيندڙ ترقيءَ جي رفتار وڌيڪ سست بلڪ ٻنهہ بيٺل نظر ايندي.

ان سڄيءَ صورتحال بيان ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ ذهن ۾ اهو رکجي تہ گذريل اڌ صديءَ ۾ سنڌ کي جن مجبورين کي منهن ڏيڻو پيو آهي، اهي مجبوريون ان لاءِ پيدا ڪيون ويون تہ جيئن سنڌ پنهنجن مونجهارن ۾ ڦاٿل رهي ۽ ان جا اندروني مسئلا ۽ تضاد ايترا تہ اپريل رهن، جو قومي آزادي، خود مختياري ۽ قومي تشخص ان لاءِ ناقابل حل بلڪ ناممڪن مسئلو بڻيل هجن. ۽ فقط ۽ فقط جياپو ئي سنڌ جو اهم دائمي معاملو بڻيل رهي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ جاگيرداريءَ جو ٻج انگريز سامراج ڇٽيو هو ۽ پنهنجي هڪ صديءَ جي راڄ دوران انهيءَ فصل کي باقاعدي تيار ڪيو هو، پر پاڪستان نهڻ کانپوءِ سنڌ جي "جاگيرداريءَ" کي هيڪاري وڌيڪ طاقت ملي. پاڪستان نهڻ کان پوءِ اُن کي تحفظ مليو. انگريزن جي آخري وقت ۾ جتي جاگيرداريءَ کي ان ڪري ٻہ ڪاپاري ڌڪ لڳي رهيو هو جو هندو جاگيرداراڻي ذهنيت رکڻ بدران واپاري ۽ تجارتي ذهن رکندا هئا. جنهن ڪري اهي باوجود ان جي تہ مسلمان زميندارن ۽ جاگيردارن کان قرض ۾ ۽ وياجن ۾ گروي ٿيل زمينون لکرائي وٺندا هئا، پر انهن لاءِ هارين کان زمينون کسڻ ڏکيو ڪم ٻہ هو ۽ بي فائدي پڻ. ايئن جڏهن مسلمان زميندار قرضي ۽ وياجي زمينون ٿيں وال ڪندو هو تہ اهي زمينون هندو زميندار کي ملنديون هيون، جنهن سان هارين جي معاشي ۽ سماجي حالت ٿي

اجو تہ "نئين سنڌ" جي تعمير ڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خراب اٿر پوڻ بدران ڪنهن حد تائين بهتر اثر پوندو هو. پر ورهاڱي ڪانپوءِ حالتون انتهائي خراب ٿي ويون. هڪ ته انهيءَ دوران سکر بيراج نهڻ ڪانپوءِ پنجاب جي ماڻهن کي هڪ منظم رٿا بنديءَ هيٺ سنڌ ۾ انهن زمينن تي آباد ڪرايو ويو. ٻيو ته خاص طور هندستان مان لڏي ايندڙ پناهگيرن کي سنڌ جون زمينون ۽ ٻيون ملڪيتون ڪليمن ۾ ڏنيون ويون. ان کان علاوه اڳتي هلي ڪوٽڙي بئراج نهڻ کانپوءِ سنڌ ۾ غير سنڌي آبادگارن کي وڏيڪ بيراجي زمينون ڏئي وسايو ويو. ان مان ائين محسوس ٿيندو هو ته سنڌ ڪو مفتوح علائقو آهي، جتي هر شيءِ کي مال غنيمت سمجهي لٽيو پيو وڃي ويجي. حد ته اها ٿي، جو ڪرڪيٽ يا هاڪيءَ جي عالمي مئچ کٽڻ تي رانديگرن کي انعام ۾ سنڌ جون زمينون ڏنيون ويون. ڪنهن ڳائڻيءَ جي خوش الحاليءَ تي، حاڪمن کي جڏهن به ڪنهن انعام اڪرام سان نوازڻو ٿيو ٿي ته به سنڌ جون زمينون عطا ٿي ڪيون ويون!

اهڙيءَ صورتحال ۾ جڏهن سنڌي جاگيردار هجي يا ڪليمن ۾ حاصل ڪيل زمين جو ڪو نئون مالڪ هجي يا قبايل / هٿ ڪيل ايراضيءَ تي موجود قبضي گير هجي، ڪنهن جو به سنڌ ڌرتيءَ سان روحاني ۽ جذباتي ڳانڍاپو ۽ واسطو پيدا ٿي نه سگهيو. ۽ انهن وٽ اها پنهنجائپ جڙي نه سگهي، جيڪا هڪ هاريءَ جي پنهنجي ٻنيءَ سان هوندي آهي. منت ۾ مليل، ڪليمن ۾ مليل يا قبايل زمين جو ماڻهن کي ڇا قدر ٿي سگهيو پئي؟ ٿيو ائين جو جن کي به "مال غنيمت" ۾ زمينون مليون، انهن بعد ۾ زمينون وڪڻي ڇڏيون ۽ روڪ رقم ڪيسي ۾ وجهي ٻيا وڻ وڃي وسايا ۽ سنڌ ۾ زمينداريءَ جو رخ تبديل ٿي ويو. سنڌ جون زمينون، انهن ئي هٿن ۾ گڏ ٿي ويون جن وٽ اڳئي وڏيون جاگيرون هيون. نتيجي ۾ سنڌ ۾ (Neo feudalism) جديد جاگيرداري جو دؤر شروع ٿيو. اسان وٽ اڄ به نؤ جاگيرداري پنهنجي عروج تي آهي جنهن سنڌ ۾ سرمائيداريءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيـر ڪـوڙڻ ڪونـہ ڏنـا آهـن. جـاگيرداريت جـو انتهـائي خطرنـاڪ روپ جديـد جاگيرداري (Neo feudalism) هوندي آهي.

سنڌ جي سماجي صورتحال کي سمجهڻ لاءِ ضـروري آهي تـہ سـنڌ جـي ويجهي مـاضيءَ واريءَ تـاريخ کي چڱيءَ طرح ذهن ۾ رکجي، نـہ تـہ سـنڌ جـي سماج جو مطالعو مڪمل ٿي نـہ سگهندو.

سچي ترقي جنهن لاءِ اولين شرط منظم ۽ فعال ادارن جي موجودگي آهي، اُن کان سنڌ، پاڪستان نهڻ کان پوءِ هڪـدم محروم ٿي، وڏي پئمـاني تي لڏ پلاڻ سبب سنڌ مان ادارا ڪمزور ٿيا يا مرڳـو ئـي غـائب ٿي ويـا. وڏي پئماني تي هجرتن ۽ لڏ پلاڻ سبب سنڌ جو سمورو سمـاجي نظـام درهـم برهـم ٿي ويو. هڪ طرف سنڌ جا هندو لڏي هندستان پئـي ويـا. جـن جـي وجـڻ ڪـري سنڌ جي سياسي، سماجي، اقتصادي، علمي، ادبي، ثقافتي شـعبن ۾ خـال پيـدا ٿيا ۽ ٻئي طرف ٻاهران ايندڙ پناهگيرن هن ڌرتيءَ کي فتـح ٿيـل پرڳڻـو سمجهـي والار هيٺ آندو. نتيجي طور،جن کي ورهاڱي ڪـانپوءِ جـي حـالتن جـي خبـر آهـي اهـي مـاڻهو شـاهدي ڏينـدا تـہ سـنڌ جـا شـهر جيڪـي سـنڌ جـي خواجـن، هندن،پارسين،سکن، ۽ Elite مسـلمانن جـا صـاف سـترا شـهر هئـا. جتـان جـي نالين مان بہ چندن جو واس پيو ايندو هو. اهي شهر دونهين ۽ ڌپ ۾ پرجي ويـا. صاف هوائون ۽ فضائون، آلوده ۽ بدبو دار ٿي ويون. سنڌ جا اهي سڌريل شـهر، سنڌين کان کسجي ويا ۽ سنڌي جيڪـي اڳ ۾ بہ ٻهراڙين ۾ هئـا سـي پـوءِ بـہ ٻهراڙين ۾ رهيـا. ڪـانئن شـهر جـو ڦرجي ويـا تـہ سـنڌن Urbanisation رڪجـي وئي،سنڌن شهري ادارا ختم ٿي ويا. رابطا نـہ جڙيا، جيڪـو خـال پيـدا ٿيـو اهـو خال ئي رهيو، ڪڏهن بہ پر نـہ ٿيو.

ترقي ادارن کان سواءِ ممڪن ئي نـہ هونـدي آهـي ۽ سـنڌين وٽ شـهري ادارا نـہ رهيا. سنڌ ۾ جن کي ادارا جوڙڻ ۽ هلائڻ ايندا هئا اهي لڏي هليـا ويـا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي ايڏا تہ منظم ۽ متحرڪ هئا جو پوئتي رهيل اسين ڌرتيءَ تي رهندي بہ ڪجهہ نہ ڪري سگهياسين ۽ هو پارت ۾ هوندي بہ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏياري ويا. ادارا. جي ترقي مائل ڪلچر جي نمائندگي (Representation) ڪندا آهن. اڳتي وڌيل ادارا ئي ادارن جو متبادل ٿيندا آهن. ادارن مان ئي ادارا جڙندا آهن. سماج ادارن مان ئي گڏيل ۽ با ترتيب طاقت حاصل ڪندو آهي. ۽ پوءِ ئي هڪ دور مان ٻئي دور ۾ ڇلانگ لڳائيندو اهي.

سنڌ ڏاڍي مظلوم اهي. جو هن ڌرتيءَ کي هڪ تہ ادارن جي کوٽ نصيب ٿي. ورهاڱي کانپوءِ بي ترتيب ۽ غير منظم زندگي سنڌين کي ورثي ۾ ملي. سنڌن علمي ادبي تحريڪون بہ مانيون تي ويون ۽ سنڌين سڀ ڪم "قادر" جي حوالي ڪري پاڻ کي هر ذميواري کان آجو سمجهي ڇڏيو. ۽ ان کان پوءِ تاريخ ٻڌائي ٿي تہ اوهان ۽ اسان جي سنڌ چوڌ طرف مصائبن ۾ گهيرجي وئي. وسيلا ڦرجندا ويا. هر ڪيتر ۾ ڌارين جي يلغار ٿي ۽ چوطرف اجنبي ۽ اوپرن ماڻهن قبضو ڪري ورتو. اسين اهي ئي هٿين خالي رهياسين. اسان جي ڌرتي اسان تي تنگ ٿي وئي. اسان جي قوم جي مراعتيافتہ ماڻهن کي پنهنجي سنڌي هجڻ جو سيرو احساس ڪلهہ بہ ڪونہ هو. پوءِ بہ پيدا ڪو نہ ٿيو ۽ ڪڏهن پيدا ڪون ٿيندو. اهي پنهنجي سموريءَ جاگيرداري ادمبر سوڏا هڪ ڏيهن وڏا انقلابي ۽ پرولتاري ٿيندا. جڏهن سنڌ جو پاڻي پنجاب ٻالنين ۾ کين ڏيندو. ڳڏريل چئن ورهين کان ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ هڪ ڪيوسڪ پاڻي ڪونہ وهايو ويو اهي. جڏهن تہ 1991ع جي پاڻيءَ واري معاهدي ۾ 10 ملين ايڪڙ فوٽ وهائڻ جو واعدو ڪيو ويو هو. هن سال پاڻيءَ جي کوٽ ڇا ٿي ڪري اهو اسان اکين سان ڏسون پيا. خدانخواستہ حالتن جو اهو رخ بيٺو تہ سکر بيراج کان هيٺ جڏهن پاڻي وهايو ويندو تہ کهڙيون ڪيٺيون ۽ ديهون اباد ٿينديون! اهو اسان لاءِ چنتا جو لمحو آهي. پر لڳ تہ انهن جا

/جو تہ "نئين سنڌ" جي تعمير ڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڌارجندا. جن جون اهي ڪيئيون ۽ ڏيهون ۽ جاگيرون آهن. افسوس صد افسوس. اهي بي شعور ۽ بي حس آهن.

الغرض تہ سنڌ ۾ سماجي ڪيتر ۾ ادارن جوڙڻ جو خيال تڏهن وجي پيدا ٿيو جڏهن 1977ع کانپوءِ ضياالحق جي مارشل لا لاڳو ٿيو. جڏهن ملڪ انڌير نگري بڻجي ويو. سنڌ جي سماجي ڪيتر ۾ ترقيءَ جي ڳالهہ تي ڪجهہ چرپر ٿي، ۽ سنڌ کي هڪ ادارو نصيب ۾ آيو جيڪو نہ رڳو ادارو هو، پر بين ادارن جو متبادل هو. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسئيشن سنڌ جي سماجي ڪيتر ۾ ترقيءَ ۽ خدمت جو تصور ڏنو، ۽ ان کي عملي جامي پهرائڻ طرف پختا قدم بہ کنيا. ان جي بر پا ٿيڻ ۽ ان جي خدمتن تي هڪ ڌار ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي . هتي فقط ايترو چئبو تہ "سگا" سنڌ جو اهڙو ادارو هو جنهن سول سوسائٽيءَ کي نوان نقشا ڏنا. "سگا" ئي هڪ اهڙو ادارو هو، جنهن سنڌ ۾ اين جي اوز کي متعارف ڪرايو. سنڌ جي ماڻهن کي ٻڌايو تہ غير سرڪاري ماڻهو، بنا وسيلن جي پنهنجي مدد پاڻ تحت گهڻو ڪجهہ، بلڪ سڀ ڪجهہ، ڪري سگهن ٿا .

"سگا" کان پوءِ سنڌ کي سماجي طور تي منظم انداز ۾ ڪم ڪرڻ جو ولولو "سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت" ڏنو. سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت سنڌ جي پهرين تنظيم هئي، جنهن سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڳوناٺين تنظيمن جو نيٽ ورڪ ناهيو ۽ ماڻهن کي شراڪتي بنيادن تي (Participatary approach) هيٺ ڳوٺن جي ترقيءَ لاءِ سرگرم ڪيو.

افسوس اهو آهي، جو اهي ادرا بہ تنظيمن جي حد تائين ئي رهيا ۽ انفرادي انحصار ۽ روايتي طريقيڪار جو شڪار ٿي ويا. ۽ هاڻ اهي تنظيمي طور بہ ايترو سرگرم نہ آهن. ها، ايترو آهي، جو هنن ادارن جي مهرباني ئي آهي، جو هنن اسان کي ڪم ڪرڻ جو طريقو ۽ جذبو ڏنو ۽ سنڌن وقتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناڪامين اسان کي سيڪاريو آهي تہ سنڌ جي سڀ پاسائين جامع (Integreted) ترقيءَ لاءِ ڪم ڪجي.

سنڌ ۾ سماجي خدمتن واري ڪيتر جي ڪا ڏگهي ڪهاڻي ڪانهي. ڏيارام گدومل ڪان وٺي مسڪين جهان خان کوسي جا جيون چرتر اسان جي سامهون آهن. اسان انهن کي اڳيان رکي پنهنجي ماضيءَ جي تجربن کي حال جي جدوجهد سان سلهاڙي سگهون ٿا. اسين اينڊڙ دور جي تقاضائن کي مدنظر رکي، جيڪڏهن پاڪستان ۾ آغا خان رورل سپورٽ پروگرام ۽ اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ جي تجربن جي راهہ تي ڪو اهڙو پروگرام جوڙيون، جنهن ۾ شهري توڙي ڳوٺاڻي ترقيءَ جو منشور هجي تہ ڪو سبب ناهي تہ اسين سنڌ کي سماجي طرح تمام گهڻو اڳتي آڻي نہ سگهون. ان لاءِ سنڌ حڪومت کي ائين رقم مخصوص (Endowment Fund) ڪرڻي پوندي جيئن پنجاب پنهنجي صوبي جي ترقيءَ لاءِ جامع پروگرام جوڙڻ لاءِ رقم مخصوص ڪئي ۽ 500 ملين رپين جي رقم ڏئي پنجاب رورل سپورٽ پروگرام جوڙائي ورتو.

بلڪل ساڳيءَ طرح بلوچستان ۽ سرحد حڪومتن بہ اهڙن پروگرامن لاءِ رقمون مخصوص ڪيون. هاڻ بلوچستان ۾ بي آر ايس پي ۽ سرحد ۾ سرحد رورل سپورٽ ڪارپوريشن SRSC ڪم ڪري رهيا آهن، پر سنڌ واحد بد نصيب صوبو آهي، جنهن جي هر حڪومت کي بار بار چيو ويو پر سنڌ ۾ سنڌ رورل سپورٽ پروگرام يا اهڙو ڪو بيو پروگرام هن وقت تائين شروع ٿي نہ سگهيو آهي.

جيتوڻيڪ سماج سان لاڳاپيل معاملن کي بهتر انداز ۾ اڪلائڻ ۽ سماج کي ترقي ڪرائڻ لاءِ سول سوسائٽي جا سمورا ادارا هڪجيترا ذميوار هوندا آهن، پر پاڪستان ۽ خاص طور سنڌ ۾ سماجي خدمت جو تصور فقط اين جي اوز سان وابستہ آهي. اهو هڪ عام مغالطو آهي تہ اين جي اوز جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذميواري آهي تہ اها سماجي ترقيءَ جي ڪيتر ۾ سڀ ڪم سرانجام ڏين. جيڪڏهن ان قسم جو طرز فڪر اختيار ڪبو تہ پوءِ وري بہ صورتحال ساڳي ٿيندي تہ پنهنجي ذميواري بين جي ڪنڌ ۾ وجهو.ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ اختلافي پهلو ڪونهي تہ جڏهن ڪنهن بہ فرد /اداري کي ڪنهن ڪم جو مئنڊيٽ ملي ٿو، ان کي ان مئنڊيٽ آهر ڪم سرانجام ڏيڻو آهي، پر ڪنهن فرد /اداري کان هڪ تبديلي ۽ اهڙي ترقيءَ جي گهر ڪرڻ، جيڪا ان جي وس ۽ وت کان ٻاهر هجي، اڻ ڄاڻائي ۽ غلط فهمي آهي.

اڳ ۾ اهو ذڪر ڪيو اٿئون تہ شهري توڙي ٻهراڙي ترقيءَ جي منشور تي مشتمل ڪو اهڙو ترقياتي پروگرام شروع ڪجي، جيڪو شراڪتي طريقي تي ڪم ڪري، تہ ڪو شڪ ناهي تہ سنڌ سماجي طور اڳتي اچي سگهي ٿي، ۽ ان لاءِ ضروري آهي تہ مختلف ملڪن جي ترقيءَ مان سبق حاصل ڪجي.

دنيا جهان جي ترقيءَ کي ڏسون ٿا تہ حيرت ٿئي ٿي، پر جيڪڏهن اسان پاڻ، ان ترقيءَ کي ممڪن سمجهي اهو ئي رستو اختيار ڪيو تہ اسان وٽ حيرتون نہ پر حقيقتون هونديون. حقيقتون سامهون آهن، حيرتن ختم ٿيڻ جو دؤر آهي. اسان کي هڪڙو پيرو بيهر پاڻ کي ڪم لاءِ قائل ڪرڻو پوندو.

"ڪم" کان سواءِ حال ۾ قوم تہ خراب وقت ڏسي ٿي ۽ گهڻو عذاب ڀوڳي ٿي، پر ڀرين ڀرين اهو نتيجو نڪري ٿو تہ پنهنجي اينڊڙ نسل کي اسين پنهنجي هٿن سان تباهہ ڪري رهيا هوندا آهيون. اسان جي اڪثريت ڪم کي عيب ٿي سمجهي. واپار، مواصلات (خاص طورٽرانسپورٽ)، ٽيڪنيڪي ڪمن، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ فني ۽ هنري شعبن ۾ اسين محض ان ڪري ڪا مهارت حاصل نہ ڪري سگهيا آهيون، جو ڪم اسان کان پڄي نہ ٿو. ڪم، جيڪو سوچرائي ٿو، دماغ هٿائي ٿو، مٿي ۾ (وقتي طور يا شروع ۾) سور وجهي ٿو، ان کي وڃڻ، هڪ گناهہ سمجهيو ٿو وڃي. اسان جي عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاگردن لاءِ اجان بہ ڏکيا (۽ ناپسنديده) مضمون، رياضي ۽ انگريزي آهن. اهڙيءَ حالت ۾ ڇا ٿو ڪري سگهجي! جڏهن ذهن کي سوچڻ هڪ تڪليف ده عمل لڳي، جڏهن اڪيلائي ۽ خلوت کان ماڻهو خوفزده هجن، جڏهن غور و فڪر ۽ سوچ ويچار لاءِ پنجن منٽن جيترو وقت نہ هجي، تڏهن فقط حيران ٿي ٿي سگهجي ٿو، حقيقتن جو تہ مشاهدو نہ ٿو ڪري سگهجي.

ان ڪان وڌيڪ ڪهڙو آئينو هوندو تہ چين ۽ جاپان کي ڇڏيو. پر پنهنجي ئي پر پاسي جي پرڳڻن جي ماڻهن جي ڪيل ترقيءَ کي ئي هڪ مثال بڻائي اڳيان رکجي، تہ بہ اندر جون اکيون کلي سگهن ٿيون.

عام ماڻهوءَ جو الميو آهي تہ "بابو ماستر هو، ڪوٺا تي مان بہ ماستر ٿيندس". ۽ سرنديءَ وارن ماڻهن جو خيال آهي تہ "ماڻهو محنت ڪري ڪمائيندو ان لاءِ آهي تہ سک ماڻي. سک ماڻيو اٿئون، هاڻ ڇا لاءِ محنت ڪريون؟"

هن سڄي سور سلڻ جو مقصد اهو آهي تہ مڃجي تہ جڏهن سوچ فڪر ئي هوندو تہ پوءِ ماڻهوءَ ۽ مريد ۾ ڪو بہ فرق تہ رهندو. اسين پنهنجي جبلتن جا مريد آهيون. ڪاٺو آهي، پيٽو آهي، خوف، بک، گرمي ۽ سرديءَ کان پاڻ کي هڪ مخصوص طبعي عمر تائين محفوظ رکڻو آهي ۽ آباديءَ ۾ اضافو ڪري ايئن هليو وڃڻو آهي، جو دنيا چوي تہ "جهڙا آيا هئا جهان ۾ تهڙا ويا موٽي". الله الله خير صلا.

اسان جي عمل ۾ ڪٿي بہ ڪو تغير ان ڪري بہ ڪونهي، جو اسان کان وسري ويو آهي تہ پاڻ کي ۽ پاڻ جهڙن ٻين سيني کي ڪنهن مٿي ڪٿي جيئڻ جهڙو بڻائڻ لاءِ غور بہ ڪرڻو آهي. اسين هر ڳالهہ تي دل ۾ اهو چئي پاڻ کي مطمئن (Justify) ڪندا آهيون تہ "ان ڪم جو نيڪو پلا مون تي آهي ڇا"؟

ٻين لفظن ۾ ذميواري /فرض جو احساس (Sense of responsibility) ڪونهي. اهو ئي سبب آهي تہ اسين پنهنجي ترقي تہ ڇا پر تباهيءَ کي قبولڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ بہ تيار ناهيون. هاڻ ليکي ڪيڏي جو وقت اچي ويو آهي. هاڻ "نور بشر جا بحث" ختم ڪرڻا آهن. هاڻ انهن اجاين مڪالمن جي نذر ناهي ٿيڻو تہ سماجي ڪم سياسي ڪارڪنن جو معاملو نہ آهي، يا وري پورهيتن جي حقن لاءِ ڪم ڪرڻ ٽريڊ يونين يا سياسي ڌرين جي ذميواري آهي. سماج جو هر معاملو آخري چيڙي تي سياسي آهي ۽ سياست جو محور ۽ مرڪز سماج هجڻ گهرجي اهو هڪ آفاقي اصول آهي.

الغرض تہ ملائڪ اچي اسان جي حالت ڪونہ سڌاريندا. اسان کي سڀ ڪجهہ پاڻ کي ڪرڻو آهي. ذميوارين ورهائڻ لاءِ ڪو ولي يا بزرگ اچي ڪم ڪونہ ورهائيندو ۽ نہ وري ڪمن جي نگرانيءَ ۽ چڪاس لاءِ ڪو ساڌو يا سنت اچي فرض ادائگي ڪندو. پاڻيءَ جي زبان، روشنيءَ جي زبان، لفظن جي زبان کان وٺي خيالن جي زبان تائين هر زبان، اسان کي نقصان پهچائي ٿو. تنهن ڪري ايئن چئجي تہ "دنيا جو اچو منهن آهي. هڪڙو منهنجي سڌرڻ سان ڇا ٿيندو" انتهائي غلط سوچ آهي. هاڪاري انداز ۾ سوچڻو آهي تہ "منهنجي سڌرڻ سان هڪڙو بگڙيل ماڻهو دنيا ۾ گهٽبو. اهو دنيا جي ٻين بگڙيل ماڻهن کي ڌڪ لائيندو. ايئن بگاڙ هوريان هوريان ضرور گهٽندو ويندو". شروعات ۾ مڪاني (تمام هيٺينءَ سطح) تائين اثر نظر نہ بہ اچن تہ پلي نہ اچن. پر اڳتي هلي وڏي پيماني تي فرق نظر ايندو.

موجوده دور ۾ سماجيات جا ماهر، ڏاها، سياستدان ۽ عملي طرح سماج جي بهتريءَ لاءِ ڪم ڪندڙ ڪارڪن ان ڳالهہ تي سهمت آهن تہ نقصان گهٽائڻ (Losses Management) بہ ترقيءَ جو اهم جز آهي. ماهر ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ "جيڪڏهن مستقل بنيادن تي عام ماڻهو پنهنجي ناڻي جي ميڙ يا تشڪيل (Capital Formation) ڪري ۽ پنهنجي معيار زندگيءَ کي بلند ڪرڻ لاءِ منظم انداز ۾ ڪوششون وٺي تہ ان جي معيار زندگيءَ ۾ بهتري ضرور ايندي".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدقسمتي اها آهي تہ ملڪ جي ٻين خطن ۽ پرڳڻن جي ڀيٽ ۾ سنڌ جي ماڻھن ۾ بہ عادتون ڏاڍيون پختيون پاڙون هٽي چڪيون آهن:

1) بي ترتيبي

2) فضول خرچي

بي ترتيبيءَ مان مراد بد نظمي ۽ بي انتظامي آهي. اسين انفرادي سطح تي توڙي اجتماعي سطح تي رٿابندي ڪا نہ ڪندا آهيون. ڪڏهن بہ رڪارڊ ڪونہ رکندا آهيون. جنهنڪري اسين هر ڪم ۾ وڏيڪ پئسو، وقت ۽ انساني توانائي ضايع ڪندا آهيون. فضول خرچي بہ اهڙوئي عيب آهي. ڏيڻ تہ ايئن گهرجي تہ جيڪڏهن ماڻهو درياهہ جي ڪناري تي بہ گهر اڏي رهي ٿو تہ اتي بہ ضرورت کان وڌيڪ پاڻي استعمال نہ ڪري، پر افسوس تہ اسين ٿر ۾ بہ منرل واٽر سان وهنجڻ وارا خيال رکندڙ ماڻهو آهيون. جيري لاءِ ٻڪري ڪهندا آهيون. سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ جيڪڏهن ڀلا ڪجهہ نہ ٿو اچي، ۽ سمجهڻ ۽ سکڻ جي ضرورت آهين تہ پوءِ گهربل تربيتن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ونون نہ؟ پر ايئن ڪونہ ڪنداسين. سيني نقصانن ۽ خامين جي باوجود "معتبر ۽ مڙس ماڻهو سڏجڻ" جو خفت اسان کي هميشہ رهي ٿو. هي اهي خاميون، ڪوتاهيون ۽ ڪمزوريون آهن، جن کي مختلف (Case Studies) جي روشنيءَ ۾ تصديق هيٺ آندو ويو آهي ۽ هاڻ تہ اها خاطري ٿي وئي آهي تہ اسان جي مختلف خرابين جا 90 سيڪڙو ذميوار اسين آهيون.

آخر ۾ مان پنهنجي هن مضمون جي پڄاڻي انهيءَ (Note) سان ڪندس تہ آخر ڪيستائين اسين ٻين سهارن ۽ آسرن جو انتظار ڪنداسين. روزانو ڪيترائي ماڻهو خودڪشيون ڪن ٿا ۽ پوءِ بہ اسانکي اهي اهڃاڻ (Indicaters) جاڳائين ڪونہ ٿا. تہ ان جو مطلب آهي تہ اسان گرڙ پڪيءَ وانگر بک جي شدت ۾ اکيون ٻوٽي، پنهنجا ئي ٻچا کائي رهيا آهيون. بي حسيءَ جي

اجو تہ "نئين سنڌ" جي تعمير ڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشي ۾ اهڙا ڪهڙا خمار آهن، جو اسين پنهنجي وجود جون پڪارون نہ ٿا ٻڌي سگهون!؟

اسان جو سماج هاڻ ان ڳالهہ جو متحمل نہ رهيو آهي تہ ٻاهرين فنڊنگ ايجنسين ۽ ڊونرز جو انتظار ڪريون. اسان وٽ ڪو اختر حميد خان، شعيب سلطان خان يا وري ڪو ايڌي الهہ - لوڪُ اچي اسان جي سهائتا ڪري. اسان کي تہ اهڙن بيمثال ماڻهن جي تجربن کي اڳتي وڌائڻ گهرجي. اسان کي انهن جي کيل پورهئي کي اڳتي وڌائڻ گهرجي ۽ اهو ثابت ڪرڻ گهرجي تہ اسان کي نهيل نڪيل ۽ رذيل پڪل ڪائڻ سان گڏ انهيءَ ۾ سواد وڌائڻ لاءِ طريقا بہ ايندا آهن.

هيءَ وقت آهي، جو اسين دنيا جي مختلف ترقياتي پروگرامن جو مطالعو ڪريون، انهن جي ڪاميابين ۽ ناڪامين جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ترقيءَ جا گس پيدا ڪيون.

دنيا ۾ ڇا وهي ۽ واپري ٿو، اهو معلوم ڪرڻ هاڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي. رڳو اخبار پڙهندڙ ماڻهو بہ ايتري معلومات ۽ عقل رکي ٿو تہ تيل جي قيمتن وڌڻ سان فوري طور تي ڪهڙا اثر پيدا ٿيندا . تنهنڪري پاڻ کي اڻ ڄاڻ ۽ بي خبر ڄڻي، مجبوري ظاهر ڪري، لا تعلقي اختيار نہ ٿي ڪري سگهجي. اسين سادا ٽي ڪروڙ سنڌي ماڻهو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سنڌ جي تنزل ۽ بربادي‌ءَ جا هڪجيترا ذوهاري آهيون. قومن جي مثان جڏهن اهڙا وقت ۽ مرحلا ايندا آهن تہ قومن کي ڪي سخت فيصلا ڪرڻا پوندا آهن. اسين سرگردانيءَ جو شڪار نہ ٿيندي بہ گهٽ ڪجهہ ڪري سگهون ٿا . انتهائن تي وڃڻ کان پرهيز ڪندي، پرسڪون انداز ۾ پاڻ تي اخلاقي جوابداريون عائد ڪيون ۽ پنهنجي ضمير آڏو جوابده بڻجي وڃون ۽ اهو ڏسڻ چڏي ڏيون تہ باقي ٻيا سنڌي سنڌي پنهنجو فرض ادا ڇو نہ ٿا ڪن؟

جيڪڏهن اسين سادا ٽي ڪروڙ سنڌي ماڻهو، روزانو هڪ هڪ روپيو بچايون تہ اسين روزانو سادا ٽي ڪروڙ روپيا گڏ ڪري سگهون ٿا . روزانو سادا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽي ڪروڙ روپيا گڏ ڪندڙ قوم، سوين اسپتالون، هزارين اسڪول، ڪيترائي روڊ رستا، پاڻي جا تلاءَ، پليون، ڪلورٽون ۽ انفرا اسٽرڪچر جون درجنن جي حساب سان رٿائون جوڙي ۽ اڏائي سگهي ٿي. پريس هٿائي اخبارون، رسالا ڇپرائي سگهي ٿي. ڳوٺ ڳوٺ ۾ جديد تعليم پهچائي سگهي ٿي. اسان جي بچت اسان کي هڪ سال ۾ مٿي ڪٽي ايندي.

هاڻ جيڪڏهن ڪير اهو سوال ڪري ته اهو ڪم ڪير ڪندو؟ ته ان لاءِ وارڊ سطح کان، پاڙي سطح، ڳوٺ، شهر، يونين ڪائونسل سطح، تعلقي ۽ ضلعي سطح تائين پنهنجون تنظيمون ٺاهڻيون پونديون. پاڻ منجهان نيڪ ۽ اشراف ماڻهن کي اڳيان آڻي مختلف ادارن سان لهه وچڙ ۾ اچي، گهٽو ڪجهه سکي سگهجي ٿو. ايئن دنيا جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ماڻهن پنهنجي ليکي ڪم ڪيو آهي ۽ اهو ناممڪن ناهي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسين اڄ جي بي آراميءَ کي برداشت ڪرڻ سکي ونون نه ته سياڻي ذلتون اسان کي آرام سان مرڻ به ڪونه ڏينديون.

انساني وسيلن جي ترقي ۽ قدرتي وسيلن جي انتظام ۾ بني نوع انسان جو جيڪو به گڏيل ڪردار آهي، ان ۾ اسان جو هڪ سيڪڙو به عمل شامل ڪونهي. انساني ترقيءَ ۾ اسان جو ڪيترو حصو آهي، اهو ضرور جانچڻ گهرجي. موجوده دؤر ۾ ڪنهن ڊجيٽل واچ کان وٺي، ڪنهن لفٽ مشين، ڪرين، بلڊوزر، ڪارپيٽ روڊ، ايئرپورٽ، ائير ڪرافٽ تائين ۽ ويندي ڊسپرين ٽيبليٽ تائين، اسان ماڻهن جو ڪنهن به ايجاد تي ڪو به حق نه آهي. سچ ته اهو آهي ته اسين سڀ جا سڀ دنيا جي ترقيءَ اڳيان شرمسار آهيون پر اها سڀ به اسان کي ذرتيءَ، دين ۽ هستيءَ سان گڏ مفت ۾ ملي آهي. اچو ته عزم ڪريون ته اڄ کان پوءِ جيڪڏهن ٽشو پيپر به استعمال ڪنداسين ته دنيا جي گڏيل ترقيءَ جو پاڻ کي مقروض سمجهي، قرض لاهڻ لاءِ لڇنداسين ۽ لوچينداسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي موجوده
اقتصادي صورتحال جو جائزو

اقتصادي يا معاشي واڌارو سماج جي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي. ترقيءَ مان مراد اقتصادي يا معاشي ترقي به آهي. ترقيءَ جي ذريعي سماج ۾ يا ملڪ ۾ ماڻهن کي سهوليتون ملنديون آهن. ترقيءَ جي وصف ۾ روڊ رستا، پاڻي، صحت، آمدنيءَ جا ذريعا، کاڌ خوراڪ ۽ ٻيون اهڙيون شيون اچي وڃن ٿيون. دنيا جي هر ملڪ جي ترقيءَ لاءِ پئسا ۽ ٻيا وسيلا. جن ۾ ذخيرا ۽ موڙي شامل آهن. گهربل ٿيندا آهن. ذخيرن مان مراد ڪوئلو، گئس، تيل ۽ ٻيون معدني شيون آهن. سنڌ صوبو انهن مڙني شين سان مالا مال آهي.

هن وقت پاڪستان نائين پنجسالہ منصوبي هيٺ هلي رهيو آهي ۽ ان ۾ مقرر ڪيل ترقيءَ جي حدن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. پاڪستان پنهنجا 8 پنجسالہ منصوبا پورا ڪري چڪو آهي. جيڪڏهن گذريل رٿائن جو غور سان مطالعو ڪبو ته ترقيءَ جا انگ ڪاغذن ۾ ته تمام سٺا نظر ايندا، پر انهن جي ترقيءَ جي صحيح صورتحال سان ڀيٽيون ته نتيجو ٻيو نظر ايندو.

گذريل سمورن سالن ۾ ٿيل سيڙپ ملڪ جي صرف 10 کان 20 سيڪڙو ماڻهن جي تقدير بدلائي سگهي آهي. ايتري وڏيءَ سيڙپ جو ماڻهن مٿان ڪو به خاص اثر نظر نٿو اچي. گهٽي پاڳي غريب طبقو ان اثر کان ٻاهر رهجي ويو آهي. سماجي ڪيترن ۾ ٿيل سيڙپ به ڪو اثر نه ڏيکاريو آهي. چاليهن سالن جي ڳريءَ سيڙپ کان پوءِ به پاڪستان دنيا جي 174 ملڪن ۾ مجموعي گهرو پيداوار (GDP) جي حساب سان 100 نمبر تي آهي ۽ انساني ترقيءَ جي لحاظ کان 128 نمبر ملڪ آهي. اها ڳالهه ڏاڍي ڇرڪائيندڙ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواندگيءَ جي شرح تمام گهٽ ۽ آمدنيءَ جي ورهاست بـ انتهائي اڻبرابريءَ واري آهي. انهيءَ گهٽ ترقيءَ ۽ اڻبرابريءَ جا اثر ملڪ جي مڙني صوبن تي پيا آهن. پر سنڌ بـ انهيءَ اثر کان خالي نـ رهي آهي.

سنڌ ملڪ جو ٻيو نمبر وڏو صوبو آهي، جنهن جي پکيڙ هڪ لک 40 هزار، 9 سؤ چورس ڪلوميٽر آهي، 1998ع جي آدمشماريءَ موجب، صوبي جي آبادي ساڍا ٽي ڪروڙ آهي، جنهن مان 51 سيڪڙو ماڻهو ٻهراڙين ۾ ۽ 49 سيڪڙو شهرن ۾ رهن ٿا. سنڌ ۾ 66 هزار ڳوٺ آهن. هتي اها ڳالهـ توجهـ لائق آهي تـ 1901ع ۾ سنڌ جي آبادي فقط 34 لک هئي، جيڪا وڌي هن صديءَ جي آخر تائين ٽن ڪروڙن تي پهتي آهي. آدمشماريءَ جي ايڏي واڌاري صوبي ۾ غربت ۽ کاڌ خوراڪ جا مسئلا پيدا ڪيا آهن.

سنڌ ۾ پڻ دنيا جي ٻين غير ترقي يافتـ ملڪن وانگر ٻٽي يا ٻـ - پاسائين اقتصاديات آهي: هڪ شهري ۽ ٻي ٻهراڙيءَ جي، يا هڪ صنعتي ۽ ٻي زرعي. ڪراچيءَ ۽ ٻين وڏن شهرن جي ماڻهن جو گهڻي ڀاڱي دارومدار نوڪرين، صنعتن ۽ خدمتن تي آهي، ۽ ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جو گهڻي ڀاڱي دارومدار زرعي سرگرمين تي آهي. چارٽ نمبر 1 مان ملڪ جي مختلف اقتصادي ڪيترن ۾ سنڌ جو حصو معلوم ٿئي ٿو.

چارٽ نمبر 1
مختلف ڪيترن ۾ سنڌ جو حصو (سال 1994ع)

ڪيتر	شهر	ٻهراڙيون	سنڌ جو مجموعي سيڪڙو
زراعت	4.3 سيڪڙو	72.7 سيڪڙو	42.2 سيڪڙو
صنعت	29.4 سيڪڙو	9.1 سيڪڙو	18.2 سيڪڙو
نوڪريون / خدمتون	66.3 سيڪڙو	18.1 سيڪڙو	39.2 سيڪڙو

ذريعو: "سوشل ڊيولپمينٽ ان پاڪستان"، ۽ ايس پي ڊي سي – 1998ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ننڍين ڪاتيدارن، هارين، مزدورن ۽ ٻين غريب طبقن جو 70 سيڪڙو آباد آهي. سائنسي بنيادن تي ٿيل ڪيترن اڀياسن مطابق سنڌ جو 1/3 حصو ماڻهو غربت جي تمام هيٺين ليول تي رهي ٿو. مردن ۾ تعليم جي شرح 30 کان 40 سيڪڙو مس آهي، عورتن ۾ اها شرح وڌ ۾ وڌ 10 سيڪڙو آهي. ڪراچي ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ تعليم جي شرح 48 سيڪڙو ۽ غربت جي شرح 30 کان 40 سيڪڙو آهي.

سنڌ ۾ مجموعي طرح بيروزگاريءَ جي شرح 20 کان 25 سيڪڙي تائين آهي. سماجي ڪيترن ۾ سيڙپ، مجموعي گهرو پيداوار جي 6. 3 سيڪڙي کان گهٽجي، سال 1998ع ۾ 9. 2 سيڪڙو تي ڇڪي آهي. هيءَ سيڙپ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. چارٽ نمبر 2 مان اهي انگ اکر واضح ٿين ٿا.

چارٽ نمبر 2
سماجي ڪيترن ۾ صوبن طرفان مجموعي گهرو پيداوار جي سيڙپ جو سيڪڙو

سيڙپ ٪	سال
1.9	1972-73
2.3	1977-78
2.4	1982-83
3.6	1987-88
3.1	1992-93
3.0	1996-97
2.9	1998-99

ذريعو: ايس بي ڊي سي - 1997ع ۽ سرڪاري رپورٽون - 1998ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارٽ نمبر 3

صوبن جي 97-1996ع سال جي ڪل خرچ مان سماجي ڪيترن ۾ ڪيل خرچ جو حصو.

1- پنجاب	45 سيڪڙو
2- سنڌ	33 سيڪڙو
3- سرحد	44 سيڪڙو
4- بلوچستان	42 سيڪڙو

ذريعو: ايس پي ڊي سي ۽ سرڪاري انگ اکر 1997ع - 1998ع

متئين چارٽ نمبر 3 ۾ ڪيل پيٽ مان ظاهر آهي تہ سماجي ڪيترن ۾ سنڌ جو خرچ ٻين صوبن جي مقابلي ۾ گهٽ ۾ گهٽ آهي.

1977ع جي مارشل لا کان پوءِ سنڌ کي هڪ تابع يا نابرابريءَ وارو صوبو سمجهي، پنهنجي ڏکي ڇڏيو ويو آهي، ترقيءَ جي سڀني ڪيترن يا مدن ۾ ڪيس ٻين صوبن کان وسيلن جو گهٽ حصو مليو آهي. امن امان جي بگڙيل حالتن، لساني جهڳڙن، سياسي ڏماچوڪڙين، حڪومت جي غلط رويـن، فرقيواريت، ڌاڙن ۽ خونريزين سنڌ جي صورتحال کي وڌيڪ خراب ڪيو. سنڌ جي ماڻهن کي سنڌن صوبي ۾ فيصلن جي حق نہ ڏيڻ ۽ وفاق ۾ فيصلن کان ٻاهر رکڻ واريءَ بد نيتيءَ هن صوبي جي مجموعي حالتن تي خراب اثر ڇڏيو. تنهن سان گڏ ڪالا باغ ڊئم ناهڻ واريءَ رٿا جي ماهري ـ پاڻيءَ جي غير منصفاڻي ورڇ ۽ غلط معاهدي، پنجاب پاران سنڌ جي فصلن لاءِ پاڻيءَ جي روڪ ۽ قومي مالياتي ڪميشن (اين ايف سي) واري غلط معاهدي، سنڌ جي ترقيءَ کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڳل وزير اعظم نواز شريف هڪ چونڊيل آمر هو، جنهن حڪومت ڪرڻ لاءِ جيڪي بادشاهي طريقا استعمال ڪيا، سنڌ انهن جو خاص نشانو بڻي. سنڌ کي پنهنجي نمائنده اسيمبليءَ هوندي، فيصلن جا اختيار نه هئا. لياقت جتوئي صاحب جي سربراهيءَ ۾ قائم ڪيل سنڌ حڪومت بيحد ڪمزور ثابت ٿي، انهيءَ دور ۾ سنڌ جي ترقيءَ جو سارو ڪاروبار ٺپ ٿي ويو هو. اقتصادي شعبي جي بدنظمي، ناڻي جي غلط ورڇ، سنڌ جي حصي جا فنڊ مهيا نه ٿيڻ ۽ ڪا به اهم ترقياتي رٿا عمل ۾ نه اچڻ ڪري ترقياتي سرگرميون مڪمل طرح بيهي رهيون هيون. نه رڳو نيون نوڪريون نه ڏنيون ويون پر اڳين حڪومتن ۾ رکيل هزارين سنڌي نوجوانن کي تڙي ٻاهر ڪڍيو ويو. زرعي شعبي جي سار ڪانه لڌي وئي ۽ نه کي صنعتي رٿائون عمل ۾ آيون. نوڪرين ۽ خدمتن جي کيترن کي ويتر گهٽايو ويو. بيروزگاريءَ جي انهيءَ بوسٽ ڪان تنگ اچي سوين ماڻهن آپگهات ڪيا.

سنڌ جي اقتصاديات ۾ زرعي شعبو بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو. کاڌ- خوراڪ جي ضمانت سان گڏ، هي شعبو 70 سيڪڙو آباديءَ جي گذر سفر جو وسيلو بڻيل آهي. سنڌوءَ تي دنيا جو وڏي ۾ وڏو ۽ هڪ انوکو آبپاشي نظام جڙيل آهي، جنهن تي گڏو، سکر ۽ ڪوٽڙي بئراجن وسيلي 70 لک ايڪڙ زمين آباد ڪري سگهجي ٿي، پر پاڻيءَ جي غلط ورڇ واري معاهدي ۽ پاڻيءَ جي هترادو ڪوٽ جي ڪري صرف 32 لک ايڪڙ ايراضي آباد ٿي رهي آهي. سم ۽ ڪلر واري گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ مناسب انتظام نه هجڻ ڪري، سنڌ جي 75 سيڪڙو زرعي زمين خراب ٿي چڪي آهي. اها ايراضي سڄي ملڪ جي خراب ٿيندڙ زمين جو 70 سيڪڙو آهي. زمين جي خرابيءَ ۽ گهڻ آباديءَ جي ڪري روزگار ۽ آمدنيءَ جا وسيلا محدود ٿي ويا آهن. (سرڪاري انگ اکر)

ٻئي طرف زرعي پيداوار جو مقدار گهٽجي رهيو آهي. ڦٽين، ڪمنڊ، سارين، ڪڻڪ ۽ تيلي ٻج جهڙا ڳرا ۽ ناڻي وارا فصل (cash crops) انب، ڪيلي، زيتون ۽ کجور جهڙا اهم ميواتي فصل، هر قسم جون ڀاڄيون ۽ ٻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسون. جنڪي خوراڪ ساں گڏ ملڪ لاءِ ساٽي جو ٻيل حصو ڪمائين ٿيون، سي سڀ هاٿي متي ٻڌايل سببن جي ڪري پوئتي پئجي رهيون آهن.

ٻئين طرف، آبادگارن کي فصلن جو صحيح اگهہ نٿو ملي. اپياسن مطابق، سنڌ جا 80 سيڪڙو هاري، زميندارن جا قرضي آهن. اهي 80 سيڪڙو هاري، 92 سيڪڙي تائين پنهنجين ضرورتن لاءِ زميندارن کان وقت بوقت قرض کڻندا رهن ٿا. هر ڪو هاري خاندان 20 هزارن کان هڪ لک تائين زميندار جو قرضي آهي. هارين کي جيتمار دوائون، ٻج، پاڻ ۽ ٻيون سڀ سهوليتون وياج تي ملن ٿيون. ٻج، پاڻ ۽ دوائن جي وڏين قيمتن ۽ ٻين زرعي ضرورتن جي وڌيل خرچ جي پيٽ ۾، فصلن جا اگهہ تمام گهٽ ٿا ملن. نتيجي طور، ننڍو آبادگار ۽ هاري لڳاتار پيڙبو رهي ٿو.

نواز شريف جي حڪومت جي ڏنل پاليسين جي ڪري ڦٽين جي قيمت وارو گهوٽالو پيدا ٿي پيو ۽ گذريل سال (2000-1999) ڪپهہ جي قيمت لهي اچي 500 روپيا مڻ تي بيٺي. نواز شريف، ملڪ جي آبادگارن کي ڏيوالي ۾ وجهي، پنجاب ۾ ڪپهہ جي ڪارخانن لاءِ هندستان ۽ ٻين ملڪن مان ڦٽيون گهرايون. جنهن جو نتيجو اڄ سنڌ ڀوڳي رهي آهي. ساڳيو حال سارين جي اگهہ سان ٿيو آهي. انهن زرعي پاليسين جا اڳتي اجا بہ وڌيڪ اگرا نتيجا نڪرندا.

غلط ۽ جانبدار پاڻيءَ واريءَ پاليسيءَ هيٺ، ايندڙ ڪتيءَ ۾ سنڌ کي پاڻي 25 سيڪڙو گهٽ ملندو ۽ هلندڙ سال 40 سيڪڙو پاڻي گهٽ ملندو. جنهن جو اثر ايندڙ خريف تي بہ پوندو.

گذريل ويهارو سالن کان آباد ٿيندڙ سنڌ جي زمين ۾ پيداوار گهٽجڻ سان زراعت هيٺ زمين بہ گهٽجي پيئي.

1980ع کان پنجاب جي مجموعي زرعي زمين ۾ 83. 9 سيڪڙو واڌ ٿي آهي. اهڙي نموني صوبي سرحد ۽ بلوچستان ۾، ترتيبوار، 01. 5 ۽ 56. 7 سيڪڙو زمين ۾ واڌ آئي آهي، پر سنڌ ۾ 31. 2 سيڪڙو لاٿ آئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري آبپاشي نظام جي لحاظ کان ڏسبو تہ پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ۾، ترتيبوار، 82، 15 سيڪڙو، 14، 13 سيڪڙو ۽ 43، 22 سيڪڙو زمين ۾ واڌ آئي آهي. پر سنڌ ۾ انهيءَ حساب سان، 1980ع کان 1998ع تائين 20، 10 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي. ڪپهہ، چانورن، دالين، جوَن ۽ ڇٽن واريءَ پوک لائق زمين ۾ وڏيڪ گهٽتائي آئي آهي.*

* (عامر ڪبير، روزانہ ڊان، مارچ 1999ع)

سنڌ جي زراعت ۾ سم ۽ ڪلر جو مسئلو انتهائي خراب حد تائين پهچي چڪو آهي ۽ جيئن پوءِ تيئن اهو وڏيڪ ڳنڀير ٿي رهيو آهي.

سنڌ ۾ اها صورتحال ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تشويشناڪ آهي. چاڪاڻ تہ هيءَ علائقو سنڌو درياءَ جي پڇڙيءَ ۾ آهي. درياءَ، لڳ ڀڳ سان گڏ، لوڻ جا سراسري طرح 8 ڪروڙ ٽن بہ پاڻ سان کڻي ايندو آهي، جنهن جو زمينن تي خراب اثر لڳاتار پوندو رهي ٿو.

سم ۽ ڪلر جي وڌندڙ مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ سرڪار گذريل ڪجهہ سالن کان ٽي وڏا منصوبا عمل ۾ آندا، جن ۾ "اسڪارپ" جو ٽيوب ويل منصوبو، دريا جي کابي ڪپ لاءِ ليفٽ بئنڪ آئوٽ فال ڊرين (ايل بي او ڊي) وارو منصوبو ۽ درياءَ جي ساڄي ڪپ لاءِ رائيٽ بئنڪ آئوٽ فال ڊرين (آر بي او ڊي) وارو منصوبو شامل آهن. پر انهن ٽنهي منصوبن بہ گهربل نتيجا حاصل نہ ڪيا آهن. "اسڪارپ" جا ٽيوب ويل آهستي آهستي خراب ٿي ويا ۽ هن مهل تائين هزارن مان مس ڪي چند ڪم ڪري رهيا آهن. جيڪي بہ سموريءَ ايراضيءَ لاءِ بي اثر آهن. ايل بي او ڊي واري منصوبي نوابشاهہ، سانگهڙ ۽ ميرپورخاص ضلعن جي ڪجهہ زمين کي فائدو ضرور ڏنو آهي. وڏي نالي (Spinal Drain) ۽ ننڍين برانچ نالين ذريعي سم جي ڪني پاڻيءَ جو نيڪال ٿيو آهي، پر بدين کان ٽائيڊل لنڪ جي صورتحال وري بگڙي پيئي. ٽائيڊل لنڪ ذريعي سم جو سڄو ڪنو پاڻي سمنڊ ڏانهن وهي ٿو. ان لنڪ جا ڪنارا ڊهندا پيا وڃن. مقامي ماڻهن مطابق، ان لنڪ جو وهڪرو سلوپ ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڪري سمنڊ جو پاڻي ڇوويهن ڪلاڪن ۾ ڪافي دير اندر واپس وهي ٿو. هن منصوبي جي نهڻ وقت مقامي ماڻهن جي خيالن کي ڪافي حد تائين نظر انداز ڪيو ويو. اهڙا ٽي نقص ساڃي ڪپ واري منصوبي، آر بي او ڊي، ۾ به آهن.

سنڌ جي ڪنهن به حڪومت ڪا چڱي پاليسي نه جوڙي ۽ ڪو قطعي حل نه ڪڍيو ته سمر جي پاڻيءَ جو نيڪال ڪيڏانهن ۽ ڪيئن ٿئي. سمر جي ڪني پاڻيءَ سان، صنعتن جو گندو پاڻي ۽ وري بلوچستان مان ايندڙ ڪنو پاڻي به گڏجي وهڻ لڳو آهي. ان لاءِ پهرين رٿا هيءَ ٿي ته پاڻي منڇر ڍنڍ ۾ ڇڏجي، پوءِ اهو رايو جڙيو ته اهو پاڻي سيوهڻ کان سنڌوءَ ۾ ڇڏجي. وري سنڌ چيمبر آف ائگريڪلچر، آبادگار بورڊ ۽ سنڌ جي ڪن ماهرن مشورو ڏنو ته پاڻي درياءَ ۾ ڇڏڻ بجاءِ اهڙي ڪا رٿا ڪجي، جو اهو جبلن ۾ وهائجي، پر ڪو به فيصلو ٿي نه سگهيو آهي. ان گندي پاڻيءَ جي ڪري منڇر تي آباد ٿيندڙ زمينون خراب ۽ غير آباد ٿي چڪيون آهن. ميربحر، جن جي زندگيءَ جو دارو مدار منڇر تي آهي، روزگار کان محروم ٿي ويا آهن. مڇيءَ جو نسل تباهه ٿي رهيو آهي ۽ پکي جيڪي اڳي جهجهي انداز ۾ ايندا هئا، تن اچڻ ڇڏي ڏنو آهي. پاڻيءَ م زهر پيرجي ويو آهي، منڇر تي جيڪي ملاحن جا 25 هزار ڪٽنب آباد هئا، تن مان ڏهاڪو هزار لڏي بين هنڌن ڏانهن هليا ويا آهن. ان کي "اقتصادي ۽ آلودگيءَ واري لڏ پلاڻ" جو نالو ڏنو ويو آهي.

منڇر ڍنڍ سيوهڻ ضلعي جي هڪ لک کان وڌيڪ زرعي زمين آباد ڪري ٿي، پر گذريل ڪيترن سالن کان، پاڻي نه هجڻ ڪري اها ايراضي گهٽجندي رهي ٿي. گذريل چند سالن کان درياءَ جي نه وهڻ ڪري منڇر پيرجي نه سگهي ۽ فصلن کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. هڪ تخميني موجب، ان طرح، 8 کان 10 ڪروڙ روپين جو ساليانو نقصان ٿي رهيو آهي.

(تحقيق، عارب ملاح، اعجازقريشي، نصير سارنگ ۽ امام علي ڏيٽو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارٽ نمبر 4
پوکيل ايراضيءَ ۾ تبديلي، سيڪڙي ۾.

جنس	پنجاب	سنڌ	سرحد	بلوچستان	چارئي صوبا
ڪڻڪ	+ 11.29	- 12.09	+ 3.66	+ 57.84	+ 10.31
ڪپهه	+ 32.00	- 3.90	- 36.32	+ 14.12	+ 21.72
ڪمند	- 6.88	+ 59.65	+ 10.39	+ 16.80	+ 6.03
چانور	+ 12.51	- 10.89	+ 0.36	+ 18.00	+ 5.98
دليا وغيره	+ 5.88	- 4.80	+ 4.19	+ 30.09	+ 4.60
داليون	+ 21.33	- 19.54	+ 38.37	+ 130.78	+ 13.34
ڀاڄيون	+ 63.09	+ 11.76	+ 20.59	+ 88.24	+ 46.87
ميوا	+ 27.69	+ 21.97	+ 34.71	+ 59.5	+ 34.12
پٽاٽا	+ 68.35	- 25.87	- 11.94	+ 29.14	+ 44.79

ذريعو: پاڪستان سرڪار جا مختلف انگ اکر اسلام آباد. ۽ عامر ڪبير، زرعي انگ اکر، روزانہ ڊان، مارچ 1999ع

گذريل هڪ – ٻن سالن کان پاڪستان سرڪار ورلڊ بئنڪ کان سم ۽ ڪلر جي منصوبي، (نئشنل ڊرينيج پروجيڪٽ) (NDP) لاءِ مالي سهائتا ورتي آهي، جنهن جو اطلاق سيني صوبن سان ٿيندو. اهو منصوبو 33 ارب روپين جو آهي. سنڌ سرڪار جو ان منصوبي تي ڪو بہ خاص ڌيان ڪونهي، البت پنجاب ۽ ٻيا صوبا ان تي عمل ڪري رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٽياري ڊئم، جيڪو ضلعي سانگهڙ ۾ ايل بي او ڊي واريءَ رٿا هيٺ ٺهيو پئي ۽ جنهن تي ڪروڙين روپيا خرچ ٿي چڪا آهن. تنهن جو ڪو بہ حساب ڪتاب موجود ڪونهي، ورلڊ بئنڪ، جنهن انهيءَ رٿا لاءِ رقم ڏني پئي، سا پنهنجو هٿ ڪڍي وئي آهي. سعودي فنڊ جو بہ اهو ئي حال آهي.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، سڄيءَ دنيا وانگر، ملڪي ترقيءَ جون پنج – سالہ رٿائون تيار ٿينديون رهيون ۽ اهو سلسلو اجا جاري آهي. هن وقت پاڪستان ۾ ترقيءَ جو نائون پنج – سالہ منصوبو هلي رهيو آهي. هر منصوبي ۾ ايندڙ پنجن سالن لاءِ ترقيءَ جي هڪ شرح مقرر ٿيندي آهي. جنهن موجب خرچ جي مناسبت سان ترقياتي ڪمن جون حدون مقرر ڪيون وينديون آهن. اها شرح، سيڙپ جي حساب سان، هر هڪ کيتر لاءِ مقرر ٿيندي آهي. هر کيتر جي ساليانی شرح جوڙي، پنجن سالن جي مجموعي شرح ٻڌبي آهي. پئسي جي صحيح استعمال ۽ انتظام جي صحيح ترتيب جي حالت ۾ ترقيءَ جي مقرر شرح حاصل ڪري سگهبي آهي. پر بدانتظاميءَ ۽ بدعنوانيءَ جي حالت ۾، پئسو رشوتن، ڪميشنن ۽ اڍنگن خرچن ۾ هليو ويندو آهي ۽ ترقيءَ جي گهربل شرح حاصل نہ ٿي سگهندي آهي. ڪن حالتن ۾ قدرتي آفتون بہ منصوبي تي اثر انداز ٿينديون آهن. پر دنيا جي گهڻن ملڪن ۾ صحيح سيڙپ، مڪمل محنت ۽ وقتي رڪاوٽن جي مناسب تدارڪ سان گهربل شرح حاصل ٿي ويندي آهي.

پاڪستان ۾ ترقياتي منصوبن کي توڙ تائين پهچائڻ واري ڪم ۾ رواجي طور بہ رنڊڪون آڏو اينديون رهن ٿيون. پر سنڌ تي ان صورتحال جو گهڻو وڌيڪ اثر پيو آهي. سنڌ جي ضرورتن جي صحيح ڪٿ ڪرڻ بنا، منصوبا غلط جوڙيا وڃن ٿا. جن شين کي حاصل ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي، ان جي بدران رٿا ٻين شين لاءِ تيار ڪيل هوندي آهي. سنڌ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪاني حڪمرانن ۾ وڏو حصو جاگيردارن ۽ وڏن زميندارن جو هوندو آهي، باقي ٻيا به اڪثر جاگيرداري ذهنيت رکندڙ هوندا آهن. هتي جو ڪامورو به انهن جو سائي آهي. ان سبب ڪري سنڌ جون ترقياتي رٿائون غلط رخ اختيار ڪن ٿيون. ڪٿي ضرورت هوندي آهي واٽر سپلاءِ يا ڊرينيج سسٽم جي ته ملندا آهن ٽيليفون جا ٿنڀا. جي ضرورت هوندي آهي بجليءَ ۽ رستن جي، ته نهندي آهي پاڇي مارڪيٽ جي بلڊنگ. هر ڪو ايم پي اي يا سندس ووٽر وڏيرو پنهنجي پنهنجي ڳوٺ ۾ به ٿي اسڪول بلڊنگون ترقياتي منصوبن ۾ داخل ڪرائيندو آهي ته جيئن اهي سندن اوطاقون، واڙا ۽ گدام بنجن. جتي پڙهائيءَ لاءِ ٻار آهن اتي اسڪول ناهي، جتي اسڪول آهي اتي ماستر ناهي. جتي ماستر آهي اتي فرنيچر ناهي، جتي سڀ ڪجهه آهي اتي پڙهائي ناهي. هر ڪنهن اڏاوت ۽ خريداريءَ ۾ ڪامورن جي ڪميشن هوندي آهي. هن وقت سنڌوءَ تي وڏيڪ پلين جي ضرورت آهي، پر ان لاءِ ڪا به رٿا ڪانهي. سيوهڻ بئراج ۽ ريٺي ڪئنال جون رٿائون هلندي هلندي ختم ڪيون ويون آهن. سم - واهن جي صفائي نٿي ٿئي، ڪوٽڙي سرفيس ڊرين جي حالت اڄ ڇوڻ ڪان بدتر آهي. سنڌ کي موٽر وي جي ضرورت ناهي، پر رٿا زوريءَ مڙهي پئي وڃي. نئشنل هاءِ وي جي حالت تمام خراب آهي، هر هنڌ ڀڳو ڀريو پيو آهي. ساڳي حالت انڊس هاءِ وي ۽ سنڌ جي ٻين ننڍن وڏن رستن جي آهي. نئشنل هاءِ وي جيڪو سکر تائين ٻٽو ڪري ناهيو پئي ويو، ان جو ڪم اڌ ۾ روڪيل آهي. پي پي حڪومت ان تي ڪجهه ڪم ڪرايو، پر نواز حڪومت ان کي مڪمل ٺپ ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح، سنڌ جا ڪيترائي ننڍا وڏا منصوبا اڌ ۾ رولڙي جو شڪار ٿيا پيا آهن. زرعي ترقيءَ لاءِ ڪيتن ۽ فارمن کان مارڪيٽن تائين رستن جا الاهي منصوبا رٿيل آهن، پر اهي مڪمل نه ٿيا آهن. ٻين ڪيترن ڪيترن ۾ به ڪم اڌ ۾ ڇڏيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ ڪيترائي منصوبا اڳ ۾ رهيل آهن، جن ۾ پاڻيءَ ۽ ڪراچي ماس ٽرانزٽ جا منصوبا اهم آهن.

سنڌ ۾ ڪوئلي جي بهترين ڪوالٽيءَ جا اٽميا ذخيرا موجود آهن. پي پي حڪومت انهن ذريعي بجلي گهر قائم ڪرڻ پئي چاهيا. پر پوءِ واريءَ حڪومت ان ڏس ۾ ٿيل معاهدن کي ختم ڪري ڇڏيو.

غلط رٿابنديءَ جي ڪري ڪيترن اسڪولن، ڪاليجن، اسپتالن ۽ ٻين عام فائدي وارين جاين جي ضروري مرمت ۽ سنڀال نہ پئي ٿئي، جنهنڪري اهي ڪرڻ جي حالت ۾ آهن.

سنڌ جي ماڻهن پاڻيءَ بابت ٿيندڙ ناحق تي لڳاتار احتجاج پئي ڪيو آهي، پر سنڌن آواز کي هر ڀيري نظر انداز ڪيو ويو آهي.

سنڌ، پنهنجن وسيلن پٽاندر، ٻچت وارو صوبو آهي. پر مارشل لائن ۽ غير نمائنده حڪومتن ان کي قرضي صوبو بنائي ڇڏيو آهي. خاص طور تي 1990ع کان، جڏهن کان ڄام صادق عليءَ جي حڪومت ٿي، هي صوبو قرضن ۾ گهيريو ويو آهي. گذريل ڪيترن سالن کان سنڌ کي پنهنجي ناڻي جو جائز حصو نہ مليو آهي. هن مهل تائين جيڪي ناڻي جا ٺاهہ (اين ايف سي ايوارڊ) ٿيا آهن، سي سڀ سنڌ جي خلاف رهيا آهن. دريا، سمنڊ، تيل ،گئس، ڪوئلو، گرئنائيٽ، چن، چائنا ڪلي، دستڪاريءَ جا هنر، سياحتي هنڌ، ساموندي محصول ۽ ٻيا ٽئڪس – ايترن سارن وسيلن واريءَ سنڌ کي هٿ وٺي ڏتڙيل حالت ۾ آندو ويو. اين ايف سي اوارڊ هيٺ، انهن سيني شين جو تخمينو لڳائي، رقمن جي ورڇ ڪئي ويندي آهي. اها ڳالهہ سيني صوبن سان لاڳو ٿيندي آهي ۽ هرڪو صوبو پنهنجن پنهنجن وسيلن مطابق رائلٽي ۽ ٻيا فائدا حاصل ڪندو آهي.وسيلن جي لحاظ کان سنڌ هر طرح وڌيڪ امير آهي. ڄام صادق عليءَ جي حڪومت غير ترقياتي پاسن تي شاهاڻا خرچ ڪيا. اها سيڙپ اقتصادي واڌاري واري نہ هئي. پوءِ جيڪي بہ حڪومتون آيون، تن بہ ترقياتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمن تي ڪا خاص سيڙپ نہ ڪئي ۽ دل کولي ذاتي خرچ ڪيا. پي پيءَ جي پنهي حڪومتن بہ ترقيءَ جي منصوبن کي صحيح معنيٰ ۾ عمل ۾ نہ آندو. لياقت علي خان جتوئيءَ جي حڪومت تہ سنڌ جي ترقيءَ کي پنجو ڏيئي ڇڏيو. سندس حڪومت وٽ ڪا بہ سوچ سمجھہ. ڪا بہ وسيع نظري نہ هئي. فيصلا سڀ اسلام آباد ۾ ٿيندا هئا. سنڌ جي شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ امن امان جي صورتحال سمورو وقت بگڙيل رهي.

گذريل سال ۾ سنڌ سرڪار اسٽيٽ بئنڪ کان 11 ارب روپيا قرض ڪنيو. واپڊا پنهنجن بلن جي پورائيءَ لاءِ اڳواٽ 7 ارب روپيا ڪٽي ورتا. جڏهن تہ ايترو بل هو ئي ڪونہ. سنڌ جي هڪ اڳوڻي گورنر، ليفٽيننٽ جنرل معين الدين حيدر، 3-مئي 1999ع تي، بين الصوبائي رابطي ڪميٽيءَ ۾، حڪومت آڏو اهي سڀ ڳالهيون رکيون ۽ خاص طور تي اهو ٻڌايو تہ قومي مالياتي ڪميشن طرفان سنڌ کي 9 ارب روپيا پنهنجي حصي کان گهٽ مليا.

جڏهن سيد غوث علي شاهہ وزير اعظم نواز شريف جو سنڌ لاءِ صلاحڪار ٿي آيو تہ هن صاحب سال 2000-1999ع جي بجيٽ، اسيمبليءَ کان ٻاهر، پريس ڪانفرنس وسيلي پڌري ڪئي. اهو طريقو جمهوريت، وفاق جي اصولن ۽ صوبائي خود مختياريءَ جي خلاف هو. شاهہ صاحب ٻڌايو تہ ملڪ جي آئين جا آرٽيڪل 120 ۽ 121 کان 125 تائين، هڪ صدارتي حڪم ذريعي آئين ۾ ترميم ڪري، معطل ڪيا ويا آهن تہ جيئن کيس اهو حق ملي تہ هو اسيمبليءَ بنا پريس وسيلي بجيٽ پيش ڪري سگهي.

گذريل ٻن سالن ۾ سنڌ کي واعدي جي خلاف 25 ارب روپيا گهٽ ڏنا ويا. شاهہ صاحب جي پيش ڪيل سنڌ بجيٽ ۽ وفاقي بجيٽ جي ڪتابن موجب سنڌ سان 2. 35 ارب روپين جو واعدو ڪيل هو. جيڪو وفاقي محصولن تي ٻڌل هو. قومي مالياتي ڪميشن جي حساب سان اُهو 54 ارب روپين جو ڪيل هو. انهيءَ حساب سان، سنڌ کي 3. 19 ارب روپين جو اينڊز ٻن وڌيڪ سالن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين نقصان ٿيندو. ڇيو وجي ٿو تہ هي سيڪجهہ محصول جي گهڻ حاصلات ڪرڻ ڪري ٿئي ٿو. سنڌ ڪي اجا پورٽ قاسم، ڪراچي پورٽ ۽ بين ڪيترن وسيلن جي رائلٽي صحيح نموني نہ پئي ملي. وفاق پاران رقمن جي ادائگيءَ ۾ سرد مهريءَ جو اهو حال هو. جو سنڌ سرڪار پنهنجن ملازمن جا پگهار مشڪل سان پورا ڪري رهي هئي.

تعمير سنڌ پروگرام هيٺ 1994ع، 1995ع ۽ 1996ع ۾ سنڌ کي 500 ملين روپيا ترقياتي ڪمن لاءِ ملڻا ٿيا هئا. انهن جو مقدار اڳتي هلي، سال 98-1997ع ۽ 99-1998ع ۾، وڌائڻ بدران گهٽائي، ترتيبوار 200 ۽ 100 ملين ڪيو ويو. گذريل سالن ۾ مڪاني ادارن لاءِ ڪو خاص پئسو رکيل نہ هو. ملندڙ رقمن مان مڪاني ادارا پنهنجيون گهرجون پوريون نہ پئي ڪري سگهيا. پگهارن سميت. ساڍن ڏهن اربن جي ضرورت هئي، پر سرڪار کين صرف ساڍا ڇهہ ارب ڏيڻا ڪيا. مڪاني ادارن کي باقي 4 ارب روپيا ڪٽان هٿ ڪرڻا هئا. ساڳئي وقت، نواز حڪومت هڪ ئي ڌڪ سان ضلعي ۽ آڪٽراءِ محصول ختم ڪري ڇڏيا. سنڌ جي ڪل ترقياتي خرچ جي مد ۾، جنهن ۾ ٻاهرين ملڪن جي امداد ۽ تعمير سنڌ جا فنڊ بہ شامل آهن. سال 95-1994ع ۽ 96-1995ع لاءِ، ترتيبوار، 1200 ۽ 1300 ملين روپيا رکيل هئا. جن کي وڌائڻ بدران گهٽائي، سال 99-1998ع ۾ 8700 ملين روپيا ڪيا ويا ۽ سال 2000-1999ع ۾ اهو ترقياتي خرچ اجا بہ گهٽائي 7500 ملين روپيا ڪيو ويو.

ان جي معنيٰ هيءَ ٿي تہ گذريل پنجن سالن ۾، وڌائڻ بدران، اصل گهربل خرچ کي گهٽائي اڌ تي آندو ويو. اصول هي آهي تہ آدمشماريءَ جي واڌ مطابق ترقيءَ جي وسيلن کي وڌايو وجي ۽ اڳيورن منصوبن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اڳهن جي واڌ مطابق ترقياتي بجيٽ کي وڌايو وڃي. ساڳيءَ ريت، نوڪرين ۽ خدمتن پيدا ڪرڻ لاءِ غير ترقياتي خرچن جي گنجائش بہ وڌائڻ ضروري آهي، پر ائين ڪونہ ٿو ٿئي. سنڌ صوبي ۾ ڌارين ماڻهن جي وڌندڙ آباديءَ ۽ ملڪ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين صوبن مان ايندڙ ماڻهن جي روڪ ٽوڪ تي ۽ انهن تي ٿيندڙ خرچ جي واڌ تي ڪو بہ ڌيان نٿو ڏنو وڃي. صوبي تي ان سلسلي جو اقتصادي بار وڌي ويو آهي. موجوده حڪومت اقتصادي ميدان ۾ اجا ڪو خاطر خواهہ نتيجو نہ ڏئي سگهي آهي. نہ ڪي وڏا منصوبا ۽ نہ وري ڪا وڌي سيڙپ نظر پئي اچي. وڃان ٿي ماڻهن جي نوڪرين مان ڪڍڻ جو ڌمڪيون پيون ملن.

انهن مڙني معاملن جي ڪري، سنڌ صوبو يتيميءَ جي حالت ۾ گذاري رهيو آهي. موجوده وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کي کپي تہ ماڻهن جي سڀني طبقن جي گهرجن کي نظر ۾ رکندي، وسيلن جي صحيح ورڇ ڪري تہ جيئن سڀ ماڻهو ملڪ ۽ صوبي جي ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين.

هن مضمون ۾ ڏنل انگ اکر سنڌ حڪومت جي مختلف بجيٽن، ساليانن ترقياتي پروگرامن ۽ ٻين ڪتابن تان ورتل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ تعليم جي صورتحال جو جائزو:

سنڌ ۾ جتي ٻين ادارن جي بربادي ٿي آهي، اتي تعليم وارو شعبو به تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي چڪو آهي. پرائمريءَ کان وٺندي هاءِ اسڪولن ۽ يونيورسٽيءَ تائين تعليمي معيار زيرو تي اچي پهتو آهي. شاگرد پڙهڻ نه ٿا چاهين ۽ استاد وري پڙهائڻ نه ٿا چاهين. جڏهن ته والدين به پڙهندڙن ۽ پاڙهيندڙن تي نظر نه ٿا رکن. نتيجو اهو نڪتو آهي ته پرائمري پاس شاگرد کي ٻڪي جو ڪوڙو نه ٿو اچي. مئٽرڪ پاس شاگرد کي اها خبر ناهي ته پاڪستان ڪڏهن ٺهيو؟ ۽ هڪ ڪلو گرام ۾ گرام ڪيترا؟! گرئجوئيٽ انجينئر کي خبر ناهي ته هڪ فوٽ ۾ انچ ڪيترا يا هڪ ميٽر ۾ سينٽي ميٽر ڪيترا؟! ايم بي بي ايس پاس شاگرد کي لفظ Syrup جي معنيٰ جي خبر ناهي.

تعليمي ادارن جي تباهي ڇو ٿي؟ تعليم جي تباهيءَ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ ۽ تعليم جي تباهيءَ جو ڪنهن کي ذميوار سڏي سگهجي ٿو؟ وارا سوال حل ڪرڻ کان پهريان ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته تعليم کي هاڻي بهتر ڪيئن ٿو بڻائي سگهجي يا تباهه ٿيل تعليم کي زنده ۽ صحتمند رکڻ لاءِ ڇا ڪجي؟ ان لحاظ کان به ڏٺو وڃي ٿو ته سنڌ ۾ هن وقت تائين ڪنهن هڪ ذر به تعليم جي تباهيءَ جو سنجيده نوٽيس ناهي ورتو. نه شاگردن، نه استادن، وٺندي استاد تنظيمن کان وٺي ادارن جي سربراهن ۽ نه ئي حڪومتي سطح تي ان معاملي تي وڏي ڪا ڳڻتي ظاهرڪئي وئي ته بيمار ٿيل تعليم کي ڪيئن صحتمند بنائجي. جتي شاگردن ۽ استادن تعليم جي ٻيڙي ٻوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي اتي آءٌ چوندس ته ان ۾ شاگردن ۽ استادن کان وڌيڪ ڏوهه ادارن جي سربراهن جو آهي. اداري جو سربراه جيڪڏهن پاڻ ڍرو (Loose) هوندو ته يقينن ان جا ماتحت استاد وري ان کان به وڌيڪ سست ٿيندا. نتيجو اهو وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪرندو تہ ڪو هيڊ ماستر يا پرنسپال بہ ڏينهن موڪل تي هليو ته وجي تہ ان ئي ڏينهن اڌ ڪان وڌيڪ استاد بہ موڪل تي هليا ٿا وڃن. اداري جو سربراهہ پنهنجي آفيس ۾ سڄو ڏينهن اخبارون پڙهندي ۽ ڪچهريءَ ۾ گذاري ٿو تہ استاد وري پنهنجي ڪامن روم ۾ ڪچهري ڪندي ۽ چانهہ ڪوپ سان دل وندرائيندي ڏينهن پاس ڪن ٿا. ساڳيءَ ريت شاگرد بہ اهڙيءَ صورتحال جو فائدو وٺندي ڪلاس روم ۾ نہ ٿا اچن. چند شاگرد جڏهن استاد کي ڪلاس وٺڻ لاءِ چون ٿا تہ کين موٽ ۾ اهي جملا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا تہ "گهٽ ۾ گهٽ اڌ شاگرد تہ وٺي اچو، پنجن يا ڏهن شاگردن کي پڙهائي ڇا ڪبو؟" حاصل مطلب تہ سڀني تعليمي ادارن ۾ تعليمي معيار نالي ماتر وڃي بچيو آهي. جيڪڏهن اهڙيءَ صورتحال تي نظر وجهون ٿا تہ مسئلي جي تهہ تائين وڃڻو پوي ٿو ۽ پوءِ نظر اهو ٿو اچي تہ اسان وٽ سسٽم ئي خراب آهي. پرائمريءَ کان وٺندي يونيورسٽي سطح تائين جيڪو تعليم جي حوالي سان سسٽم جڙيل آهي، اهو ئي غلط ۽ ناڪاره آهي. ظاهر آهي جيڪڏهن سسٽم ئي خراب هوندو تہ ان جا نتيجا بہ خراب ئي نڪرندا. ان ڪري پاڻ پرائمري، هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي تعليمي ماحول جو الڳ الڳ جائزو وٺندا سين تہ جيئن هر تعليمي اداري بابت صحيح ۽ چٽي حقيقت سامهون اچي سگهي.

پرائمري تعليم:

پرائمريءَ تعليم بار لاءِ ڪنهن عمارت جي بنياد جي حيثيت رکي ٿي. جيترو بنياد مضبوط هوندو، اوتري ئي عمارت مضبوط جڙي سگهندي، پر اسانجي بدقسمتي اها آهي تہ اسان وٽ تعليم جي بيڙي بنياد کان ئي پوڙي وئي آهي. 70ع واري ڏهاڪي تائين سنڌ ۾ تعليم جو معيار بهتر چئي سگهجي ٿو. پر اڳتي هلي 1970ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ وارن سالن کان هن وقت تائين مختلف سياسي حڪومتن ۾ جهڙيءَ ريت پرائمري استادن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيون بوٺي پوري ڪئي وئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ سنڌ ۾ پرائمري تعليم چڻ تہ ختم ٿي وئي. سياسي حڪومتن جي ڏهہ سال حڪومتي دور ۾ جهڙي ريت تعليم جي هٽ وٺي پيٽ ڪئي وئي ان جو مثال آءُ سمجهان ٿو تہ تاريخ ۾ ملڻ مشڪل اهي. چاتايل حڪومتن ۾ حالت اها هئي تہ شاگرد پنج درجا پاس ڪيا يا پنجين ڪلاس جو سرٽيفڪيٽ بہ هٿرادو نهرائي ورتو تہ ان آڌار تي مڊل پاس جو سرٽيفڪيٽ بہ ملي ويو! مئٽرڪ جي امتحان ۾ ڪنهن ٻئي اميدوار کي ويهاري مئٽرڪ بہ پاس ڪرائي وئي. شاگرد وڃي پاسو ڏنو تہ جي وڏيري يا علائقي جي ايم پي اي ۽ ايم اين اي جو ۽ همراهہ پرائمري استاد ٿي ويو!! مون کي تہ اهڙا پرائمري استاد بہ سڃاڻن جن پنج درجا پڙهي وڃي ٻڪريون چاريون. قدرت الله جي. سياسي دور موٽي آيو. پ پ ۽ مسلم ليگين جي حڪومتن اچڻ سان همراہ سوچيو تہ جو نہ مئٽرڪ ڪجي، تعليم جي آڙيڪاپ ماهرن ڪيس مشورا ڏئي مئٽرڪ پاس ڪرائي ۽ پئسن عيوض ڪيس نوڪري بہ ملي وئي. اڄ بہ اهي استاد چڱيءَ طرح اخبار بہ نہ ٿا پڙهي سگهن. جنهن استاد کي ٿي سنڌي الفابيٽ نہ ايندي تہ هو شاگردن کي ڇا پڙهائيندو؟!

مٿان وري جمهوري حڪومتن جي وڏيڪ مهرباني اها بہ ٿي تہ هنن صرف پنهنجن ووٽرن تي واڌو مهربانيون ڪنديون. ووٽ جي آسري ڪيس ڏڙاڏڙ ۽ خاص طور تي تعليم کاتي ۾ نوڪريون ڏنيون. ۽ پوءِ نتيجو اهو نڪتو تہ ڪنهن اسڪول ۾ 25 شاگردن لاءِ پنج استاد پهچي وياتہ ڪنهن اسڪول ۾ ڪمرا ني تہ استاد ست!

سنڌيءَ جي ان مشهور پهاڪي تہ "ڪهڙيں زالين گهر نہ هلي ۽ ڪهڙيں مرديں هر نہ لهي" جيان جيئن استادن جو انگ وڌيو تيئن استادن هڪبئي جي آسري ۽ هڪٻئي سان حسد ۾ پڙهائڻ بہ ڇڏي ڏنو خاص طور تي پ پ جي پهرئين ۽ ٻوٽيں حڪومتي دورن ۾ سنڌ ۾ وڏ ڪان وڏ سون اسڪولن جي قيام جي منظوري ملي. سنڌ ۾ ڪاغذ تي (On papers) تہ سوين اسڪول کليا پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت ۾ اهي اسڪول ڪليا ئي نہ! نہ رڳو رڪارڊ تي اسڪولن جا ڪوڙا نالا ڏيکاريا ويا پر اهڙن اسڪولن جو مڪمل اسٽاف بہ ڀرتي ڪيو ويو. پٽيوالي کان وٺندي چوڪيدار ۽ استاد مقرر ڪيا ويا. جن جا پگھار سپر وائيزر کان وٺندي ايس ڊي اي او، ڊي اي او ۽ ڊائريڪٽر تائين طئہ ڪيل فارمولن تحت ورهايا ويا. سنڌ ۾ ڪيئي اسڪول تہ اهڙا بہ هئا /آهن جيڪي کلي تہ ويا پر ٻار انهن ۾ داخل ٿي نہ سگھيا. اهڙن اسڪولن تي انهن وڏيرن قبضو ڪري ورتو جن ڪوششون وٺي اسڪول منظور ٿي ان ڪري ڪرايا هئا تہ جيئن هو اهڙن اسڪولن کي ٻارن جي پڙهڻ بجاءِ اناج جا گدام ۽ اوطاقن جي مقصدن لاءِ استعمال ڪري سگھن. اڄ بہ اهڙا سوين اسڪول موجود آهن جن ۾ هڪ بہ ٻار داخل ٿي ناهي سگھيو. سنڌ ۾ اهڙا هزارين پرائمري استاد بہ موجود آهن. جن جي نالن سان پگھار تہ کڄن ٿا پر اهي جسماني طور موجود آهن ئي ڪونہ! اهڙن استادن جي گذريل نواز شريف جي حڪومت نہ رڳو نشاندهي ڪئي، پر اهڙا استاد (Ghost teachers) هٿ بہ ڪيا جيڪي جسماني طور موجود ڪونہ هئا. شناختي پريڊ ذريعي جڏهن پوري سنڌ جا 7 هزار استاد پريڊ ڪامينٽين سامهون پيش نہ ٿيا تہ ان وقت جي سيڪريٽري تعليم مهتاب اڪبر راشديءَ اها ڳالهہ ڪئي ۽ اعلان ڪيو تہ اهڙن گھوسٽ ٽيچرس جا آرڊر رد ڪيا ويندا. پر بد قسمتيءَ سان حڪومت جلد ئي هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ استاد تنظيمن جا چند احتجاجي مظاهرا اهڙن گھوسٽ ٽيچرس کي نوڪرين تي بحال ڪرائي ويا. ۽ پوءِ سيڪريٽري تعليم سڄيءَ سنڌ جي ماڻهن کي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي ڪوشش هنن لفظن ۾ ڪئي تہ "سنڌ ۾ گھوسٽ ٽيچرس ڪونهن!" جيڪڏهن سنڌ ۾ گھوسٽ ٽيچرس نہ هئا تہ پوءِ اهي ست هزار استاد ڪير هئا جيڪي شناختي پريڊ دوران پريڊ ڪامينٽين آڏو پيش نہ ٿيا. جيڪڏهن اهي گھوسٽ نہ هئا ۽ حقيقي يعني جسماني طور موجود ٽيچرس هئا تہ پوءِ اهي ڪامينٽين آڏو پيش ڇو نہ ٿيا. جيڪڏهن اهي ٻئي سوال غلط آهن تہ پوءِ حڪومت ڪهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن سان ان سوال جو جواب ڏيندي تہ جڏهن سنڌ ۾ گهوسٽ ٽيچرس هئا ئي نہ تہ پوءِ حڪومت استادن کي گهوسٽ جو نالو ڏئي بدنام ڇو ڪيو؟ بهرحال اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ اهي ست هزار استاد گهوسٽ ئي هئا جيڪي ڪامينٽين آڏو پيش نہ ٿيا ۽ جيڪڏهن گهوسٽ هئا تہ پوءِ بہ انهن کي بحال ڪرڻ جو ڪو جواز ڪونہ هو. جيڪڏهن حڪومت شناختي پريڊ ذريعي هڪ بہ استاد کي فارغ نہ ڪري سگهي تہ پوءِ حڪومت وٽ ان سوال جو ڪهڙو جواب آهي تہ پريڊ ڪامينٽين تي جيڪي لکين روپيا خرچ ڪيا ويا ۽ پ ٽ الف جي هڪ پڌرائيءَ مطابق پريڊ ڪامينٽين آڏو حاضر ٿيڻ لاءِ استادن جيڪي لکين روپيا خرچ ڪيا اهي ڪير ڀريندو؟ بهر حال سنڌ ۾ پرائمري تعليم جي ٻيڙي ٻڏي چڪي آهي. ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي ڪناري لڳائڻ بدران ٻيڙي سوارن توڙي ٻيڙي هلائڻ وارن ان ۾ سوراخ ئي ڪيا آهن. جڏهن اسين اها ڳالهہ مڃون ٿا تہ سنڌ ۾ پرائمري يا بنيادي (Basic) تعليم تباهہ ٿي چڪي آهي تہ پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ تباهہ ٿيل ۽ ڪمزور بنياد تي مضبوط عمارت اڏي سگهبي!

سيڪنڊري تعليم:

ثانوي تعليم کي بہ ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو هڪ "ڇهون، ستون ۽ اٺون ڪلاس" ۽ ٻيو "نائون ۽ ڏهون ڪلاس." اٺين ڪلاس تائين وارن ڪلاسن کي مڊل ڪلاسن چئجي ٿو ۽ نائين ڏهين کي هاير. اهڙيءَ طرح اسڪولن ۾ بہ ٻنهي يعني مڊل ۽ هاير ڪلاسن لاءِ پڙهائيءَ جو الڳ سسٽم آهي. اٺين ڪلاس تائين جا ٿيندڙ امتحان خود اسڪول انتظاميہ ئي وٺي ٿي ۽ هاير جا هاير سيڪنڊري بورڊ. ٿئي ايئن ٿو تہ مڊل ڪلاس جا امتحان اسڪول پاران ئي وٺڻ سبب نتيجا تقريبن 99 سيڪڙو ڏنا وڃن ٿا. ڇو تہ جيڪو استاد سبجيڪٽ پڙهائي ٿو اهو ئي شاگرد جا جوابي پيپر چيڪ ڪري ٿو. جنهن ڪري استاد 99 سيڪڙو شاگردن کي پاس ڪيو ڇڏي. اهڙيءَ صورتحال ۾

اڄ تہ "نئين سنڌ" جي تعمير ڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاگرد پڙهن تہ پڙهن چو؟! ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هاڻ اسڪولن ۾ خاص طور تي مڊل ڪلاس تائين پڙهائيءَ جو معيار انتهائي ڪري چڪو آهي. شاگردن لاءِ حاضريءَ جي بہ ڪا پابندي ڪانهي. شاگرد ڇهہ ڇهہ مهينا ڪونہ ٿا اچن، ۽ امتحان ويجهو ايندي ئي، شاگرد سيني رهيل مهينن جي في ادا ڪري ڪلاس ۾ ويهڻ شروع ڪن ٿا. مئٽرڪ جي صورتحال بہ گهٽي بهتر ڪانهي. نائون ۽ ڏهون ڪلاس تہ شاگردن جي ڪئريئر جا بنيادي سال هجن ٿا پر مئٽرڪ ۾ بهتر پڙهائي نہ ٿيڻ سبب شاگرد فرسٽ ييئر ۽ انٽر ۾، وڏيڪ مشڪلاتن ۾ پئجي وڃن ٿا. مئٽرڪ جي تباهيءَ جو اندازو حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي بورڊ پاران سال 99ع جي آيل نتيجن مان ئي لڳائي سگهجي ٿو، جتي سراسري طور 20 سيڪڙو شاگرد بہ پاس ناهن ٿي سگهيا. اسڪول جي سطح تي هيڊ ماستر انتظامي طور تي انتهائي ڍلي (Loose) پاليسي اختيار ڪن ٿا. ۽ استاد توڙي شاگرد بہ اهڙيءَ لوز پاليسيءَ جو ڀرپور فائدو وٺن ٿا.

هاير سيڪنڊري تعليم :

سنڌ ۾ هاير سيڪنڊري اسڪولن جو تعداد بہ لڳ ڀڳ انٽرميڊيئيٽ ۽ ڊگري ڪاليجن جيترو ئي آهي. تازو تعليمي بورڊن پاران پڌري ڪيل انٽر جي نتيجن بعد پتو پوي ٿو تہ سنڌ ۾ سڀ کان وڏي تباهي هاير سيڪنڊري اسڪولن جي ٿي آهي. رڳو حيدرآباد ۾ بورڊ جي ئي 28 هاير اسڪولن جا نتيجا زيرو(00) سيڪڙو آيا آهن. اصل ۾ ڏٺو وڃي تہ سنڌ ۾ هاير سيڪنڊري اسڪولن جي ڪا بہ ضرورت ناهي. حڪومت معيار (Quality) کي نظر انداز ڪندي صرف مقدار /تعداد (Quantity) تي زور ڏئي رهي آهي، ۽ اهو عمل بہ فطري آهي تہ جيتري ڪوانٽٽي وڌائبي اوتري ڪوالٽي خراب ٿيندي. پر هتي حڪومت اسڪولن جي انگ (Number of Schools) وڌائڻ جي چڪر ۾ تعليمي معيار هٿ سان ڪيرائي رهي آهي. حڪومت چاهي ٿي تہ هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر ۾ الڳ الڳ اسڪول هجي جيئن سيئي ٻار پڙهن ۽ پوءِ خواندگيءَ جي شرح (Literacy rate) ۾ اضافو ٿئي. باقي تعليم تباهه ٿئي ٿي ته ٿيڻ ڏجي!

(سنڌ جي تعليمي بورڊن جي تعليمي سال 2000ع - 1999ع جا نتيجا)

ڪاليجي تعليم :

سنڌ جي ڪاليجن ۾ ڪيتري پڙهائي آهي، ان جو اندازو انٽر ميڊئيٽ بورڊس جي سال 99ع جي نتيجن مان لڳائي سگهجي ٿو. آيل نتيجن مطابق لاڙڪاڻي بورڊ جا رڳو 4 سيڪڙو، سکر جا 6 سيڪڙو ۽ حيدرآباد بورڊ جا رڳو 14 سيڪڙو شاگرد پاس ٿي سگهيا آهن. حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته ڪراچي بورڊ جا 46 سيڪڙو شاگرد ڪامياب قرار ڏنا ويا آهن. حيدرآباد ۽ سکر بورڊ سان لاڳاپيل ڪاليجن جي نتيجن جي صورتحال ڏسي سخت مايوسي ۽ حيرانگي ٿئي ٿي، جو ڪيترائي ڪاليج ته اهڙا به آهن جيڪي نتيجا هڪ يا ٻه سيڪڙو ڏئي سگهيا. ڪراچيءَ کان سواءِ باقي سموريءَ سنڌ جا 90 سيڪڙو ڪاليج 20 سيڪڙو نتيجي ڏيڻ ۾ به ناڪام رهيا. اهڙيءَ صورتحال ڏسي دل چوي ٿي ته تعليم جي تباهيءَ تي ڪاليج انتظاميه ۽ تعليم کاتي جي اختيارين خلاف سخت احتجاج ڪندي، انهن خلاف عدالت جو در کڙڪائجي ته تعليمي ادارا ڪروڙين روپيا خرچ ڪرڻ باوجود نتيجا 5 سيڪڙو به ڇو نه ڏئي سگهيا آهن؟

جيڪڏهن ڪاليجن جي اندر هلندڙ تعليمي نظام ۽ معيار تي نظر وجهون ٿا ته ڳالهه چٽيءَ طرح سامهون اچي وڃي ٿي. ڪاليجن ۾ شاگردن جي داخلا کان ويندي ساليانو امتحان تائين هلندڙ ڪلاسن تي غور ڪرڻ بعد خبر پوي ٿي ته پوري سال جي 365 ڏينهن مان 100 ڏينهن به ڪاليج نه ٿا هلن. اونهاري جي ٻن مهينن جي موڪلن کان ايندي، امتحانن جي تياري، سياري جي موڪل، يونيورسٽيءَ طرفان ٿيندڙ ڪاليجن جا ڊگري امتحان (جنهن سبب هڪ مهيني تائين ڪاليجن ۾ ڪلاس نه ٿا هلي سگهن). اچر جون 48 ڏينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساليانو موڪلون. ڪاليجن جا امتحان ۽ شاگردن پاران ڪيل ٻين موڪلن جي ڪٽ ڪيون ٿا. تہ پوءِ مشڪل سان 2 مهينا ڪلاس هلي ٿا سگهن. اهڙيءَ صورتحال ۾ اسڪولن کان وٺندي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سليبس نصاب مطابق توڙي پڙهائيءَ ۽ امتحان جي طريقيڪار سان گڏ پوري تعليمي نظام ۾ تبديلي آڻي پوندي.

اعليٰ تعليم (يونيورسٽيون):

يونيورسٽيون اعليٰ تعليم جا درسگاهہ هجن ٿيون. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اسان جون يونيورسٽيون ئي اعليٰ تعليمي ادارا بڻجي ناهن سگهيون. پوريءَ دنيا ۾ يونيورسٽيون پنهنجو الڳ مقام ۽ حيثيت رکن ٿيون. انهن يونيورسٽين جي شاگردن کان وٺندي استاد ۽ سربراهہ وڏي عزت ۽ مان مرتبو رکن ٿا. پر اسان وٽ ڪنهن ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ خاص فرق نظر نہ ايندو. يونيورسٽين جي اڄان تائين ڪا وڏي حيثيت ناهي مڃي وئي. انهن جا سربراهہ بہ يونيورسٽين جي مفادن ۾ ڪم نہ ٿا ڪن. اسان جي يونيورسٽين جي حالت تہ ان حد تي ڪري چڪي آهي جو شاگردن کي ڪلاس ۾ وڃڻ بنان ئي گهربل حاضري بہ ملندو وڃي ۽ پيپر ۾ بہ هو پاس ٿيو وڃن. پوريءَ دنيا ۾ يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ بعد هڪ الڳ ماحول ۽ اسٽئنڊرڊ لڳندو. پر اسان وٽ يونيورسٽيون منجهند جو هڪ وڳي بند ٿيو وڃن. سينئر ۽ ڊاڪٽريٽ ڪندڙ پروفيسر ڏينهن ۾ هڪ ڪلاس وٺڻ بہ گوارا نہ ٿا ڪن. دنيا جي يونيورسٽين جا سينئر پروفيسر تحقيقي ڪمن ۾ رڌل هوندا آهن. اسان جون يونيورسٽيون تحقيقي ڪم کان بہ هٽي ويون آهن. زرعي يونيورسٽيءَ جا استاد ملڪي زراعت کان بي خبر آهن. هو فصلن جي بهتر مارڪيٽنگ لاءِ حڪومت کي نئين تجويز ڏيڻ جي بہ اهليت نہ ٿا رکن. جڏهن تہ ساڳي صورتحال ٻين شعبن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استادن جي بہ اهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ اهي شاگردن کي ڇا پڙهائيندا؟ پوءِ شاگردن جي حال تي ڇا لکجي ءِانهن کي ڪهڙي ميار ڏجي! اسان کي نہ رڳو مجٿو پوندو تہ اسان جون يونيورسٽيون تباهہ تي ڇڪيون آهن. پر انهن جي تعليمي معيار ۽ ماحول بهتر بنائڻ لاءِ پنهنجو ڪو معجزائي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. پر اُن لاءِ فوري طور تي حڪومت بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ۽ يونيورسٽين جي سربراهيءَ لاءِ بهتر ساک رکندڙ تعليمي ۽ انتظامي ماهرن ۽ خود يونيورسٽين لاءِ بہ بهتر استادن جو انتخاب ڪري.هن سلسلي ۾ سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل طبقي طرفان بہ يونيورسٽين ۽ حڪومتن تي اهڙو پريشر قائم ڪرڻ گهرجي تہ جيئن اسان جا تعليمي ادارا بهتر رخ ڏانهن وڌي سگهن ۽ سنڌ جي مستقبل جي ترقيءَ لاءِ ڪو فعال ڪردار ادا ڪري سگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي زرعي صورتحال جو جائزو:

سنڌ جي اقتصاديات ۾ زرعي شعبو اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. سنڌ جي 80% سيڪڙو آباديءَ جو دارو مدار سنڌ جي آبپاشيءَ جي نظام جي ڪئنالن، واهن ۽ واٽر ڪورسن تي آهي. صوبي ۾ آبپاشيءَ لاءِ ٽي وڏا بئراج نهيل آهن، جن ذريعي 70 لک ايڪڙ زمين آباد ڪري سگهجي ٿي پر پاڻيءَ جي گهٽتائيءَ ۽ پاڻيءَ جي غلط معاهدن سبب صرف 32 لک ايڪڙ زمين آباد ٿي سگهي آهي. سم ۽ ڪلر جي گندي پاڻيءَ جي نڪاسيءَ جي بهتر نہ هجڻ ڪري سنڌ جي 75% سيڪڙو زرعي زمين بتدريج خراب ٿي چڪي آهي. اها زمين سڄي ملڪ ۾ خراب ٿيندڙ زمين جو 70% سيڪڙو آهي. زمين جي گهٽ آباد ٿيڻ جي ڪري روزگار ۽ آمدنيءَ جي ذريعن کي ڪافي ڌڪ لڳو آهي. سنڌ ۾ ڻٽي، ڪمند، چانور، ڪڻڪ، تيلي ٻج اهم فصل آهن، جن کي ناڻي وارا فصل بہ چئي سگهجي ٿو. ميون ۾ انب، ڪيلو، زيتون ۽ کجور تمام اهم فصل آهن. ساڳيءَ ريت ڀاڄيون بہ ججهي مقدار ۾ پيدا ٿين ٿيون. پر انهن سڀني جي پيداوار گهٽجي وئي آهي. آبادگارن کي فصلن جو صحيح اگهہ ڪونہ ٿو ملي. گذريل سال تہ ڪپهہ 500 روپيا مڻ وڪرو ٿي، جنهن سبب هاري توڙي زميندار تباهہ ٿي ويو، جو اپت کان سندن خرچ ٻيڻو ٿيو هو. سنڌ ۾ گذريل 20 سالن کان آباد ٿيندڙ زمين ۾ پيداوار گهٽجڻ سان زراعت هيٺ ايندڙ زمين بہ گهٽجي پئي. 1980ع کان پنجاب جي مجموعي زرعي زمين ۾ 9.83% سيڪڙو واڌ آئي آهي ۽ اهڙي نموني صوبي سرحد ۽ بلوچستان ۾ ترتيبوار 5.01% سيڪڙو ۽ 7.56% سيڪڙو پوک لائق زمين ۾ واڌ آئي آهي. پر سنڌ ۾ 2.31% سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي. وري آبپاشي نظام جي لحاظ کان ڏسبو تہ پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ۾ ترتيبوار 15.82% سيڪڙو، 13.14% سيڪڙو ۽ 22.43% سيڪڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زرعي زمين ۾ واڌ آئي آهي پر سنڌ ۾ آبپاشيءَ جي حساب سان 1980ع کان 1998ع تائين 10.20% سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي. سنڌ ۾ زرعي فصلن واريءَ زمين ۽ ڪپهه، چانور، داليں، جون ۽ پٽاٽن واريءَ پوک لائق زمين ۾ ٽهائين وڌيڪ ڪمي آئي آهي. *(عامر ڪبير، روزانه ڊان، مارچ 1999ع)*

سنڌ زرعي فصلن کان علاوه ڀاڄين، ميون، دالين ۽ گرم مصالحن کان ويندي تيلي ٻج وارن فصلن تائين پيداوار جي لحاظ کان انتهائي زرخيز ۽ شاهوڪار صوبو آهي. ڪهڙو فصل آهي جيڪو سنڌ نٿي اپائي؟ ڦٽي هجي يا ڪمند، ڪڻڪ هجي يا ساريون، مطلب ته سنڌ ۾ هر فصل بهتر طريقي سان پوکيو وڃي ٿو ۽ ان جي اپت به بهتر اچي ٿي. سنڌ مختلف فصلن جي في ايڪڙ پيداوار جي لحاظ کان سيني صوبن کان اول آهي. ڪڻڪ، ڪمند، ساريون، ڦٽي، انب ۽ گرم مصالحن جي في ايڪڙ پيداوار ملڪ جي ٻين صوبن کان گهڻي بهتر آهي. (ڏسو ٽيبل مضمون جي پڇاڙيءَ ۾) پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سيئي فصل اپائڻ ۽ في ايڪڙ بهتر پيداوار ڏيڻ باوجود سنڌ جي زراعت ڏينهون ڏينهن پوئتي وڃي رهي آهي، جنهن جو هڪ مک ڪارڻ سنڌ جي فصلن جي بهتر ۽ مناسب مارڪيٽ نه هجڻ آهي. ان جو تازو مثال سرڪار جي طرفان هلندڙ سال جي سارين ۽ ڪمند جي فصل سان ۽ گذريل سال ڦٽيءَ جي پيداوار سان ڪيل حشر آهي. گذريل سال هٿ ونءِ ڦٽيءَ جو مارڪيٽ ڪيرايو ويو. يعني 1998ع ۾ 11 سؤ روپيا مڻ وڪرو ٿيندڙ ڦٽيءَ کي سال 1999ع ۾ چار سؤ تائين آندو ويو. ڦٽيءَ جي مارڪيٽ ڪرڻ جا سبب معلوم ڪيا ته ڳالهه گهڻي منجهيل نظر ڪانه ٿي اچي. ڦٽيءَ جي پيداوار خريد ڪندڙ سرڪاري ڪاٽي، ٽي سي پيءَ، جاٽي واٽي سنڌ ۾ ڦٽيءَ جي مارڪيٽ ڪيرائڻ لاءِ "افضل ويرائٽي" وارو شرط رکيو، جڏهن ته زرعي شعبي سان لاڳاپيل ماهرن موجب سنڌ ۾ 10 سيڪڙو به افضل ويرائٽيءَ واري ڦٽي ڪانه ٿي ٿئي. نتيجو اهو نڪتو ته سنڌ ۾ ڦٽيءَ جي خريداري نه ٿي سگهي ۽ رهيل 90 سيڪڙو ڦٽيءَ جي مارڪيٽ 400

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سؤ رپيا مڻ تي اچي ڦهڪو ڪيو. گذريل سال مجموعي طور تي ٽي سي پيء سنڌ مان 10 سيڪڙو خريداري مس ڪئي ۽ رڳو پنجاب مان ئي ڦٽيء جي 80 سيڪڙو خريداري ڪئي وئي. اهڙيء ريت هن سال به سنڌ جي چانورن جي مارڪيٽ کي هٿ وني ڪيرايو ويو آهي. سنڌ جو چانور ٻين سيني صوبن کان وڌيڪ سٺو ۽ بهتر في ايڪڙ پيداوار ڏئي ٿو. جڏهن ته مجموعي طور تي 46 سيڪڙو چانور سنڌ مهيا ڪري ٿي. ڪمند جي به گذريل سال مارڪيٽ ڪرڻ سبب هن سال سنڌ ۾ ڪمند جي 20 سيڪڙو پوکائي گهٽ ٿي آهي. اندازو آهي ته سنڌ ۾ هيل ڪمند ۽ سارين جو آبادگار گهٽي مار کائيندو. بصر ۽ ٻين فصلن جي مارڪيٽ به بهتر طريقي سان جڙي ناهي سگهي.

گذريل ڪيترن ئي سالن جي تجربن جي آڌار تي اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته سنڌ ۾ زراعت جي ترقي نه ڪرڻ جو مک ڪارڻ زرعي مارڪيٽ جو نه هجڻ آهي. هڪ ته فصل وقتائتا ڪونه ٿا لهن يا وري فصلن جا اگهه وقتائتا مقرر نه ٿا ٿين. ان سڄي صورتحال جي ذميواري فصلن جا اگهه مقرر ڪندڙ اداري قيمتن واري ڪميشن (Price Commission) تي لاڳو ٿئي ٿي. جيڪا ڪميشن مختلف صوبن ۾ زرعي موسمن کي نظر انداز ڪندي ان وقت زرعي فصلن جا اگهه مقرر تي ڪري جڏهن صرف پنجاب صوبي مان پيداوار اچڻ شروع ٿئي ٿي. پر گذريل سال ته سنڌ ۾ ڪپهه جي مارڪيٽ هٿ وني تباهه ڪئي وئي. ڪپهه جي خريداريء لاءِ جوڙيل سرڪاري اداري ٽي سي پي سنڌ ۾ ڦٽيء جي خريداري ۾ دلچسپي نه ورتي، ٽي سي پي پاران سنڌ جي صرف هڪ اڌ شهر ۾ ڪپهه جي خريداريء جو سينٽر کوليو ويو. جنهن سبب ٽي سي پي سنڌ جي ڦٽي جي خريداري ۾ ناڪام وئي. گذريل سال ته هن اداري ڄاڻي واڻي ڦٽيء جي مارڪيٽ خراب ڪئي، ٽي سي پي پاران "افضل ڪوالٽي" واري ڦٽي هجڻ جو شرط رکي آبادگارن کي بيوقوف بڻايو ۽ پريشان ڪيو. جڏهن ته ٻين صوبن ۾ اهڙي صورتحال نه هئي. ٽي سي پي پاران سنڌ ۾ ڦٽيء

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خريداريءَ ۾ عدم دلچسپي سبب گذريل سال ڦٽي 400 سؤ روپيا في مڻ وڪرو ٿي. ڦٽيءَ جي سيزن ختم ٿيڻ بعد اها ڳالهه ڪيترائي پيرا پريس کان ويندي حڪومتي حلقن تائين پڌائي وئي تہ ٽي سي پي سنڌ ۾ 10 سيڪڙو خريداري بہ نہ ڪئي. جڏهن تہ هن اداري رڳو پنجاب مان ڦٽيءَ جي 80 سيڪڙو کان وڌيڪ خريداري ڪئي.

اصل ۾ ٿئي ايئن ٿو، جو بدقسمتيءَ سان سنڌ ۽ پنجاب جي سيزن ۾ ٻن مهينن جو فرق آهي. سنڌ ۾ هر فصل پنجاب جي ڀيٽ ۾ ٻہ مهينا اڳ لهي ٿو. سنڌ مان فصل لهڻ سان ئي وفاقي حڪومت لهندڙ فصل جو اگهہ مقرر نہ ٿي ڪري. پرائيس ڪميشن آف پاڪستان پاران فصل جو اگهہ تڏهن ئي مقرر ڪيو ٿو وڃي. جڏهن پنجاب صوبي ۾ ان جي پيداوار اچي ٿي. جنهن سبب ٻن مهينن تائين سنڌ جو فصل بغير مارڪيٽ جي وڪرو ٿئي ٿو. ٿيڻ تہ ائين کپي تہ پرائيس ڪميشن سنڌ جي فصل جي سيزن شروع ٿيڻ سان ئي ان جو اگهہ مقرر ڪري.

ٽيبل

مختلف فصلن جي پيداوار (ڪلوگرام / هيڪٽر ۾)

صوبي جو نالو	ڪڻڪ	چانور	مصالحه	ڪمند (ٽن ۾)	ڪپهه	ڪپهه جو ٻج	تماڪ	چڻا	بيهي مڱ	بصر
پنجاب	23270	1382	1560	46.9	394.8	988	1257	711	930.8	10784
سنڌ	2347	2671	1551	61.2	661.8	1324	1333	849	1916.7	12845
سرحد	1477	1950	1000	45.6	272.2	600	2213	398	1604.2	14317
بلوچستان	2283	2735	1581	53.6	494.1	990	1724	809	-	16034

ذريعو: حڪومت پاڪستان جا انگن اکرن جا مختلف ڪتاب، ۽ پاڪستان اڪنامڪ سروي سال 1999ع ۽ سال 2000ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي زرعي پاڻيءَ جي صورتحال جو جائزو:

21 جون 2000ع وارين اخبارن ۾ سنڌ حڪومت جي ڪابينا ۾ شامل ٽيندڙ نون وزيرن ۾ سيد علي مير شاهه جي تصوير ڏسي يقينن سڄيءَ سنڌ ۾ خاص طور تي آبادگارن ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي هوندي. هن کان اڳ توڙي جو اي اين جي عباسي به آبپاشيءَ جو وزير رهي چڪو هو. پر سيد علي مير شاهه کي وزارت ملڻ سان سنڌ اندر پاڻيءَ جي کوٽ وارو مسئلو ڪنهن حد تائين حل ٿيڻ جي وڏي اميد پيدا ٿي وئي آهي.

سنڌ ۾ گذريل ٻن سالن کان جيڪڏهن ڪو وڏو مسئلو رهيو آهي ته اهو پاڻيءَ جي کوٽ ۽ ڪالاباغ ڊئم جي اڏاوت وارو اعلان آهي. خاص طور تي نومبر 99ع کان سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ سنڌ جي زراعت کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ان وقت ڪر ڪنيو جڏهن آڪٽوبر /نومبر 99ع مهينن ۾ ڪڻڪ جو فصل آخري پاڻيءَ تي هو. ان وقت سنگ ۾ ڪڻڪ جو داڻو پيدا ٿي چڪو هو. پاڻيءَ جي کوٽ سبب ان کي آخري پاڻي ملي نه سگهيو ۽ نتيجي ۾ داڻو وزن ڪري نه سگهيو ۽ مجموعي طور تي پوريءَ سنڌ ۾ ڪڻڪ جي فصل جي في ايڪڙ پيداوار سخت متاثر ٿي. هن وقت جڏهن پاڪستان ۾ ججهي مقدار ۾ ڪڻڪ پيدا ٿيڻ جون ڳالهيون هلي رهيون آهن. ته ڪي ماڻهو ان کي سنڌ سان به ڳنڍي رهيا آهن. پر حقيقت هيءَ آهي ته سنڌ ڪڻڪ ۾ پنهنجو پيداواري ٽارگيٽ حاصل نه ڪري سگهي. پر پنجاب ۾ ڪڻڪ ججهي مقدار ۾ لٿي آهي، جنهن سبب مجموعي طور تي ملڪ ۾ واڌو ڪڻڪ ٻڌائي پئي وڃي. مٿان وري فيبروري، مارچ 2000ع ۾ پاڻيءَ جي کوٽ سبب پوريءَ سنڌ ۾ هن وقت تائين وونڊن جي پوکائي بنهه گهٽ ٿي آهي. خاص طور تي سنڌ جي پڇڙيءَ وارن ضلعن بدين ۽ ٺٽي ۾. وونڊن جي فصل جي جيڪا 30

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڪڙو کن پوکي ٿي. سا به پاڻيءَ نه ملڻ سبب سڪي رهي آهي. جنهن جو تازو مثال گذريل ڏينهن ۾ گولاڙچي ۽ بدين شهر ۾ پاڻيءَ جي کوٽ خلاف ڳوناڻن جو ڪيل احتجاج آهي. مطلب ته گذريل هڪ سال کان سنڌ ۾ پاڻيءَ جي شديد کوٽ آهي. ملڪي تاريخ ۾ پاڻيءَ جي ايتري شديد کوٽ ڪڏهن به نه ٿي. ساڳيءَ ريت دادو ضلعي جي پڇڙيءَ ۽ خاص طور سيوهڻ تعلقي ۾ فصل گهٽ ٿي رهيو آهي.

جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته گذريل هڪ سال کان سنڌ جي اخبارن ۾ وڏيڪ خبرون پاڻيءَ جي کوٽ خلاف ٿي ايون آهن. اڪثر دفعا پاڻيءَ جو مسئلو ئي اخبارن جي مک سرخي بڻيل رهيو آهي. ڪڏهن پنجاب پاران پنهنجي حصي کان وڌيڪ پاڻي کڻڻ، ڪڏهن وفاقي حڪومت /واپڊا جا پاڻيءَ بابت تڪراري بيان ۽ ڪڏهن وري "ارسا" جي غلط جوڙجڪ بابت مختلف خبرون اخبارن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن. سنڌ جا دانشور، سماجي، سياسي اڳواڻ ۽ آبادگارن کان وٺندي صحافي ۽ عام ماڻهوءَ تائين سڀئي پاڻيءَ جي کوٽ خلاف هاءِ گهوڙا ڪندا آيا آهن. پر افسوس آهي ته اعليٰ اختياريءَ وارن پاڻيءَ جي معاملي بابت سنجيدگيءَ جو مظاهرو نه ڪندي. ڪڏهن به معاملي جو نوٽيس نه ورتو. ته آخر سنڌ صوبو، پاڻيءَ جي کوٽ خلاف مسلسل هاءِ گهوڙا ڇو پيو ڪري؟ سنڌ جي اڳوڻي گورنر عظيم دائود پوٽي جي ٽيم ۾ شامل وزير آبپاشي اي اين جي عباسي، پاڻيءَ تي پنهنجي صحيح مؤقف جي نتيجي ۾ تيز ويڙهي وڃي گهر پيڙو ٿيو. سنڌ ۾ پاڻيءَ جو مسئلو تمام اهم ۽ نازڪ مسئلو آهي. ان ڪري هن وقت جڏهن سنڌ جي آبادگارن جي نمائنده جماعت سنڌ آبادگار بورڊ جو صدر وزير آبپاشي بڻيو آهي. ته لازمي طور عام ماڻهن سميت آبادگارن ۾ هڪ نئين اميد پيدا ٿي وئي آهي. سيد علي مير شاهه هڪ سنو آبادگار هئڻ سان گڏ هڪ وڏو آبپاشي جو ماهر پڻ آهي. گڏو گڏ هو سنڌ ۾ پاڻيءَ جي سخت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٺ واري وقت ۾ هميشہ سنڌ حڪومت کي صلاحون ڏيندو ۽ واسطيدار اختيار جي صاحبن کان گهرون ڪندو رهيو آهي.

سنڌ ۾ پاڻيءَ جي شديد ڪوٺ آهي. شاهہ صاحب جهڙي آبادگار کي ابپاشيءَ جي وزارت جون ذميواريون سونپيون ويون آهن. ان ڪري جيڪڏهن هن وقت سنڌ جي پاڻيءَ واري مسئلي مان جان آجي تي نہ سگهي تہ پوءِ آخر ڪڏهن ٿيندي؟! هي وقت آهي تہ علي مير شاهہ صاحب پنهنجون سيئي صلاحيتون استعمال ڪندي، سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٺ جي حوالي سان پيدا ٿيل بي چيني دور ڪري. ان حوالي سان سنڌ ۾ پاڻيءَ جي معاملي تي جيڪي اهم اشوز آهن، تن کي اسين وڌيڪ واضح ڪيون ٿا، ڪيس آگاهي ڏيون ٿا تہ جيئن آهستي آهستي انهن مسئلن کي مستقل بنيادن تي حل ڪرڻ ڏانهن ڪو معتبر نوع جو قدم اڳتي وڌي سگهي.

1. پاڻيءَ جي ورڇ (Distribution of Water)

ملڪ ۾ آبپاشي مقصدن لاءِ پاڻي ڪيترو موجود آهي؟ ان بابت بہ اجا تائين هڪ راءِ جڙي نہ سگهي آهي. سرڪاري انگن اکرن موجب ملڪ ۾ 117 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي موجود آهي ۽ رهيو آهي. پر خود سيڪريٽري آبپاشي ادريس راجپوت بہ ڪيترائي ڀيرا چئي چڪو آهي تہ ملڪ ۾ ايترو پاڻي نہ موجود آهي /نہ رهيو آهي. ان ڪري پهريان تہ اهو طئہ ٿيڻ گهرجي تہ ملڪ ۾ پاڻي اهي ڪيترو؟ بعد ۾ چئني صوبن جي ضرورت مطابق پاڻيءَ جي نہ رڳو ورڇ پر هر صوبي کي پنهنجي پنهنجي حصي جو ۽ سنڌ ۾ مختلف آبادگارن کان ويندي مائهن جي گهرو ضرورتن موجب پاڻيءَ جو ملڻ ۽ ڏيڻ بہ يقيني بنايو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1991ع واري پاڻيءَ جي ٺاهه تحت صوبن کي پنهنجي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي. ان ٺاهه تي عمل ڪرائڻ لاءِ به نئين حڪمت عملي تيار ڪئي وڃي. ماضيءَ ۾ هميشه پنجاب، منڊ ۾ هٿڻ جو ڀرپور فائدو ورتو آهي. ملڪ ۾ جڏهن به پاڻيءَ جي کوٽ ٿي آهي. ان کوٽ ۾ پنجاب پاڻ شريڪ ناهي ٿيو ۽ جيڪڏهن پنجاب کي پنهنجي حصي کان پاڻي گهٽ به مليو آهي، ته ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ ان جي کوٽ ۾ شراڪت ٻنهه گهٽ رهي آهي. پنجاب ٽونسا ۽ چشما ڪئنال پنهنجي مرضيءَ سان وهائيندو رهيو آهي ۽ ڪو به ادارو ان تي ڪا به روڪ ناهي رکي سگهيو. ان ڪري ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ کپي ته پنجاب صوبو پنهنجي حصي کان پاڻي وڌيڪ نه وهائي.

2. ارسا جي جوڙجڪ (Formation of IRSA)

سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ واري مسئلي تڏهن کان ڪر کنيو آهي، جڏهن کان ارسا جي باڊي ٺوڙي، ان جي جوڙجڪ ۾ سنڌ کي نمائندگيءَ کان محروم رکيو ويو. ارسا کي ڪيئن ۽ ڇو ٺوڙيو ويو، اهو الڳ بحث آهي، پر پاڻ رڳو اهو مطالبو ٿا ڪريون ته ارسا جي پراڻي باڊيءَ کي بحال ڪيو وڃي، جيڪا بهتر نموني سان ڪم ڪري رهي هئي. هن وقت ارسا جي نمائندگيءَ لاءِ سنڌ جي مختلف ڪامورن کي مقرر ڪيو ويو آهي، پر آخر ان پراڻي باڊيءَ جي ميمبرن جو ڪهڙو ڏوهه. جيڪو ڪين معاف نٿو ڪري سگهجي! ان ڪري هن وقت جڏهن اهو ئي ماڻهو آبپاشيءَ جي وزارت ۾ وينل آهي، جيڪو ارسا جي پيچ ڊاهه تي تنقيد ڪندو رهيو آهي، تڏهن ڪيس ارسا جي جوڙجڪ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ملڪ جي مشهور آبپاشي ماهر انجنيئر عبدالرسول ميمڻ جهڙي ڄاڻوءَ کي پاڻيءَ جي معاملي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏڻ وڏي زيادتي آهي. ان ڪري اسين مطالبو ٿا ڪريون ته ارسا جي اڳوڻي باڊي بحال ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي ۽ انجينئر عبدالرسول ميمڻ کي چيئرمن رکيو وجي. تہ ان سان پاڻيءَ جي حوالي سان سنڌ جي ماڻهن ۾ تسليءَ ۽ اعتماد جو احساس اپرندو ۽ منجهن پيدا ٿيل احساس محرومي بہ ڪنهن حد تائين ختم ٿي ويندي.

3. ڪالاباغ ڊيم (Kala Bagh Dam)

ڪالا باغ ڊئم هونئن تہ پراڻو مسئلو آهي. پر گذريل ٻن سالن کان مختلف حڪومتن پاران ۽ پڻ سنڌ جي سياست ۾ آبپاشيءَ جي ڳالهين ۾ سنڌ جي اهم اشوءَ طور اهو هر وقت بحث جو موضوع رهيو آهي. ايتري قدر جو چوڻ وارا چون ٿا تہ عظيم دائود پوٽي سميت اي اين جي عباسي ۽ افتخار سومري جي نوڪري ڪالاباغ ڊئم ئي وڃائي! نواز شريف پاران ٽيليويزن ذريعي ڪالاباغ ڊئم ناهڻ واري اعلان کان هن وقت تائين ان بابت مختلف خدشا رهيا آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ حڪومت چپ چاپ ۾ ڊئم تي ڪم ڪري رهي آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ حڪومت مناسب وقت ڏسي هڪ پيرو بيهر ان کي هٿ ۾ کڻندي. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ واسين ۾ سخت بيچينيءَ واري ڪفيت آهي. پر حڪومتي ذرائع کو بہ ماڻهو اها خاطري نٿو ڪرائي تہ کو ڪالاباغ ڊئم اشو بيهر ڪر نہ کڻندو. حڪومتي ذر ۾ وينل سيني ڌرين سميت خود چيف ايگزيڪيوٽو چيو آهي تہ "سيني صوبن جي گڏيل راءِ کانسواءِ ڪالاباغ ڊئم هر حال ۾ نہ ناهبو."

پر ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ جڏهن سيئي صوبائي (سواءِ پنجاب جي) ڪالاباغ ڊئم رٿا کي رد ڪري چڪا آهن. پوءِ آخرڪار حڪومت جي سيني صوبن جي رضامندي واريءَ ڳالهہ مان ڇا مراد آهي؟

ان ڪري هي وقت آهي تہ هاڻي ڪالاباغ ڊئم جو مسئلو هميشہ لاءِ ختم ٿيڻ گهرجي. خود وزير آبپاشي سيد علي مير شاهہ فيبروري 99ع ۾ "ڪاوش" اخبار ۾ ڪالا باغ ڊئم جي اڏاوت خلاف هڪ وڏو ۽ جامع مضمون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکيو هو. جنهن ۾ هن 22 اعتراضي نقطا ڇاڻايا هئا تہ اسان کي ڪالاباغ ڊئم تي اعتراض ڇو آهي (Why we oppose Kala Bagh dam?) سائين علي مير شاھ جا اڃا بہ اهي ئي 22 اعتراض موجود آهن. ان ڪري جتي ڪالاباغ ڊئم تي ڳالهہ بہ اعتراض هو. اتي اڄ بہ هجڻ کپي ۽ آئنده بہ. عليِ مير شاھ جا اٿاريل 22 اعتراض وفاقي حڪومت، واپڊا وسيلي حل تہ نٿي ڪرائي سگهي، ان ڪري حڪومت ڪالاباغ ڊئم منصوبي کي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ جو سرڪاري طرح باقاعدي اعلان ڪري.

4. ايل بي او ڊي ۽ آر بي او ڊي پراجيڪٽ
(LBOD and RBOD Project)

سنڌ ۾ وڏي بدقسمتيءَ سان بہ وڏا پراجيڪٽ (Mega Projects) بريءَ طرح فيل ويا. ايل بي او ڊي جو ڇوڙ اڃا تائين ناهي ٺي سگهيو ۽ ساڳئي ريت آر بي او ڊي جي ڇوڙ بارو معاملو بہ اڃا تائين حل ناهي ٿي سگهيو. يعني عجيب بہ حيرت جهڙي ڳالهہ اهي تہ منڇر ڪان ڪم ڪندي پڄڙيءَ تي اچي اهو سرحيو پيو وڃي تہ گندي پاڻي، کي ڪٿي ڇوڙ ڪرائجي درياھ ۾ سمنڊ ۾ يا منڇر ڊنڊ ۾؟ اهڙيءَ ريت آر بي او ڊي جي نيڪال جي حوالي سان بہ پهريان سنڌ حڪومت منڇر ڊنڊ ۾ ان جو نيڪال ڪيو ۽ ان جي تباهيءَ بعد هاڻي آر بي او ڊي جو ڇوڙ سنڌو درياھ ۾ ڪرڻ لاءِ سوچيو پيو وڃي. جنهن جو مطلب اهو ٿيو تہ اهو زهريلو پاڻي منڇر جي تباهيءَ بعد هاڻي سنڌو درياھ جي تباهي ... آبپاسي وزير کي گذارش اهي تہ انهن ٻنهي پراجيڪٽن جي مستقل حل لاءِ قدم کڻي ۽ خاص طور تي آر بي او ڊي جي نيڪال لاءِ جوهيءَ وٽان جبلن ۾ ان جو نيڪال ڪيو وڃي. تہ سنڌ ۾ آئنده ڪابہ ڊونر ايجنسي يا مالياتي ... ميگا پراجيڪٽ شروع ڪرڻ لاءِ رسڪ نہ کڻندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

5. منڇر ڍنڍ /تهذيب جي بحالي

(Rehabilitition of Civilization / Lake Manchhar)

ايل بي او ڊي جي زهريلي پاڻيءَ سبب نه رڳو منڇر ڍنڍ تباهه ٿي وئي پر منڇر تهذيب جي تباهي ٿي آهي. اڄ ملاحن جا هزارين گهر ڍنڍ ۾ زهريلي پاڻي سبب ويران ٿي ويا آهن. مڇيءَ جي پيداوار 20 سيڪڙو به نه رهي. پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته منڇر ڍنڍ جو اشو سرڪار جي ايجنڊا تي اچي ئي نه ٿو! نه رڳو ڍنڍ ۾ زهريلي پاڻيءَ سبب مقامي ملاح متاثر ٿيا آهن، پر منڇر ڍنڍ جي پاڻيءَ سان زمين جي پوکي ڪندڙ آبادگارن جي صورتحال به رحم جوڳي آهي. زهريلي پاڻيءَ سبب فصلن جي في ايڪڙ پيداوار 60 سيڪڙو گهٽجي وئي آهي ۽ هر سال پاڻي ڪلر جي ڪري، وڌيڪ زمين خراب ڪري رهيو آهي. اهڙي ريت موجوده سرڪار منڇر ڍنڍ جي تباهي، تي به نظر وجهي ۽ جيترو جلد ٿي سگهي ان جي پراڻي رونق بحال ڪري. ان لاءِ آبادگارن جي مطالبي جيان پهريان ته ڍنڍ ۾ موجود پراڻو سائو پنگ نما پاڻي نيڪال ڪيو وڃي، ته جيئن موسميات کاتي جي رپورٽن مطابق، جولاءِ جي آخر ۾ سنڌ ۾ برساتون پون ته ڍنڍ ۾ سڄو تازو پاڻي اچي. سڀ کان پهريان ته آر بي او ڊي جي پاڻيءَ جي ڇوڙ جو رخ موڙيو وڃي. جيڪو جلد ڌيان ڏيڻ جوڳو آهي. نه رڳو منڇر ڍنڍ پر سيوهڻ جي آبادگارن جو مسئلو به هن وقت انتهائي وڏو اشو (Burnning Issue) بڻجي پيو آهي. آبپاشيءَ جي لحاظ کان سيوهڻ تعلقو پٺتي پيل تعلقو سڏجي ٿو. ان ڪري بئراجي آبپاشي نظام هيٺ سيوهڻ جي آبادگارن کي هڪ قطرو به درياهه جي پاڻيءَ جو نٿو ملي. منڇر ڍنڍ ئي انهن لاءِ واحد جياپي جو ذريعو بڻيل آهي. ان ڪري موجوده سرڪار سيوهڻ جي آبادگارن لاءِ پاڻيءَ جي مستقل حل لاءِ سيوهڻ بئراج ڏئي. ڪڏهن ڪڏهن سيوهڻ جي آبادگارن کي درياهه تي بيٺل ذريعي پمپنگ موٽر اسڪيم شروع ڪرائي ڏني وڃي. جيئن ماضي ۾ پهريان ئي اهڙي اسڪيم ڪاميابيءَ سان هلي رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6- چوٽياريون ڊئم ۽ منڇر ڊئم جي متاثرين جا رهيل معاوضا:

منڇر ڊئم ۽ چوٽياريون ڊئم سنڌ جا به وڏا منصوبا آهن پر جهڙيءَ ريت سياسي ماڻهن ۽ بيوروڪريٽس انهن منصوبن جي خاص طور تي معاوضن جي مد ۾ هيرا ڦيري ۽ ڪاٽن ۽ سروي ۾ پنهنجي قلم جو ڪمال ڏيکاريو. ان جا اڄ به متاثر ماڻهو نقصان ڀوڳي رهيا آهن. چوٽياريون ڊئم جو ڪم آخري مرحلن ۾ آهي. هاڻي به ڪجهه مهينا اڳ جڏهن چوٽياريون جو ڪم هلندي بلڊوزر هڪ ڳوٺ کي ڊاهڻ لاءِ پهتو ته ڳوٺاڻن سخت مزاحمت ڪئي ۽ چيو ته کين هڪ رپيو به ناهي مليو. هو پنهنجا گهر ڪونه ڇڏيندا. پر مقامي پوليس ۽ قانون جا رکوالا پنهنجي طاقت جي زور تي چوٽياريون جو ڪم مڪمل ڪرڻ ڏانهن وڌي رهيا آهن. نارا ڪئنال جو پاڻي چوٽياريون ۾ وهايو پيو وڃي. جنهن سبب ڪيترائي ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچي ويا آهن. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته سرڪار کين ٻوڙڻ چاهي ٿي ته جيئن اسين مجبور ٿي ڏورانهن علائقن ڏانهن لڏي وڃون. هزارين ماڻهو چوٽياريون ۾ اجان به رهن ٿا. ڪنهن به اتان ناهي لڏيو. لڏين به ڪيئن؟ سالن کان هو اتي زمينون آباد ڪن ٿا ۽ سندن زندگيءَ جو گاڏو هڪ رستي تي هلي پيو. پلا زندگيءَ جي گاڏي هلائڻ لاءِ پيچرا ناهڻ سولا آهن ڇا؟ پر سرڪار ضرور ڪائن اهي پيچرا متڙائيندي. جڏهن چوٽياريون ڊئم وارو ڪم مڪمل ٿيو ته چوٽياريون جي بد نصيب ماڻهن کي بنان معاوضن جي لڏڻو پوندو. سرڪار کين لڏائڻ لاءِ نوٽيس به ڪو نه ڏيندي. نارا ڪئنال پاڻي وهائڻ لاءِ تيار آهي ۽ جڏهن پاڻي وهي چوٽياريون جي پيٽ ۾ پهچندو ته پاڻهي اهي مسڪين مارو ماڻهو لاڏائن وانگر آيل ٻوڏ کان اڳ ٿي ٽپڙ ويڙهي وڃي ڪا ٻي جوءِ وسائيندا- خاموشيءَ سان. ڇڻ ڪجهه به نه ٿيو هجي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

.... ۽ منچر جا مهاڻا ۽ آبادگار وري کهڙو آسرو ڪندا! پ پ جي اڳوڻيءَ حڪومت پنهنجي ماڻهن کي رقم ڏياري ۽ جڏهن وري پ پ حڪومت ايندي تہ وري منچر ڍنڍ جا پراڻا فائيل کلندا. رهيل پ پ جا جيالا وري موجون ماڻيندا. اهي ماڻهو ڪاتيدار ٻڌبا. جن جو ڪڏهن زمينداريءَ سان واسطو بہ نہ پيو هوندو. وري سرڪاري ڪامورا پنهنجي ذهانت جو استمال ڪندا. غير حقدار ماڻهو گهڻا ۽ حقدار ٿورا معاوضا وٺندا. وري فائيل بند ٿي ويندا ۽ پوءِ آهي ڪنهن کي مجال جو پراڻا فائيل کولرائي. چونڊيارين جا ماڻهو ڍنڍ جو ڪم مڪمل ٿيندي ئي ڏڄن ٿا تہ ڇاڻ ڪين ٽپڙ ٻڌڻا پوندا ۽ منچر جا ڪاتيدار روپوش ڏوهارين جيان مالياتي ادارن جي گرفتاريءَ جي ڊپ کان پره ڦٽيءَ سان ئي گهرن مان نڪرن ٿا ۽ لڙيءَ رات واپس اچن ٿا. ڪيترائي ڏينهن تہ هو ڳوٺ جو منهن بہ نہ ٿا ڪن. منچر ڍنڍ ۾ پاڻي ڪونهي. منچر ڍنڍ ۾ وينل مهاڻا برسات جي آسري ۾ آهن. پر گذريل 5 سالن کان برسات بہ منچر تي نہ ٿي وسي. نوٽ سڪل منچر ڍنڍ ڪنهن ڳوناٽي سڪل تلاءَ يا دٻي جو ڏيک ڏئي رهي آهي. منچر ۾ اڄ ايترو پاڻي بہ ڪونهي جو مهاڻا پنهنجا ٻيڙا پاڻيءَ ۾ لاهين. قدرت جو عجيب ڪرشمو آهي تہ چونڊيارين ۾ پاڻي ماڻهن کي لڏائي رهيو آهي ۽ منچر واسين کي ڍنڍ جي سوڪ لڏڻ تي مجبور ڪري رهي آهي. آخر اهڙن ماڻهن سان انصاف ڪڏهن ٿيندو؟ انصاف ٿيندو تہ ڪير انصاف ڪندو؟ وڏ ۾ وڏ حڪومت معاملي جي انڪواري ڪرائي سگهي ٿي. انڪواري تہ ٻنهي پراجيڪٽن تي هلنڌڙ آهي ۽ انڪواري ڪرڻ وارا بہ تہ بيوروڪريٽس آهن. اهي ڪهڙي انڪواري ڪندا؟ يعني بيوروڪريٽس ئي پراجيڪٽس کي ڪاچ سمجهي ڪاڏو ۽ انڪواري بہ انهن جا دوست بيورو ڪريٽ ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن حڪومت چونڊيارين ۽ منچر جي متاثرين سان ٿوري بہ همدردي رکي ٿي تہ پوءِ ٻنان دير ٻنهي پراجيڪٽس ۾ ٿيل ادائگين جي سلسلي ۾ هاءِ ڪورٽ سنڌ جي چيف جسٽس ۽ ججن تي مشتمل هڪ ڪاميٽيءَ کان انڪواري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائي وڃي ۽ رپورٽ جي آڌار تي ملوث ماڻهن ۽ آفيسرن کي سزائون ڏنيون وڃن ته جيئن آئينده اهڙن عملن جو ورجاءُ ٿي نه سگهي.

مٿي ذڪر ڪيل مسئلن کان علاوه سنڌ ۾ زراعت سان لاڳاپيل پيا به انيڪ مسئلا آهن، جيڪي سرڪار جي ڌيان تي ضرور هوندا. پر هن وقت جڏهن سيد علي مير شاهه جهڙو قداور ماڻهو حڪومت ۾ شامل ٿي ويو آهي، ته ان صورتحال ۾ حڪومت کي صحيح فيصلي جو پابند نتائج لاءِ سنڀالي قدم کڻڻا پوندا. خاص طور تي، جڏهن اڳئين آبپاشي وزير اي ايم جي عباسي استعيفا ڏئي ڇڏي هئي، ان کانپوءِ سيد علي مير شاهه تي رڌيڪ ...ار اهي، جو ته ڪيس هر حال ۾ پاڻيءَ جي معاملي تي اي ايم جي عباسي ... مؤقف تان ناهي هٽيو. جيڪڏهن هن پويان پير ڪيا ته سنڌ جا ... آگريون کڻڻ شروع ڪندا. علي مير شاهه نه رڳو مشهور ۽ ڄاتو آبادگار آهي، جيڪو زرعي مسئلن کان وينديءَ پاڻيءَ جي معاملي تي مڪمل ڄاڻ رکي ٿو. پر هو سنڌ جي معتبر زميندارن (Cream of Abadgars) جي نمائنده جماعت سنڌ آبادگار بورڊ جو صدر پڻ آهي. ان ڪري تازو هتي حيدرآباد ۾ بورڊ جي ماهوار گڏجاڻيءَ ۾ اڪثر آبادگارن ڪجهه مهينا اڳ مٿس زور پريو ته هاڻي جڏهن ڪيس موقعو مليو ٿي آهي ته هو سنڌ جي زراعت سان لاڳاپيل اهي مسئلا حل ڪرائي، جيڪي سالن کان التوا ۾ پيل رهيا آهن. گڏو گڏ ان ميٽنگ ۾ جهڙيءَ طرح آبادگارن طرفان پاڻيءَ جي ڪوٽ جي حوالي سان "پنجاب" لفظ پاران "مٿان وارن" لفظ استعمال ڪيو ويو، ان مان به نه رڳو حيرت پئي اها حقيقت به ظاهر ٿئي ٿي ته حڪومت ۾ رهي، سنڌ جي مسئلن تي اسٽينڊ وٺڻ ۽ حق ڇڏي ڇڏڻ، شاهه لطيف جي هنن سٽن جيان ڏکيو آهي، جيڪي سٽون سيد علي مير شاهه تي هن وقت نهڪي اچن ٿيون ته.

"مون کي مون پرين ٻڌي وڌو ٻار ۾،
اِيا ايئن چون، مڇڻ پاند پسائيين"!

اجو ته "ٺيئن سنڌ" جي تعمير ڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي نيڪال واري پاڻيءَ جي صورتحال جو جائزو:

سنڌ ۾ ڪجهه وقت کان ابپاشي ۽ زراعت جا ڪافي مسئلا پيدا ٿي چڪا آهن. سڀ کان وڏو ۽ اهم مسئلو آهي پاڻيءَ جي کوٽ. ٻئي نمبر تي سم ۽ ڪلر جي پاڻيءَ جو اخراج آهي. سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جي ڪري سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون غير آباد ٿي چڪيون آهن ۽ وڏيڪ زمينون هر ڏينهن تي خراب ٿينديون رهن ٿيون. زرعي اپت جو دارومدار بہ بهتر ابپاشيءَ نظام تي هوندو آهي. سکر بئراج ۽ ٻيون بئراجن جي ڪري بهتر ابپاشي نظام لاءِ ساحر واهن، مائينرن، واٽر ڪورسن جو ڄار وڇايل آهي. پر پاڻيءَ جي مسلسل کوٽ اوهن سڄي نظام کي ناڪارو بڻائي ڇڏيو آهي. آبپاشي نظام کي وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ ۽ سم ۽ ڪلر ختم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت وقت بوقت ورلڊ بئنڪ ۽ بين بين الاقوامي مالياتي ادارن جي قرض امداد ۽ حڪومت پاڪستان جي سهڪار سان ڪيترائي منصوبا عمل ۾ پئي آندا آهن. انهن منصوبن ۾ بہ تمام وڏا ۽ اهم منصوبا شامل آهن. هڪ آهي سنڌو درياهہ جي کابي ڪپ تي سم ۽ ڪلر کي ختم ڪرڻ جو منصوبو جنهن کي LBOD چيو ويندو آهي. هي منصوبو سنڌ ۾ نوابشاهہ، سانگهڙ، مير پور خاص ۽ بدين ضلعي جي خراب ٿيل زمينن مان سم جو ڪجهه پاڻي ڪڍي "لنڪ" ذريعي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو پر ان منصوبي جا بہ تائيدل لنڪ جي حوالي سان چڱا نتيجا ناهن مليا. ڇو تہ تائيدل لنڪ هوائن جي رخ مطابق ناهي نہ وئي آهي ۽ قدرتي وهڪري جي بہ خلاف آهي. ۽ سمنڊ جو پاڻي ڇوويهن ڪلاڪن ۾ ڪافي ڪلاڪ واپس تائيدل لنڪ ۾ اوپارو داخل ٿيندو رهي ٿو. جنهنڪري بدين ضلعي جي زمينن کي ڪو خاص فائدو حاصل نہ آهي. ان منصوبي سان البت سانگهڙ، نوابشاهہ ۽ مير پور خاص جي زمينن کي ڪافي فائدو پيو آهي. جو ڪيٽيءَ، ٺٽي ۽ بدين ضلعن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمينون وري آباد ٿي رهيون آهن. وڏا زميندار تہ انهن خراب زمينن کي آباديءَ لائق بہ بڻائي ويا آهن. پر غريب هاري ۽ ننڍا زميندار زمينن بهتر ٿيڻ جي باوجود پيسي نہ هجڻ ڪري زرعي اپت جي حوالي سان هيڏي وڏي منصوبي جو ميوو حاصل ڪري نہ سگهيا آهن.

هن منصوبي جي هلندي سنڌ حڪومت اهڙي قسم جو هڪ ٻيو منصوبو پڻ عمل ۾ آندو جيڪو سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ جي خراب ٿيل زمينن جي سڌاري لاءِ هو. جنهن جو نالو RBOD آهي. RBOD جي ذريعي مٿينءَ سنڌ، بلوچستان، لاڙڪاڻي ۽ دادوءَ جي سم جو ۽ ٻيو زهريلو پاڻي ڪيڏي اڇلائڻو آهي. گذريل اٽڪل ڏهن سالن کان هن منصوبي تي ڪم هلندڙ آهي. پر ڪنهن بہ صوبائي حڪومت يا وفاقي حڪومت ڪو بہ اهڙو حتمي فيصلو نہ ڪيو آهي تہ انهيءَ زهريلي پاڻيءَ جو ڇوڙ ڪٿي ڪجي. هن مهل اهو سڄي جو سڄو ڪنو پاڻي مين نارا وئلي ڊرين ذريعي سنڌ جي ۽ ايشيا جي وڏي ۾ وڏيءَ ڍنڍ منڇر ۾ ڇڏيو وڃي پيو. اسان ۽ اوهان کي اها خبر آهي تہ منڇر ڍنڍ صرف هڪ ڍنڍ نہ آهي پر اها سنڌ جي قومي ثقافت جو اهم ترين اهڃاڻ بہ آهي. منڇر ۾ ڪيترن سالن کان انهيءَ پاڻيءَ جي پوڻ جي ڪري سڄيءَ منڇر جو مٺو پاڻي زهريلو ٿي ويو آهي. منڇر ۾ بہ لک رهندڙ مهاڻا سڄي زندگيءَ کان اهو ئي حياتي بخشيندڙ پاڻي پيئندا رهيا. اڄ منڇر ۾ رهندڙ لکن ماڻهن مان سندن وڏو حصو اتان لڏي چڪو آهي. سندن وسيلا ختم ٿي ويا آهن. ڪني پاڻي پيئڻ جي ڪري ماڻهن ۾ پيٽ جون بيماريون پکڙجي ويون آهن. منڇر جيڪا ٽن سون ميل جي پکيڙ تي مشتمل هئي سا هاڻي وڃي هڪ سؤ ميل جي پکيڙ تي بچي آهي. ان جي سٽ کان ستر سيڪڙو مڇي ختم ٿي چڪي آهي. سياري جي مند ۾ ٻاهران ايندڙ پکي پکڻ جو تعداد گهٽجي چڪو آهي. چند سال اڳي منڇر مان روزانو لکين روپين جي مڇي مرندي هئي. جيڪا هاڻي وڃي هزارن جي قيمت جي بچي آهي. ماڻهن جي اقتصادي حالت انتهائي خراب ٿي چڪي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماجي طور تي خاندانن جا خاندان ڏتڙجي ويا آهن. ماحولياتي آلودگي چوڌاري ماڻهن کي ورائي ڇڪي آهي. منڇرڍنڍ پنهنجي پاڻيءَ سان سيوهڻ تعلقي جي 5 لک ايڪڙ زمين پڻ آباد ڪندي هئي. جيڪا هن صورتحال جي ڪري فقط ڪن هزارن ايڪڙن تائين باقي وڃي بيٺي آهي. سيوهڻ تعلقي جون 80% زمينون جيڪي منڇر تي آباد ٿينديون هيون سي RBOD جي زهريلي پاڻيءَ جي ڪري ناڪاره ٿي چڪيون آهن.

بد قسمتيءَ سان اسان جي سڄي ملڪ ۾ صحيح قسم جا ۽ حتمي فيصلا گهٽ ٿيندا آهن. آر بي او ڊي جي ڇوڙ جو مسئلو شروع ڪان وٺي هن مهل تائين هڪ وڏو مسئلو بڻيل رهيو آهي. مختلف حڪومتن مختلف وقتن تي آر بي او ڊي بابت مختلف فيصلا پئي ڪيا آهن. ڪنهن حڪومت هن ڪني پاڻيءَ کي سمنڊ ۾ ڇڏڻ لاءِ پئي سوچيو ته ڪنهن درياهه ۾ ڦٽو ڪرڻ لاءِ. ته وري ڪنهن ان کي منڇر ۾ ڇوڙ ڪرڻ لاءِ سوچيو. اصل ۾ اهو پاڻي جيڪو هن مهل بلوچستان ۽ سنڌ جو زهريلو پاڻي ڪٺي اچي ٿو. ۽ اڳيان هلي پنجاب جو به ڪنو پاڻي ان ۾ گڏ ٿيندو. سو سڄو سمنڊ ۾ اڇلڻ لاءِ هو. پر اڳين مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن ۽ واپڊا جي هٺڌرميءَ انهيءَ گندي پاڻيءَ کي منڇر ۾ ڇڏيو جنهن سنڌ جي هڪ وڏي ضلعي کي تباهه ڪيو. پيپلزپارٽيءَ جي گذريل دور ۾ آر بي او ڊي جي ڇوڙ کي منڇر مان بدلائي درياهه ۾ وجهڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ ان تي ڪم به شروع ڪيو ويو جيڪو ڪم ڪروڙن روپين جي لاڳت سان 80% پورو ٿي چڪو آهي. بعد ۾ سنڌ جي ڪجهه سڄاڻ ماڻهن، سماجي تنظيمن (NGOs) جي اپياس تحت ۽ انهن جي شروعاتي تحريڪ ان ڪم کي ڪجهه وقت لاءِ روڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪجهه وقت لاءِ ڪم بيهجي ويو. ڇو ته جنهن پاڻيءَ منڇر کي تباهه ڪيو آهي اهو پاڻي جڏهن سنڌو درياهه ۾ ڇڏيو ويندو ته سيوهڻ ۽ سيوهڻ کان هيٺ اڌ سنڌ جون زرعي زمينون انهيءَ زهريلي پاڻيءَ هيٺ متاثر ٿيڻ لڳنديون ۽ سنڌ جون اهي سڀ زمينون سم ڪلر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مرض ۾ وڏيڪ مبتلا ٿينديون. زرعي اپت گهٽبي، ماڻهو لڏڻ لڳندا ۽ سنڌ جي زرعي اقتصاديات کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو. هن ڪان اڳ ۾ صرف هڪ ضلعي تي اثر پيئي ٿيو ۽ هاڻي هن صورتحال ۾ وري سڄيءِ سنڌ کي نقصان رسي ها. ڪجھ وقت جي خاموشيءَ کان پوءِ سنڌ جي اڳوڻي گورنر معين الدين حيدر پڻ ان ڪم کي روڪرايو. پر اوچتو وري هي ڪم شروع ٿي ويو. سنڌ جي ماڻهن وري هاءِ گهوڙا شروع ڪئي تہ ڪم بند ڪيو وڃي. پر ڪم آهستي آهستي هلندو رهي ٿو. ڪجھ رڙيس دانهن جي ڪري ۽ ڪجھ ڪجھ ڳالهہ سنڌ حڪومت جي سمجھہ ۾ اچڻ جي ڪري، مرڪزي حڪومت ۽ واپڊا وٽ سنڌ حڪومت احتجاج ڪيو ۽ لکيو تہ پاڻي درياھ ۾ نہ ڇڏيو وڃي. هتي هڪ راءِ اها هئي تہ پاڻيءَ کي نہ درياھ ۾ ڇڏيو وڃي، نہ وري ان کي منڇر ۾ ڇڏيو وڃي. ان کي جبلن ڏانهن بخارن ذريعي خارج ٿيندڙ ميداني ڪڏن (Evaporation Ponds) ۾ ڇڏيو وڃي. اڳيان هلي اها راءِ بہ نهي تہ اهو پاڻي جتي مقامي طور وهي اچي ٿو تہ ان کي انهن ئي علائقن ۾ ڇڏيو وڃي، جيئن بلوچستان جو بلوچستان ۾. لاڙڪاڻي جو لاڙڪاڻي واري پاسي ۽ دادو وارو دادوءَ وارن جبلن جي ڪليل ميداني اونهاين ۾ ڇڏيو وڃي. بچيل پاڻيءَ کي صاف ڪري پوءِ اڳيان ڇڏيو وڃي. ٻي راءِ اها آهي تہ ان کي تمام گهٽو اڳيان ڪٽي ڪراچيءَ جي پرسان ڪنهن بہ اتي نئين ذريعي سمنڊ ڏانهن موڪليو وڃي. ٽين راءِ اها آهي تہ سنڌو درياءَ مان پار اڪاري اهو سڄو پاڻي سائفن ذريعي سمنڊ ڏانهن نيو وڃي. هن سڄي راءِ جوڙڻ ۾ سنڌ جي ڪجھ سڄاڻ ۽ سمجھو انجنيئرن. سماجي ڪارڪنن، ۽ رهنمائن ۽ استادن ۽ سنڌ جي ٻين سڄاڻ ذرين، سيوهڻ تعلقي جي ابادگارن ۽ عبدالرسول ميمڻ جو وڏو ڪردار آهي. هن وقت صورتحال هيءَ اهي تہ ار بي او ڊي وارو زهريلو پاڻي منڇر ڍنڍ ۾ هڪ وڏي ڪئنال جي صورت ۾ پئجي رهيو اهي ۽ ان جو درياھ ڏانهن ڇوڙ وارو ڪم بہ هلي رهيو اهي. سنڌ حڪومت جي راءِ اهي تہ اهو پاڻي في الوقت درياءَ ۾ نہ

ڇڏيو وڃي ۽ جيڪا صورتحال آهي سا برقرار رهي. سنڌ حڪومت تمام جلد به ني نوان منصوبا ڪٽي اچڻ چاهي ٿي، جن ۾ متبادل حل هوندا، جنهن ۾ پاڻي نه درياه ۾ ڇڏيو ويندو ۽ نه منڇر ۾. پر متبادل حلن ۾ (Evaporation Ponds) (باف ذريعي ضايع ڪرڻ) يا سائنس ذريعي پاڻيءَ کي سمنڊ ۾ اڇلڻ يا وري نئين بارانن ذريعي سمند ۾ اڇلڻ شامل آهن. سنڌ حڪومت جو خيال آهي ته جيئن ته منڇر هڪ تمام وڏي قدرتي ڍنڍ آهي ان کي به بچائجي. پر في الوقت جيستائين نوان منصوبا اچن اوستائين منڇر ۾ اهو پاڻي وقتي طور پوندو رهي. واپڊا جو مؤقف آهي ته پاڻي منڇر مان ڪڍي درياه ۾ اڇلايو وڃي ۽ ان سان سنڌ جي هيٺين زمينن تي ڪو اثر نه پوندو. پر جيئن ته درياهه ۾ سوڪهڙو آهي ۽ تارو پاڻي تمام گهٽ آهي، انهيءَ ڪري آر بي او ڊي جو زهريلو پاڻي درياهه ذريعي ڇڏڻ زمينن لاءِ وڏيڪ هاجيڪار ثيندو. واپڊا جو اهو به خيال آهي ته وقتي طور پاڻي درياهه ۾ پلي ڇڏيو وڃي ۽ ان جو مستقل حل مستقبل ۾ ڳولي ونبو، نه ته هن وقت ڪنهن به نئين منصوبي تي ڪم ڪرڻ لاءِ تمام گهڻا پئسا درڪار ثيندا. واپڊا اهو سمجهي ٿي ته ماڻهن جي حياتين جي ڪا اهميت ڪانهي جو ته هوءَ پئسي کي وڏيڪ اهم سمجهي ٿي. اسين سمجهون ٿا ته سنڌ جو اڄيو، سنڌي ماڻهن جو مستقبل، سنڌي قوم جو وجود ڪنهن به طرح ۽ ڪيترن به پئسن کان وڏيڪ اهم آهي. هن مهل تائين سنڌ ۾ ۽ سڄي پاڪستان ۾ ڪيترن ئي منصوبن تي اربين روپيا خرچ ڪيا ويا آهن ۽ گهڻي ڀاڱي اهي منصوبا ناڪام ٿي ويا آهن. هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ حڪومت کي پنهنجي فيصلي تي اٽل بيهڻ گهرجي، ۽ سنڌو درياهه ۽ منڇر کي بچائي جلد ۾ جلد متبادل منصوبا پيش ڪري ۽ عمل ۾ آڻائي، ته جيئن تمام گهڻي دير نه ٿي وڃي. واپڊا کي گهرجي ته هوءَ عقل منديءَ ۽ سمجهه سان ڪم ڪري ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري ماڻهن جي مستقبل سان راند نه ڪيڏي. ۽ انهن نون منصوبن تي جيترو به خرچ ٿئي اهو حڪومت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان پري. سنڌ هوئڻ ئي تمام گهڻن مسئلن ۾ گهيريل آهي. پر هي مسئلو هڪ انتهائي اهم، نازڪ ۽ ڳنڀير مسئلو آهي.

تازو، ڪجهه مهينا اڳ، وفاقي حڪومت /واپڊا، آر بي او ڊي ۽ جو پاڻي سنڌو درياءَ بدران سڌو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ جو حتمي فيصلو ڪيو آهي. پر اسين سمجهون ٿا ته اهڙي فيصلي کانپوءِ حڪومت پاران جهڙيءَ ريت رٿا تيار ڪئي ويئي آهي، ان ۾ ايم اين وي ڊرين ذريعي منڇر بدران اهو پاڻي سيوهڻ ۽ لڪيءَ کان اڳتي، جبلن مان گذاريندي، ڪوٽڙيءَ پل کان هيٺ، وري به درياءَ ۾ ڇوڙيو ويندو. ۽ جيئن ته پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ اها اسڪيم لڳ ڀڳ 2 سؤ ڪلو ميٽر ڊگهي هوندي ان ڪري اندازو آهي ته ان ۾ ڍاڪو ڪن سال لڳي وڃن. جڏهن ته حڪومت فوري طور تي آر بي او ڊي جي ڪاري پاڻيءَ جي نيڪال جو متبادل بندوبست ناهي ڪيو ۽ اهو پاڻي مسلسل منڇر ڍنڍ ۾ اڄ به وهي رهيو آهي. منڇر ڍنڍ جي تباهيءَ جي حوالي سان پاڻ مٿي ذڪر ڪري آياسين. ان ڍنڍ کي بچائڻ لاءِ حڪومت کي فوري طور تي ايم اين وي ڊرين وارو پاڻي منڇر ۾ ڇوڙ ڪرڻ کان روڪڻو پوندو نه ته ٻيءَ صورت ۾ صرف ٻن سالن اندر منڇر ڍنڍ سؤ سيڪڙو تباهه ٿي ويندي ۽ تباهه به اهڙي ٿيندي جو شايد ان جون رونقون يا عروج ٻيهر ڪڏهن به واپس اچي نه سگهجن. ان ڪري وفاقي حڪومت /واپڊا في الحال آر بي او ڊي جي پاڻيءَ جي نيڪال جو منڇر بجاءِ جوهيءَ کان جبلن ۾ ڇوڙ ڪرڻ جو بندوبست ڪري. جيسين پاڻيءَ جي مستقل نيڪال لاءِ سمنڊ تائين جا اسڪيم مڪمل ٿئي ۽ عمل ۾ اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ بيروزگاريءَ جي صورتحال جو جائزو:

سنڌ پهريون صوبو هو، جتي ملازمن جي ڇانٽيءَ لاءِ ڊائون سائيزنگ واري اصطلاح تي عملي ڪم ڪرايو ويو. اهو نواز شريف جي پوئين حڪومت جو پهريون سال هو، جو سنڌ جي بئنڪن ۾ پهريان يوبي ايل بئنڪ مان سنڌ جا سوين ملازم سرپلس پول ۾ رکڻ جو اعلان ڪيو ويو. بعد ۾ ٻين بئنڪن جا ملازم به انهن سان شامل ڪيا ويا. تڏهن ملازمن جو تعداد هزارن ۾ رڌي ويو. انهن ملازمن مان ڪجهه ملازم روينيو ڊپارٽمنٽ، انڪم ٽئڪس ۽ ٻين کاتن ۾ کپايا ويا باقي هزارين ملازمن کي گولڊن هئنڊ شيڪ اسڪيم هيٺ فارغ ڪيو ويو. شايد سنڌ مان ڪڏهن اهي پهريان ملازم هئا، جيڪي سرڪار جي اهڙي فيصلي سبب متاثر ٿيا. پر افسوس، جو سنڌ جا هزارين ملازم فارغ ڪرڻ تي ڪو به وڏو رد عمل نه ٿيو. سڀ ڌريون خاموش هيون. سياسي، سماجي توڙي انساني حقن جا علمبردار لاتعلق ملازمن جي بي روزگاري روڪي ته نه سگهيا، پر بعد ۾ ملازمن جي لاهڻ لاءِ ڪيل تياريون به رڪجي نه سگهيون، ۽ صرف ٻن سالن اندر ملازمن جي هڪ وڏيءَ کيپ کي سرڪاري ادارن مان ڌڪي ٻاهر ڪڍيو ويو.

سنڌ ۾ اڄ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ بيروز گاريءَ جي شرح گهٽي آهي. سرحد جا پٺاڻ پوري ملڪ ۾ روزگار بهاني ٽڙيل پکڙيل آهن. پاڪستان کان ويندي افغانستان، ايران ۽ روس، يورو بيلٽ پٺاڻن جي روزگار لاءِ ڪافي آهي. جڏهن پنجاب ۾ زراعت تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي آهي ۽ اتان جا 70سيڪڙو ماڻهو نه رڳو زرعي زمين کيڙين ٿا پر زرعي اپت تي ئي انحصار ڪن ٿا. پنجاب جا ماڻهو سٺي ۽ بهتر زراعت سبب پنهنجي صوبي ۾ خوشحال آهن. زراعت کان علاوه پاڪستان جي بهترين انڊسٽري به پنجاب ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجاب ۾ تقريبن هر ضلعي ۾ سون جي تعداد ۾ انڊسٽريز ۽ ڪاٽيج انڊسٽريز آهن. اتي بيروزگاريءَ جي شرح سنڌ کان بنهه گهٽ آهي ۽ بلوچستان جي صورتحال سنڌ کان گهڻي مختلف ڪانهي. ڇو ته اتي قبائلي ۽ سرداري نظام آهي ۽ اتي سرحدي ملڪن ايران ۽ روس مان اسمگل ٿي ايندڙ مال ۽ معدنيات ڪافي حد تائين بلوچستان جي عوام لاءِ روزگار جو ذريعو بڻيل آهن. سنڌ ئي اهو بدنصيب صوبو آهي. جنهن جي بهتر زرعي زمين هجڻ باوجود نه ته زراعت خاطر خواه ترقي ڪري سگهي آهي ۽ نه ئي وري ڪراچيءَ ڪانسواءِ ٻئي هنڌ اتي انڊسٽري پيرڪوڙي سگهي آهي. هڪ سوچيل سمجهيل سازش هيٺ سنڌ جي ترقيءَ کي روڪيو ويو آهي. سنڌ جتي ارڙهين صديءَ جي آخر تائين پنجاب جي پيٽ ۾ ويٺي تي زمين آباد ٿيندي هئي. اتي هاڻي ڏينهون ڏينهن زرعي پاڻيءَ جي کوٽ سبب زمين جي پوکائيءَ ۾ ڪمي آئي آهي. هڪ اندازي موجب هر سال هزارين ايڪڙ زمين جي گهٽ پوکائي ٿئي ٿي. پهريان ڦٽيون. پوءِ ساريون ۽ هاڻي ڪمند جي پوکيءَ جي ايراضي گهڻي گهٽ آهي. اهوئي سبب آهي جو زراعت گهٽ ٿيڻ سبب سنڌ ۾ بيروزگاريءَ جي شرح ۾ واڌ ٿي آهي . اهي خاندان جيڪي سالن کان پوکي راهي ڪندا آيا آهن. هاڻي زراعت انهن جي جياپي (Survival) جو ذريعو ناهي. هو صرف زراعت تي انحصار نه ٿا ڪري سگهن. نه رڳو اهي پر انهن جو اولاد پڻ پريشان آهي. جيڪي پنهنجن ابن ڏاڏن جي ڪرت ڇڏي. ڪنهن ٻئي روزگار جي تلاش ۾ آهن.

ان طرح سنڌ ۾ ڪمزور انڊسٽريءَ ۽ بهتر زراعت نه هجڻ سبب ماڻهو روزگار لاءِ ڪنهن ٻيءَ آپشن تي غور ڪري رهيا آهن. ۽ اتي حڪومت ٿيئن وڏيڪ منفي ڪردار ادا ڪري رهي آهي. مٿين سببن کان علاوه وڌندڙ بيروزگاريءَ جا به وڏا مک ڪارڻ آهن:

(1) گذريل اٺن سالن کان نوڪرين تي پابندي.

(2) سين پرنس تي پابنديءَ دوران ادارن مان وڏيڪ ملازمن جي نيڪالي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيپلز پارٽي پنهنجي پوئين دور حڪومت ۾ سرڪاري ادارن ۾ وڏيڪ ملازمن جي ڀرتيءَ تي پابندي لڳائي. جيڪا اڄ سال گذري وڃڻ باوجود اجان برقرار آهي. انهن سالن کان نيون ڀرتيون نه ٿيڻ سبب سنڌ ۾ بيروزگاريءَ جو انگ گهڻو وڌيو آهي. ڀرتين تي پابندي هٽڻ جي باوجود ڪنهن به تعليمي اداري ۾ مختلف ڊگرين لاءِ سيٽس جي ڪوٽا ناهي گهٽائي وئي. اونري ئي تعداد بلڪ اجان وڌيڪ تعداد ۾ نوجوان ڊگريون وٺي رهيا آهن پر سنڌن ڪنهن به اداري ۾ کپت ناهي. ڊاڪٽر، انجنيئر، ڊپلوما هولڊر مطلب ته هن وقت سنڌ ۾ هزارين نوجوان هر سال يونيورسٽين ۽ ٻين اعليٰ تعليمي ادارن مان ڊگريون وٺي مايوس ٿي رهيا آهن. جڏهن ته انٽر پاس ڪيل نوجوانن جو تعداد لکن ۾ آهي. جيڪي نوڪرين جي آسري نه هجڻ ڪري ڪو ٻيو ڌنڌو ذاتي ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا آهن. انٽر پاس يا پرائيويٽ گريجوئيشن يا پوسٽ گريجوئيشن ڪندڙ نوجوانن کي ته روزگار نه ٿو ملي، پر انهن نوجوانن ڪهڙو ڏوهه ڪيو جيڪي چار سال يونيورسٽيءَ يا ڪنهن ٻئي اعليٰ تعليمي اداري مان گريجوئيشن ڪن ٿا. پروفيشنل ڊگرين دوران هو نه رڳو پنهنجي زندگيءَ جا چار سال خرچ ڪن ٿا پر پڙهائيءَ دوران لکين رپيا پڻ خرچ ڪن ٿا. پر نوڪرين جا دروازا مٿن بند آهن. دنيا جي ٻين ملڪن ۾ ايئن ناهي. اعليٰ تعليم يافته نوجوانن کي نوڪري ڏيڻ حڪومت جي ذميواري آهي. پر اسان وٽ بدنصيبي اها آهي ته پروفيشنل ڊگرين جي داخلا لاءِ ڪڏهن به "ڊمانڊ ۽ سپلاءِ" کي اڳ ۾ ناهي رکيو ويو. ڪهڙيءَ ڊگريءَ جي ڪيتري گهرج/کپت آهي، ان کان هٽي بلڪ ان ضرورت کان گهٽي وڌيڪ تعداد ۾ داخلائون ڏنيون وڃن ٿيون جنهن جو نتيجي ۾ انهن نوجوانن لاءِ سالن کان ڪميشن ناهي ٿي. مهراڻ يونيورسٽي، قائد عوام يونيورسٽي ۽ ايس اي ڊي يونيورسٽي ۽ ٻيا ادارا هر سال ڏڙاڏڙ شاگردن کي انجنيئرنگ جون ڊگريون ڏئي رهيا آهن. ساڳي صورتحال زرعي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يونيورسٽين ۽ ميڊيڪل ڪاليجن جي بہ آهي. اهڙن ادارن ۾ رڳو مخصوص ڪيل سيٽن جي تعداد موجب داخلائون ڪو نہ ٿيون ڏنيون وڃن پر مختلف ڪوٽائن تي داخلائون وڌنديون رهن ٿيون. ممتاز ڀٽو جي نگران وزير اعليٰ جي دور ۾ معلوم ٿيو تہ رڳو ايل ايم سي ڄامشورو ۾ هڪ سو ڪان وڌيڪ شاگردن کي داخلائون ڏنيون ويون . ساڳي صورتحال ٻين ادارن جي بہ آهي، جتي ضرورت آهي ڏهن شاگردن جي، اتي پنجاهہ شاگرد ڊگريون وٺي ٿا اچن. ٻئي طرف نوڪري نہ ڏيڻ سان رڳو بيروزگاري ناهي وڌي پر پورن انن سالن گذري وڃڻ دوران مختلف کاتن مان هزارين ملازم رٽائر ٿيا آهن ، جن جون جايون بہ خالي پيل آهن.

(2) سنڌ سرڪار نيون ڀرتيون تہ ڪانہ پئي ڪري پر مرڳو سرڪاري ادارن ۾ سالن کان ڪم ڪندڙ ملازمن کي نوڪرين تان فارغ ڪري رهي آهي . بئنڪن، سوئي گئس، ائگريڪلچر، اسٽيل مل ،پي آءِ ئي، ڪي اي ايس سي ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا ادارا آهن جتان هزارن جي تعداد ۾ ملازمن کي فارغ ڪيو ويو آهي. ايس آر ٽي سيءِ جهڙو مضبوط ۽ پاڻ ڪمائيندڙ ادارو بند ڪيو ويو آهي ۽ ملازمن کي گولڊن هئنڊ شيڪ جو آسرو ڏئي فارغ ڪيو ويو آهي، جن کي اجان سوڌو ادائگيون ناهن ڪيون ويون. نوڪرين تان لاٿل اهي ملازم پنهنجي زندگيءِ جو نئون سفر ڪيئن ٿا شروع ڪن اهو ڪنهن ڄاتو آهي؟ ڪيترائي پيرا بک ۽ بدحاليءِ جا واڪا ڪندي انهن لاٿل ملازمن پنهنجا احتجاج رڪارڊ ڪرايا آهن . بک هڙتالون ، پريس ڪانفرسون مطلب تہ احتجاج جا سمورا قانوني طريقا اختيار ڪيا ويا آهن . ڪتيرن ئي کاتن جي ملازمن ڪررٽن ۾ ڪيس بہ داخل ڪيا آهن ، جن جا ڪيس بہ هلندڙ آهن پر معاملو اجان اتي جو اتي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذريل ڪيتري عرصي کان سنڌ مان فارغ ڪيل ڪانٽرئڪي ڊاڪٽرن جو مسئلو اجان حل ناهي ٿي سگهيو. سؤ کان وڌيڪ ائگريڪلچرل گرئجوئيٽ ڪميشن پاس ڪرڻ باجود فارغ وينا آهن. حڪومت کين نوڪريون نہ ٿي ڏئي.

مٿي ذڪرڪيل سمورن سببن جي ڪري گذريل انن سالن اندر سنڌ ۾بيروزگارن جي هڪ وڏي کيپ جڙي آهي . لکن جي تعداد ۾ نوجوان نوڪرين جي آسري نہ هجڻ سبب سخت مايوس ۽ پريشان اهن.

سنڌ ۾ بيروزگاريءَ سبب غربت ۾ گهڻو اضافو ٿيو آهي . سنڌ ۾ في ڪس آمدني گهٽ ٿي آهي ۽ هڪ اندازي موجب سنڌ ۾ 30 سيڪڙو ماڻهو غربت واريءَ ليڪ کان بہ هيٺ واري زندگي گذاري رهيا آهن. سنڌ ۾ خوشين بجاءِ نااميدي ۽ مايوسيءَ وارو ماحول آهي. سنڌ ۾ گذريل چند سالن اندر خودڪشين جي واقعن ۾ اضافو ٿيو آهي. خودڪشين جي واقعن مان حاصل ڪيل ڄاڻ بعد معلوم ٿيو آهي تہ انجا اڪثر ڪارڻ بيروزگاري ۽ مالي پريشاني آهن. فوري ضرورت آهي تہ سنڌ جي زراعت ۽ انڊسٽريءَ کي هٿي وٺرائي پنهنجي پيرن تي بيهاريو وڃي. حڪومت گولڊن هئنڊ شيڪ کانسواءِ لاٿل ملازم بحال ڪري ۽ نوجوانن کي نوڪريون ڏيڻ لاءِ مختلف کاتن ۾ نوڪريون پيدا ڪري. پر افسوس، هتي تہ نوجوانن کي نوڪريون ڏيڻ بجاءِ وڌيڪ 43-هزار ملازمن جي نوڪرين ختم ڪرڻ جون ڳالهيون هلي رهيون آهن. گذريل هڪ هفتي کان هلندڙ اهڙين ڳالهين سبب سند جي اهڙن متاثر ٿيندڙ ملازمن جي سخت مايوسيءَ ۽ پريشانيءَ واري حالت اهي. هن حالت ۾ ملڪ جي مستقبل قريب ۾ امن امان ۽ عام سلامتيءَ جي صورتحال تي سوچيندي دل ڪنبي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي عورت: هڪ جائزو

اهو ته طئه آهي ته اسان جي ترقي نه ٿيڻ جي انيڪ سببن ۾ هڪڙو وڏو ۽ اهم ڪارڻ اهو به آهي ته اسان پنهنجي اڌ وجود کي مفلوج رکيو آهي. ٿلهي ليکي چئجي ته به سنڌ جي موجوده آباديءَ ۾ عورتن جو تناسب 50 سيڪڙو آهي ۽ بدنصيبي اها آهي ته اهو هيڏو وڏو انساني سرمايو دنيا جي ڪارخاني ۾ ڇڻ بي مصرف ۽ فضول پيو آهي. جنهن جا ذميوار اسين پاڻ آهيون. سنڌ جي اقتصادي توڙي معاشي، سياسي توڙي سماجي، هر طرح جي ابتريءَ جو ذڪر ڪندي اسين سنڌ جي ماڻهن جي پريشانين ۽ مسئلن جي اپٽار ڪرڻ مهل اهو وساري ويهندا آهيون ته گهر کان اڪثر وقت ٻاهر گذاريندڙ ڪا، اڃا هنوار ۾ ۽ ڄر پر ۾ وڏيءَ حد تائين پنهنجي اختيار ۽ وس وارو هڪ عام مرد به هن نظام ۾ گهٽ، ٻوسٽ ۽ جبر محسوس ڪري ٿو ۽ هڪ عام ماڻهو، جنهن سطح جي قومي نا برابري ۽ ۽ طبقاتي ناهمواريءَ جو شڪار آهي ته سنڌي سماج جي هڪ عام عورت ڪيڏي نه وڏي پيڙا ۽ پوڳنا مان گذرندي هوندي، جيڪا هڪڙي ئي هنڌ رهي ٿي؟!.

مختصر لفظن ۾ ته غلام سماج جي غلام فرد جي گهر ۾ موجود عورت ڪيتري غلام آهي ۽ ان جي غلامي در غلامي ڪيتري طويل آهي. اهو فقط ان ڳالهه مان اندزو لڳائي سگهجي ٿو ته هتي مرد هٿان بي موت مارجندڙ عورت کي ڪسجڻ وقت اها خبر به نه هوندي آهي ته سندس وجود کي ڳيا ڳيا ڪندڙ ڪهاڙيون، ڪهڙي ڪارڻ آڀيون ٿيون هيون. لطيف سرڪار جي هن بيت وانگر ته:

سرجيس ٿان سور، ساماس ٿان سک ويا،
اهي ٻئي پور، مون نماڻيءَ نصيب ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1998ع جي ڪرايل ادمشماريءَ جي سرڪاري انگن اکرن موجب سنڌ جي ڪل آبادي 3 ڪروڙ چاليهه لک هئي. جنهن جو اٽڪل 70 سيڪڙو ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ رهي ٿو. ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن جي اقتصاديات بابت لکندي ۽ ڳالهائيندي بار بار اهو ورجائيندا اهيون ته "انهن جو دارومدار زراعت تي آهي" پر ڪڏهن ان جملي کي اسان هن ريت نه سمجهيو اهي:

"ٻهراڙين ۽ ڳوٺن ۾ رهندر ماڻهن جي گذر سفر جو دارومدار فقط ۽ فقط زراعت تي آهي."

حقيقت آهي به ائين چو ته جيئن پاڻ "نوڪرين واري جائزي" ۾ پڙهي آيا آهيون ته سنڌي ماڻهن لاءِ سرڪاري توڙي خانگي نوڪرين ۾ روزگار ڄڻ نه آهي ڪونه. ٻاهرين ماڻهن، ٻين صوبن جي ماڻهن ويندي هر طرح سان نا اهل ماڻهن کي سنڌ جي اصل ۽ مقامي ماڻهن مٿان ترجيح ڏني ويندي آهي. ڪراچي سنڌ جو ۽ ملڪ جو واحد وڏو شهر آهي، جيڪو روزگار ڏيندڙ ۽ غريب پرور شهر آهي، اُن ۾ ڪجهه خانگي توڙي سرڪاري ڪاتن ۾ سنڌي ماڻهن کي به نظر ڏنياڻيءَ طور روزگار نصيب ٿيو آهي، باقي سنڌ ۾ جيڪي ڪارخانا ۽ انڊسٽريون آهن، تن جا حال پاڻ اڳي ئي ساري چڪا آهيون.

سنڌ ۾ اٽڪل 60 هزار کن ڳوٺ ۽ وسنديون آهن، جن ۾ سنڌ جي آباديءَ جو 70 سيڪڙو حصو رهي ٿو ۽ ان آباديءَ مان 80 سيڪڙو ڪسب اهي آهن جن کي سنڀاليندڙ هاري، دڪاندار، ننڍا آبادگار، بي زمين ڪڙمي، مزدور، پورهيت، مهاڻا ۽ گهٽ آمدنيءَ وارا سرڪاري ۽ خانگي ملازم آهن ۽ جيڪڏهن ٿورڙو به ڌيان سان ڏسجي ته سنڌ جي سموري ٻهراڙيءَ جو دارومدار زراعت جي چوڌير قرندي نظر ايندو. هڪ محتاط اندازي مطابق سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ آباديءَ جو 95 سيڪڙو ماڻهن جي في ڪس آمدني (Per capatia) روزانو پنجاهه روپين تائين مس آهي. ۽ سنڌ جي عورت جو، جيڪا سنڌ جي آباديءَ جو 50 سيڪڙو آهي. هڪ وڏو تعداد يعني 35 سيڪڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻهراڙين ۾ رهي ٿو ۽ ان جو 95 سيڪڙو حصو زراعت سان سڌيءَ ۽ اڻ سڌيءَ طرح وابستہ هوندي بہ اقتصادي طرح ٻين جي ڪفالت تي زندگي گذاري ٿو!

سرڪاري انگن اکرن موجب ملڪ ۾ غربت جي شرح 34 سيڪڙو آهي. سنڌ جي سماجياتي ماهرن جي ڪيل هڪ اندازي موجب تہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت جي شرح 60 سيڪڙو کان بہ وڌيڪ آهي. 22 سيپٽمبر 2000ع تي سنڌ جي ڪابينا، سنڌ ۾ بي روزگاريءَ کي سڀ کان وڏو مسئلو قرار ڏنو هو ۽ جيڪڏهن ڏسجي تہ اهو مسئلو، سنڌ جي ٻهراڙين جو مسئلو آهي، جتي زراعت جي تباهيءَ سبب هاڻ زراعت ۽ ان سان لاڳاپيل شعبا روزگار ڏئي نہ ٿا سگهن. جنهن تي سنڌ جي ٻهراڙين جو دارومدار هو. سنڌ جو وڏو مسئلو "بي روزگاري" آهي. پر عام طور تي روزگار فقط مردن لاءِ ٿي ۽ اهو بہ خاص طور ڊگري يافتہ نوجوانن لاءِ مخصوص سمجهيو ويندو آهي، جڏهن تہ سڌيءَ ۽ اڻ سڌيءَ طرح اهو عذاب عورتن کي ڀوڳڻو پوندو آهي. عورتن کي نہ رڳو روزگار جي ضرورت هوندي آهي، پر ساڳئي وقت هر قسم جي تحفظ جي گهرج پڻ هوندي آهي. معاشري جي عدم مساوات، روايت پرستيءَ ۽ جهالت سبب هڪ تہ عورتون لکڻ پڙهڻ کان محروم رهن ٿيون ۽ ٻيو تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ ريت بہ چار درجا پڙهن بہ ٿيون تہ مٿن روزگار نہ ڪرڻ جون پابنديون ذار تہ روزگار جا دروازا اڳي ئي بند آهن. ان کان علاوه جيڪڏهن ڏسجي تہ سنڌ ۾ جيڪا لڳ ڀڳ هڪ ڏهاڪي کان، هر ڏسا ۾ Status quo واري صورتحال آهي ۽ ڪنهن بہ کيتر ۾ ذڪر جوڳي واڌ نہ ٿي آهي. ان پڻ سنڌ جي عورتن کي سماجي سطح تي اڳتي اچڻ نہ ڏنو آهي. جيڪڏهن انهن علائقن جا ڪجهہ مثال ونجن، جتي گئس، تيل يا گرينائيٽ مليو آهي اتي جي عورتن جي زندگي تي ڪو هاڪاري اثر چو نہ پيو آهي تہ سمجهہ ۾ ايندو تہ اتان جي عورتن جي اقتصاديات تي هاڪاري اثر نہ پيو تنهن ڪري انهن جي زندگيءَ ۾ ڪا بہ رمق پيدا نہ ٿي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي اچي اهو واضح ڪرڻ تمام ضروري آهي تہ جهڙيءَ ريت روزگار جو ذڪر ڪندي يا زندگيءَ جي ڪنهن بہ رُخ تي ڳالهائيندي، اسان Gender Discrimination جو شڪار ٿي ويندا آهيون، بلڪل ائين اسان پنهنجي اقليتن کي بہ وساري ويهندا آهيون. جيڪڏهن ان ڳالهہ کي مختصر ۽ سادن لفظن ۾ هن ريت بيان ڪجي تہ عورتون ۽ اقليتون، اسانجي سماج ۾ بلڪل اهڙي ئي طرح نظر انداز ٿيل آهن، جيئن اڳاٽي زماني ۾ "شودر" ۽ موجوده دؤر ۾ "دلت" آهن تہ اهو ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو. جيڪڏهن سنڌ جي عورتن جي حالتن تي لکندي سماجيات جو ڪو ماهر اهو چوي تہ سنڌ جون عورتون ٽين دنيا جي مظلوم ترين مخلوق منجهان آهن تہ ان تي ڪي بہ رايا ڪونہ ٿيندا پر جڏهن سنڌ جي اقليتن ۽ خاص طور تي اقليتي عورتن جي حالت جو سوچيندا سين تہ اسان جي ذهن ۾ ٽين دنيا جي اندر هڪ ٻي "ٽين دنيا" جو خاڪو پيدا ٿيندو. سچ تہ اهو آهي تہ اقليتي عورتن جي ذڪر سان گڏ لفظ "اقليت" جو استعمال بہ چڻ سنڌ جي اصل ۽ خالص مقامي آباديءَ جو استحصال ڪرڻ آهي. جهالت، جيڪا ذهنن ۾ صدين کان ديرو ڄمائي ويٺي آهي، ان اسان جي سماج کي ايترو نهوڙيو آهي جو سنڌ جا اصلي باشندا (Indigenenous) مينگهواڙ، ڪولهي، ريباڙي، باگڙي، جوڳي ۽ اوڏ، سنڌ ۾ يعني پنهنجي ئي ديس ۾ ڪنهن ٻئي سياري جي مخلوق (Alien) ٿيل آهن تہ انهن جي عورتن جي سماجي بيهڪ ڇا هوندي، اهو ڪو بہ با شعور ماڻهو اندازو لڳائي سگهي ٿو. پنهنجي دل تي هٿ رکي جيڪڏهن خدا ڪارڻ ڳالهہ ڪجي تہ جن عقوبتن ۾ ذڪر ڪيل برادريون ۽ انهن جون عورتون زنده رهي ٿيون ۽ پنهنجي بقا ۽ بچاءَ جي جهد ۾ رڌل آهن، انهن حالتن ۾ پنهنجو وجود برقرار رکڻ ڪنهن ڪارنامي کان گهٽ آهي؟ ذلتن جي ماريل انهن ماڻهن جون، باهمت عورتون نہ هجن تہ شايد اهي برادريون، يا تہ ڪتابن ۾ مذڪور هجن ها يا عجائب خانن ۾ "عبرت جو سامان" ٿيل هجن ها، پر ڌرتيءَ تي موجود نہ هجن ها. سنڌ ۾ عورتن جي حقن جي لتاڙ تمام

جن ۾ "ٽئين سنڌ" جي تعمير ڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌي پئماني تي ٿئي ٿي. جنهن لاءِ ڪلهه جي تفتيشي صحافت (Investigative Reporting) انگ اکر ڏيڻ جو هڪڙو رجحان پيدا ڪيو آهي. پر اجان ناٿين باقاعدي هڪ اداري جي سطح تي سنڌ ۾ اقليتي عورتن سان ٿيندڙ اڪيچار ڏاداين خلاف ڪي عملي ۽ ڪارگر اپاءُ به ورتا نه ويا آهن.

هتي اچي هڪڙي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي. پاڻ وٽ هر ڳالهه جو اختتامي ڪلمو (Winding up-note) اهو هوندو آهي ته "تعليم سان هر شيءِ درست ٿي ويندي". جيڪڏهن ان ڳالهه کي مفروضو بڻائيندي هڪ گهڙيءَ لاءِ تصور ڪيون ته هڪ ڏينهن اوچتو ڪنهن جادوءَ سان سنڌ جو هر ماڻهو ايم اي پاس ٿي وڃي ٿو ته: ڇا ان وقت سنڌ ۾ عورتن سان انياءُ ڪان وٺي عام ماڻهوءَ کي گهيري ۾ وڪوڙي رکندڙ غربت ۽ بدحالي ختم ٿي ويندا؟ ان جو جواب اهو آهي ته فقط تعليم يا ڊگريون مسئلي جو حل نه آهن ۽ نه وري رڳو خواندگيءَ جي شرح وڌڻ سان سماجي ترقيءَ جا سڀ دروازا کلي پوندا آهن. پر ان جو مطلب اهو قطعي ناهي ته اسان کي تعليم جي اهميت يا خواندگي جي ضرورت کي ثانوي درجو ڏيڻ گهرجي. ساڳي وقت اهو به سوچڻ اسان جو فرض آهي ته عورتن جي بهتريءَ لاءِ طريقا/متبادل ڪهڙا هجڻ گهرجن. جيڪي خواندگيءَ جي شرح وڌائڻ واري ڪم سان گڏو گڏ (Synchronize) ڪجن ته جيئن ثمر اور نتيجا حاصل ٿي سگهن. جيستائين خواندگيءَ جي شرح جو سوال آهي ته اها حقيقت به اسان جي اکين اڏو اهي ته 1998ع ۾ ٿيل آدمشماريءَ جي سرڪاري انگن اکرن موجب سنڌ جي شهري علائقن ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ميرپور خاص ۽ لاڙڪاڻي ۾ عورتن جي خواندگيءَ جي شرح 51.1 سيڪڙو آهي. جڏهن ته سنڌ جي باقي ٻهراڙين ۾ 13.1 سيڪڙو آهي. پر جيڪڏهن غير سرڪاري سطح تي ڪيل اپياسن تي نظر دوڙائجي ته سنڌ جي ٻهراڙين ۾ مشڪل سان 8 کان 9 سيڪڙو تائين تعليم جي شرح آهي. تازو ايشين ڊويلپمينٽ بئنڪ ۽ سنڌ حڪومت طرفان سنڌ جي پنجن ضلعن ٺٽو، عمر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٽ، بدين، ميرپورخاص ۽ دادو جي ٻهراڙين ۾ هڪ اڀياس ڪيو ويو. جنهن جي انگن اکرن مطابق عورتن جي خواندگيءَ جي شرح 7 سيڪڙو آهي ۽ انهن پنجن ضلعن ۾ 82.5 سيڪڙو ماڻهو غربت جي ليڪ کان به هيٺ واري زندگي گذارين ٿا. جن جي آمدني روزانو هڪ ڊالر کان به گهٽ آهي.

اسان جي عورتن جي حالت جو بيان ڪرڻ لاءِ انگ اکر ڏجن ته اهو ڏسي حيراني ٿيندي ته سنڌ ۾ سراسري طور تي 6 هزار عورتن لاءِ هڪڙي ليڊي ڊاڪٽر آهي. سنڌ جي هر چوٿين عورت کي پيئڻ جو صاف پاڻي ميسر ڪونهي. سنڌ ۾ جمر – شرح جو وڌيل هجڻ، عورتن جي صحت جي خرابيءَ جو هڪ وڏو ماپو (Indicater) بڻيل آهي. عورتن خلاف جنسي تشدد جا واقعا جيڪڏهن اخباري رپورٽن جي بنياد تي نه ڳڻجن ۽ فقط رجسٽرڊ (درج ٿيل) واقعن کي ڳڻپ هيٺ آڻجي ته سراسري سنڌ ۾ روزانو مختلف عمر جي 13 عورتن سان لڄالٽ ٿئي ٿي، جيڪو اسان جي سماج لاءِ هڪ لمحه فڪر آهي. گڏو گڏ سماجيات جي ماهرن ۽ سماجي سائنسدانن لاءِ اهو به وڏو چئلينج آهي ته سنڌ ۾ سراسري طور روزانو مختلف عمر جي 8 عورتن طرفان آپگهات جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي (اخبارن ۾ رپورٽ ٿيل واقعن مطابق). جنهن ۾ ميرپورخاص، سانگهڙ، حيدرآباد ۽ ٺٽ ضلعن جي عورتن جو تعداد 80 سيڪڙو آهي ۽ انهن ۾ شيڊول ڪاسٽ عورتن جو تناسب اڌ تي اڌ آهي!

صحت جي اڻ پورين سهولتن ۽ غذائي کوٽ جو ذڪر، انساني حقن جي وسيع پئماني تي ٿيندڙ لتاڙ هيٺ گم ٿي وڃي ٿو. مختصر لفظن ۾ ته ڪاروڪاري (Honor Killing) ۽ عورتن طرفان ٿيندڙ آپگهاتن کي "سنڌ جي عورتن جو قتل عام" قرار ڏجي ۽ ان جي تدارڪ لاءِ فوري اپاءَ وٺڻ گهرجن. ڇو ته "ڪارو ڪاري" جي الزام هيٺ مارجندڙ مرد توڙي عورت جو خون اجا تائين "ڏوهه" تصور نه ٿو ڪيو وڃي ۽ جڏهن، ڪنهن سماج ۾ گناهه تي ندامت بدران،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فخر ڪيو وڃي ته اهڙي پاڻ پڏائيندڙ مجرم سماج جي زوال کي گهٽو پري نه. پر بلڪل ويجهو سمجهڻ گهرجي.

جيستائين سنڌي سماج ۾ عورت کي انسان هجڻ جو درجو نصيب نه ٿو ٿئي تيستائين سنڌي سماج ڪنهن سڌريل سماج سان برميچڻ جهڙو ٿي نه ٿو سگهي.

جيڪڏهن سنڌ جا باشعور ۽ اهل درد ماڻهو ان ڳالهه تي متفق آهن ته عورتن خلاف جسماني توڙي جنسي تشدد، سندن انساني حقن جي لتاڙ، سندن ناحق قتل، سندن خراب صحت ۽ غذائي کوٽ، سندن طبعي يا حادثاتي موت جي وڌيل شرح، نه رڳو انساني حقن جي محرومي ۽ سماجي نظام جي بد انتظامي جو سوال آهي، پر ساڳئي وقت، انساني تاريخ جي قيمتي ڪي پوئتي ڦيرائڻ، ارتقا جي قانونن کي پٺي ڏيڻ ۽ انساني ترقيءَ سان مذاق ڪرڻ جي برابر آهي ۽ اسانکي اهو سمجهڻو پوندو ته تعليم جي شرح وڌائڻ سان گڏوگڏ اسان کي ٻيا فوري ۽ نتيجه خيز اُپاءَ وٺڻا آهن، جن ۾ سڀ کان وڌو ۽ اهم اُپاءُ سنڌ جي عورتن کي اقتصادي طور تي پاڻ پرو ڪرڻ آهي.

جيڪڏهن عورتن جي سماجي سطح کي مٿي ڪرڻو آهي ته پوءِ انهن کي اقتصادي آزادي ڏانهن وٺي وڃڻو پوندو ته جيئن هو پنهنجي ڏيتي ليتي پاڻ ڪري سگهن ۽ مردن جي محتاجي کان بچي سگهن. جنهن جو فوري نتيجو اهو نڪرندو ته عورتن کي جيڪو Decision Making Power ڪونهي، اهو هوريان هوريان ملڻ نصيب ٿيندو. عورتن جي خودمختياري ۽ فيصلي ساز حيثيت تڏهن ئي جڙندي، جڏهن اهي نه رڳو پاڻ ڪمائي ڄاڻنديون پر، ساڳئي وقت پنهنجي مرضيءَ سان خرچ به ڪري سگهنديون. هيل تائين ٿيندو اهو آهي ته عورتن جي ڪمائيءَ بابت پڻ ڪل اختيار مردن کي حاصل هوندا آهن. خاص طور سندن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اڪثر ايئن ٿيندو آهي ته عورت جيڪڏهن ڦٽيس جو جوبند ڪري ته به سندس ڏهاڙيءَ جو مالڪ، سندس پيءُ يا مڙس بڻجندو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن هن کي ڪا نوڪري (ماستري وغيره) اهي تہ بہ سندس پگهار ڪو پڻ يا پاءُ ئي ڪٽندو آهي ۽ عورت فقط "منسوبيت" ۾ پنهنجو جيون گذاريندي آهي. سچ تہ اهو آهي تہ انساني بنيادي ضرورتن بک، اڃ، جنسي ضرورتن، اجهي ۽ لٽي جي پورائي لاءِ (ڪٿي ڪٿي تہ ان کان بہ محروم رهجي ويندڙ) عورت پنهنجي سموري حياتي اربي ڇڏي ٿي ۽ ان جي باوجود بہ گيس پنهنجي باري ۾ يا پنهنجي گهر يا اولاد بابت ڪنهن بہ فيصلي ڪرڻ جو اختيار نہ هوندو آهي.

سول سوسائٽي جا ڪيترا ادارا، انساني حقن لاءِ جاکوڙيندڙ تنظيمون، امداد باهمي جون ڪيتريون انجمنون ۽ ڇڳ پلائيءَ ۽ خيراتي ڪمن لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ فرد ۽ ذريعون پنهنجي پنهنجي ڪتابن ۽ خطابن ۾ Women Empowerment جهڙا اصطلاح شد مد سان ڪتب آڻيندا آهن، پر اڪثر ڪري انهن لفظن جي روح تائين پهچي نہ سگهيا /سگهندا آهن. جو تہ عورت کي بااختيار بڻائڻ تہ پري، عورت کي اختيار ۾ حصو ڏيڻ لاءِ بہ مرد اڃان تائين تيار نہ آهي ۽ مونکي ذاتي طور مشاهدو آهي تہ ٻهراڙين ۾ رهندڙ اسان جي Folk Wisdom کي هروپرو تنقيدي نشانو بنايو ويندو آهي، نہ تہ اصل ۾ شهرن ۾ رهندڙ ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن ۾ عورتن کي معاشي ۽ سماجي طرح پوئتي رکڻ جو رجحان وڌيڪ آهي ۽ شهري عورت فقط سهولتن جي نالي تي ۽ محض انهيءَ دل فريبيءَ ۾ تہ هوءَ هڪ بهتر ۽ آسائشن واري زندگي گذاري رهي آهي پنهنجي هٿن سان ئي پنهنجو استحصال ڪندي آهي.

ٻهراڙيءَ توڙي شهر ۾ رهندڙ عورت جو سڀ کان اهم مسئلو اقتصادي پاڻ ڀرائپ (Self Reliance) آهي، جنهن لاءِ ضروري آهي تہ سماجي ترقيءَ جي عمل کي تيزي ڏيڻ اٿائي وڃي. خاص طور تي سنڌ ۾ بند ٿيل ۽ رد ٿيل ترقياتي ڪم شروع ڪرائجن تہ سنڌ ۾ معاشي ڇرپر ۾ بهتري پيدا ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت ۽ نجي ادارن کي گهرجي تہ عورتن جي حقن Women Rights ۽ Gender Balance کي يقيني بنائين.

راءِ عام (Advocacy) لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن ۽ تنظيمن کي سرڪاري پنيرائي ڏني وڃي ۽ اهو طئہ ڪيو وڃي تہ هر شعبي ۾ عورتن کي سندن تناسب جي حساب سان نمائندگي ملي.

هن ملڪ ۾ بنياد پرست ۽ جاگيردار سوچ عورت جي آزاديءَ ۽ عزت پرئي حيون گهارڻ تي پابنديون هٽي چڏيون آهن. تنهنڪري سنڌ جي Civil Society Organizations کي گڏجي سنڌ جي اڌ آباديءَ کي ان پنجوڙ مان ڇڏائڻ لاءِ گڏيل جدوجهد ڪرڻ گهرجي، ان ڏس ۾ عورتن لاءِ فني ۽ هنري سکيائين ڪان ونڍي Manageral skills جي تربيت ڏئي ڪين مارڪيٽنگ جهڙا اوزار مهيا ڪيا وڃن.

عورتن لاءِ ننڍين ننڍين شهرن ۾ ورڪنگ ويمن هاسٽلون جوڙائڻ گهرجن، جتي ڪين پر امن ۽ عزت پريو اجهو ميسر هجي تہ جيئن اهي روزگار يا تعليم وغيره جاري رکي سگهن. عورتن لاءِ محض فرسٽ ويمن بئنڪ يا وومين پوليس اسٽيشن قائم ڪرڻ سان عورتن جي بهتري اچي نہ ٿي سگهي. بلڪہ عورتن خلاف هر سطح تي امتيازي قانونن جو خاتمو ۽ تحفظ جي مڪمل ضمانت ئي عورتن کي اقتصادي پاڻ پرائپ ڏانهن وني وجي سگهن ٿا. اهي اهڙا عمل آهن، جن لاءِ بهتر حڪمراني هڪ اولين شرط آهي. بهتر حڪمرانيءَ جو بيو مطلب رواداري ۽ سهپ رکندڙ بردبار سماج آهي ۽ اهڙي سماج اڏڻ لاءِ جيڪڏهن اسان جا ڏاها اجا بہ تحرڪ ۾ نہ ٿا اچن تہ ان جو مطلب آهي تہ سنڌ جي ڏاهپ مفلوج ٿي وئي آهي. اچو تہ پاڻ کي مفلوج ۽ محتاج ٿيڻ کان بچايون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتيجا / سفارشون (Recommendations)

آخر ۾ هن سموري ڪٿا ڪانپوءِ آءٌ چاهيندس تہ پنهنجي مختصر علم، عقل ۽ تجزئي جي اڌار تي ڪجهہ سفارشون مرتب ڪريان.اهو ضروري نہ آهي تہ منهنجون ڏنل سفارشون ئي هن تباهہ ٿيندڙ سنڌ لاءِ ڪي "نداءِ نجات" آهن، پر ايترو اُهي تہ هيءُ انداز ۽ طريقو هڪ بنياد آهي تہ جيئن اڳتي هلي انهن ئي طريقن موجب اسين پنهنجو حدف ليڪي سگهون ٿا.

- هتي دانهون ۽ ڪوڪون ڪرڻ، سوچڻ ۽ لوچڻ هر ڪنهن جو فرض آهي. منهنجي اندر جي ٻي چيني جو مون تي حق هو تہ اها اظهار جي آواز سان اوهانجي اندر جي سماعتن تائين پهچي، سو مون ايئن ڪيو. ڪو خوش فهمي چوي يا منهنجي ذهن جو اختراع سمجهي، پر مون ڪي خاطري آهي تہ سنڌ ۾ سنڌ پرست ماڻهو موجود آهن ۽ اهي ٻين کان مختلف آهن. ڪن کي چريو بہ چيو وڃي ٿو تہ ڪن کي جذباتي، پر اهي مٿي ڦريا، جنوني، پاڳل ۽ عاشق ماڻهو سنڌ ۾ ايمان رکن ٿا. انهن جو سنڌ جي چپي چپي سان پيار آهي. هو سنڌي قوم سان ۽ انجي هر شهريءَ سان عشق ڪن ٿا. اهي ان خيال جا آهن تہ آواز علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جوهجي يامحترم سائين جي ايم سيد جو. سڄ ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جو هجي يا قاضي فيض محمد جو. واڪو غلام مصطفيٰ شاهہ جو هجي يا مسڪين جهان خان کوسي جو هجي. هڪل ڪرڻ وارو شيخ اياز هجي، ظفر حسن هجي يا نجم عباسي، ادبي منظر تي رسالو "مهراڻ" هجي "روح رهاڻ"، "ملير" يا "سهڻي"!

- ڪو بہ سڏ، ڪو بہ واڪو، ڪو بہ پڙاڏو ڪو بہ پڙ لاءُ انهن ماڻهن لاءِ اهميت کان خالي نہ هوندو آهي. مونکي اها خاطري آهي تہ منهنجو هيءُ آواز بہ ضرور ڪنايو ويندو، منهنجي ڳالهہ کي ڌيان ۾ رکيو ويندو، هڪ

١جو تہ "نئين سنڌ" جي تعمير ڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي، سماجي ۽ ادبي ڪارڪن جي حيثيت ۾ منهنجو مطالعو مون کي يقين ڏياري ٿو تہ دنيا ۾ ڪابہ مناسب ۽ معقول ڳالهہ اهڙي ڪانهي، جيڪا اسين سنڌي حاصل ڪري نہ ٿا سگهون. خوشحالي ۽ انصاف ۽ قومي برابريءَ جو درجو هر حالت ۾ مناسب، معقول ۽ ضروري ڳالهيون ۽ حق آهن، ۽ هر صورت ۾ ملڻا آهن ۽ وٺڻا آهن، مري بہ وٺڻا آهن ۽ جي بہ ماڻڻا آهن. پر اها بہ ڳالهہ آهي تہ اهو سيڪجهہ ماڻهپي سان، عزت ۽ وقار سان حاصل ٿئي. ان لاءِ سنڌي ماڻهوءَ کي "مان" يا "آئون" تان دستبردار ٿيڻو پوندو. ها، يقين ڪريو تہ هڪڙي سنڌيءَ جي اَن "مان" يا "آءٌ" جي ختم ڪرڻ سان سنڌ جي ساڍن ٽن ڪروڙ ماڻهن جي پيرن ۾ پيل زنجيرن مان هڪڙي زنجير نڪري ويندي. اچو تہ ايئن ساڍيون ٽي ڪروڙ زنجيرون ٽوڙيون.

- ڪنهن بہ اقتصادي ۽ سماجي ترقيءَ لاءِ مالي، معدني ۽ قدرتي وسيلن جو هجڻ ضروري آهي. هر اسرندڙ ملڪ ۽ خطي جي ترقيءَ لاءِ ان جي ذريعن مطابق رٿا ۽ مالي سيڙپ انتهائي ضروري آهي. پاڪستان جي نهڻ کان وٺي هن مهل تائين ملڪ ۾ ٻاهرين سيڙپ تمام گهڻي رهي آهي. پر ان جو ڪوبہ بهتر نتيجو نہ مليو آهي. جنهن جا سبب غير مؤثر رٿا بندي، معاشي اڻبرابريءَ وارا منصوبا، نڳبازيءَ ۽ ڪرپشن جو هجڻ آهن. سنڌ جيڪا پڻ هن ملڪ جو اهم ۽ امير صوبو آهي، جنهن وٽ پنهنجا بي بها مالي ۽ ٻيا وسيلا موجود آهن پر انهن جو پورو ۽ حقي استعمال نہ ڪيو ويو آهي، ۽ نہ ئي گذريل 50 ورهين ۾ ترقيءَ جي حوالي سان سنڌ لاءِ ڪا معقول ۽ انصاف پري رٿا بندي ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن سچائيءَ سان مختلف رٿائن جا منصوبا ذريعن مطابق جوڙيا وڃن ها تہ غربت ختم ٿي وڃي ها ۽ صوبي ۾ خوشحالي ئي خوشحالي ٿئي ها. دنيا ۾ اهڙا ڪيئي مثال موجود آهن. دنيا جي جن بہ ملڪن پنهنجي ترقيءَ لاءِ صحيح پلاننگ ۽ رٿا بندي ڪئي آهي. اهي اڄ ڪاميابيءَ جي منزل ماڻي بيٺا آهن ۽ اڳتي ئي وڌيڪ مٿي چڙهي رهيا آهن. اهڙن ملڪن پنهنجن ماڻهن کي هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قسم جون سھولتون پھچايون آھن. اھڙين سھولتن ۾ پيئڻ جو پاڻي، روڊ، رستا، تعليم، صحت، نڪاسي آب، ماحولياتي آلودگيءَ جھڙا مسئلا شامل آھن. اسانجي اکين اڳيان ڏسندي ڏسندي ڏکڻ ايشيا جا ڪيترائي ملڪ گذريل ڏھن کان ويھن سالن جي اندر "ايشين ٽائيگر" تي اپريا آھن ۽ ھينئر اھي ملڪ انھيءَ ڪوشش ۾ رڌل آھن تہ ھو گلوبلائيزيشن جو فروٽ کائين ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ پنھنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. ھتي اسين پنھنجي پاڙيسري ملڪن جو مثال وٺي سگھون ٿا. ھندستان تمام تيزيءَ سان ترقيءَ جي راھہ ڏانھن گامزن آھي. ھندستان جي ڪيترين ئي رياستن ۾ ادارن جو وڏڻ ويجھڻ عالم آشڪار آھي، جتي تعليم، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدانن ۾ ڀرپور محنت ڪئي پئي وڃي. ڪاميابيون حاصل ڪيون پيون وڃن. اتان جي ڪيترين ئي رياستن ۾ خواندگيءَ جو تناسب 70 کان 90 ۽ 99 سيڪڙو تائين آھي. سريلنڪا جھڙي ننڍي ملڪ ۾ جيڪو پاڻ ھڪ جنگ جو ميدان بڻيو پيو آھي، ان جي خواندگي 99 سيڪڙو آھي ۽ سوشل ڊويلپمينٽ ۾ ھي ملڪ ڪافي اڳيان نڪري چڪو آھي. بنگلاديش، جيڪو اسانجي ملڪ جو حصو ھو ۽ بدقسمتيءَ سان اسان کان جدا ٿي ويو آھي. تنھن جي تعليم جي شرح پڻ وڌي رھي آھي ۽ آدمشماريءَ جي وڌڻ جي شرح ھاڻي بہ سيڪڙو کان بہ گھٽ آھي. انھي ملڪ ۾ غربت ختم ڪرڻ جا ڪيئي نوان طريقا اختيار ڪيا ويا آھن، جنھن جا بھتر نتيجا اچڻ شروع ٿي ويا آھن. اسان جي ملڪ جي آدمشماريءَ جي شرح اڄ ان اتي جو اتي يعني 3 سيڪڙو کان بہ ڪجھہ مٿي بيني آھي.

- ڪنھن بہ ترقي ڪندڙ ملڪ ۾ مجموعي گھرو پيداوار ۽ مجموعي قومي پيداوار جي سيڙپ جو ھجڻ تمام ضروري آھي، جنھن ملڪ جي آدمشماري گھٽي ھوندي آھي، ان ۾ جيڪڏھن مجموعي گھرو پيداوار جي واڌ 8 کان 10 سيڪڙو ھجي ۽ سيڙپ جي شرح مجموعي قومي پيداوار جي سيڙپ جو 21 کان 25 سيڪڙو ھجي ۽ اھو سلسلو اٽ ڏھہ سال ھلي تہ اھو ملڪ ترقيءَ جي ماپي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطابق بهتر زندگيءَ جو بهتر معيار حاصل ڪري سگهي ٿو. بد قسمتيءَ سان اسان جي ملڪ ۾ ايئن ڪونه ٿيو. سياستدانن پنهنجي بي عمل سياست ۽ زبان خور رٿائن تحت ڪڏهن به صحيح منصوبا نه جوڙيا. صرف پراڻن منصوبن کي شخصي يا گروهي مفادن مطابق هيٺ مٿي ڪري هلائيندا رهيا. سرڪاري ڪامورن پڻ ڪن حالتن ۾ بهتر پلاننگ جي باوجود سياستدانن جي انهن مفادي ارادن کي اڳتي وڌايو. باوجود انهيءَ جي ته ملڪ ۽ صوبن ۾ پلاننگ ۽ رٿا بنديءَ جا شعبا موجود آهن. هتي هڪ ڳالهه واضح آهي ته خاص طرح سنڌ ۾ اڄ تائين ڪو به صحيح طريقي وارو منصوبو (سواءِ هڪ ٻن جي) نه جڙيو، جنهن جو ڪو فائدو حاصل ٿيو هجي. اڄ به ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ جا وسيلا بهتر رٿابنديءَ ۽ نون منصوبن تحت سنڌ ۾ ئي سيڙايا وڃن ته گهڻو ڪجهه حاصل ٿي سگهي ٿو. پاڪستان جي مختلف سياسي ۽ غير سياسي حڪومتن سنڌ ڏانهن به اڪيائيءَ وارو سلوڪ رکيو آهي ۽ ايئن ڏسڻ ۾ اچي پيو ته ڄڻ انجي ترقيءَ کي هڪ وڏي بريڪ هڻي روڪيو ويو آهي. حڪومت سنڌ کي گهرجي ته سنڌ ۾ ترقيءَ واري سيڙپ وڌائي ۽ غير ترقياتي خرچن کي تمام گهٽ حد تائين گهٽائي. سنڌ ۾ ٻاهرئين سيڙپ پنجاب. سرحد ۽ بلوچستان جي مقابلي ۾ تمام گهٽ يا نه جهڙي آهي. جيڪا پڻ وڌائڻ گهرجي. پاڪستان جي هڪ سروي (ڪٽ) موجب ملڪ ۾ ذري گهٽ ڪوئلي جا 184 ملين ٽن موجود آهن. جن مان 99 سيڪڙو سنڌ ۾ موجود آهن. سنڌ ۾ لاکڙا (دادو ضلعو). سوندا، جهمپير ۽ ميٺنگ (ٺٽو ضلعو). بدين ۽ ٿر جي وارياسي علائقن ۾ ڪوئلي جا ذخيرا موجود آهن. سنڌ جي 99 سيڪڙو ڪوئلي جو 95 سيڪڙو رڳو ٿر ۾ موجود آهي. هي ڪوئلو هڪ بهترين معيار جو ڪوئلو آهي. آئيني طور ڪوئلو صوبائي ملڪيت آهي. انڪري صوبي سنڌ جي حڪومت انهيءَ ڪوئلي جي کوٽائي ڪرائي ۽ ڪوئلي جا ننڍا ننڍا منصوبا ٺاهي هلائي سگهي ٿي. حڪومت بلوچستان جو حب پاور هائوس انهيءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال آهي. هر خيال کان ضروري آهي ته ڪوئلو جلد ۾ جلد ڪڍي، سنڌ جي اقتصادي ترقيءَ جي رفتار کي تيز ڪيو وڃي. انهيءَ تحت ننڍا ننڍا پاور هائوس ۽ بيا ڪيترائي اڳتيا منصوبا عمل ۾ اچي سگهن ٿا . ايئن ڪرڻ سان ملڪ ۾ هلندڙ ڪالا باغ ڊئم وارو "ڪارو ديو" به ختم ٿي سگهي ٿو. جنهن تحت ماڻهن کي بجلي پيداوار ڪرڻ جا ڪوڙا منصوبا ۽ دلاسا ڏنا ويا ۽ اڄان تائين ڏنا پيا وڃن. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ موجود چائنا ڪلي، گرينائيٽ، جپسم، سنگ مرمر، ۽ سامونڊي دولت جا اڻميا وسيلا استعمال ڪري فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا، ۽ سنڌ جي اقتصادي ترقيءَ ۾ تمام گهٽيءَ حد تائين اضافو ڪري سگهجي ٿو.

منهنجون هي سفارشون هڪ ئي وقت حڪومت، غير سرڪاري ادارن\ تنظيمن، سڄاڻ ڌرين، سنڌ سماء جي ادارن ۽ فردن، استادن، اديبن ۽ عام ماڻهن لاءِ اهن. هي سفارشون ڪي مطالبا نه آهن. هي طريقا آهن، هي ترقيءَ ڏانهن ۽ قومي اڃبي ڏانهن وڌڻ جا رستا آهن. انهن تي پاڻ سيني سنڌي ماڻهن کي گڏ هلڻو آهي. اهي حدف حاصل ڪيئن ٿيندا. ان لاءِ اوهان مان ڪنهن وٽ بهتر حڪمت عمليون ۽ طريقا هجن ته اهي به هن ڪتاب جي ايندڙ اشاعتن ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا. چو ته هي ڪتاب منظر تي اڻڻ وارو ته سنڌ جو هيءُ ننڍڙو ڪارڪن (راقم) آهي. پر هن ڪتاب جا مالڪ اسين سڀ سنڌ واسي آهيون.

- منهنجو خيال آهي ته سماج جي سيني ڪيترن تي چوڌطرف اثر انداز ٿيندڙ شعبو سياست آهي. ان ڪري سماج جي قيادت سياسي اڳواڻن کي ڪرڻ گهرجي ۽ "اها ذميواري محض سياستدانن جي آهي" چئي سڄاڻ ڌرين کي سياست کان لا تعلق نه ٿيڻ گهرجي.

- سياست تي يا سياست کان عام ماڻهوءَ جو چرڪڻ ۽ لفظ سياستڪار جو ناڪاره يا بيڪار ماڻهو لاءِ بيجا ۽ بي سمجهه عام استعمال بڊائي ٿو ته هاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ رڳو ان شعبي پر ٻين اهڙن قومي خدمت، تعمير يا اصلاح جي ٻين شعبن ۾ مصروف پنهنجي قومي اڳواڻن، خادمن ۽ ڪارڪنن لاءِ بہ اهڙن لفظن ۽ اصطلاحن جو اهو استعمال اسان جي نيڪ بختيءَ جي نشاندهي ڪونہ ٿو ڪري. پر افسوس صد افسوس، جو اسان جي سياست، وڪالت، تعليم، صحت، تجارت زراعت ويندي عدالت، ادب ۽ ايمان جي شعبن جي معتبر اصطلاحن ڪان بہ ماڻهن وٽ ڪاوڙ ۽ بدظني پيدا ٿي وئي آهي. تنهنڪري اسان سياسي ذرين جي نہ رڳو پر سيني قومي فلاح ۽ بهبوديءَ جي دائرن ۾ ڪم ڪندڙ ذرين لاءِ هن وقت ان ڪان سواءِ ڪو بہ چارو ڪونهي تہ اهي پنهنجي پنهنجي ڪم ڪرڻ جي انداز ۽ پنهنجي پنهنجي روايتي اسٽرڪچر کي تبديل ڪن. ان لاءِ هيءَ مناسب وقت آهي تہ سياسي پارٽيون /ڌڙا محض "سياسي" هجڻ بدران پاڻ کي Socio-economic,Socio-cultural,Socio-religious,Socio-Political رنگ ۽ انداز ۾ سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ تي آماده ڪن، ۽ پنهنجي پنهنجي ذميوارين ۽ فرض ادائين ۾ جماعتي توڙي انفرادي طور باهمي رابطي ۽ پنهنجي قومي عوام سان همسازيءَ، همدرديءَ ۽ همدميءَ جي اٽوٽ ۽ دائمي رشتي جي تعلق ۾ بدل رکن.

- سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو تہ اهي نہ رڳو پنهنجي پنهنجي پليٽ فارم تي، پر عوامي سطح تي ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف سياسي معاملن (Issues) بابت آگاهي ڏين ۽ وقت بوقت مختلف مڪاني توڙي عالمي تبديلين بابت واقفيت ڏيندا رهن. سنڌ جي عام ماڻهن کي جيستائين سياسي حوالي سان فڪري دولت سان مالا مال نہ ڪبو تيستائين سياسي حاصلات، ناممڪن نہ بہ سهي تہ بہ انتهائي دشوار هونديون.

- سماج جي مختلف شعبن ۾ ڪم ڪندڙ سيني ادارن ۽ تنظيمن کي قومي ڀلائيءَ جي ڏس ۾ هڪٻئي سان سهڪار ۾ رهي هڪٻئي جي تربيت ڪرڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جيستائين سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سماجي خدمتگذار ذريون پنهنجي عمل ۾ پاڻ کي هڪبئي سان ايئن نه ڳنڍينديون. تيستائين عوام جو مٿن ويساهه ڪونه ٿيندو. ۽ ياد رهي ته عوام لاءِ ٿيندڙ ڪم ۾ عوام جي شرڪت انتهائي ضروري آهي.

- سماجي خدمتن واري کيتر ۾ ڪم ڪندڙ فردن /ذريـن کـي محـض "مئنڊيٽ" مطابق ڪم ڪرڻ جو عذر نه هئڻ گهرجي. انهن جي اڏو ديوان ڏيارام گدومل، نورمحمد وڪيل. سيد الهندو شاهه ۽ خاص طور تي ڊاڪٽر اختر حميد خان جو مثال موجود آهي. جنهن ڪڏهن به ڊونرز جي چوڻ مطابق يا انهن جي مرضيءَ موجب پنهنجي اداري کـي نه هلايـو ۽ جيڪـڏهن ڪم ۾ خلوص ۽ سچائي آهي ته پوءِ فنڊنگ ايجنسيءَ جي ڊڪٽيشن "حرف اخر" نه ٿي بڻجي سگهي ۽ نه ٿي ايئن ڪا سماجي خدمت معروضي حالتن پٽاندر ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ اين جي اوز جو گڏيل نيٽ ورڪ (پليٽ فارم) ناهجي ۽ اهو طئي ڪجي ته سنڌ جا فلاڻا فلاڻا ترقياتي مسئلا آهن. جن ۾ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ته پوءِ ان ڏس ۾ ڪو جامع ۽ ڳنڍيندڙ پروگرام ناهي ڪم ڪجي. ۽ پوءِ پڪ ٿي پڪ ڊونرز پڻ انهيءَ طور ۽ طرز سان فنڊنگ ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پوندا. نه ته پراجيڪٽ نه هر ڪو پنهنجي ليکي وني پيو ۽ فائدي وٺندڙن (Beneficiaries) جون دانهون به ساڳيون ٻڌجن پيون.

- سنڌ جي سماجي اڳواڻن ۽ ادارن جي اها ذميواري آهي ته سنڌ ۾ سمال اينڊ ميڊئيم انٽرپرائز ڊويلپمنٽ اٿارٽي (SMEDA). مائڪرو فنانس بئنڪ ۽ سنڌ رورل سپورٽ پروگرام جهڙا ادارا قائم ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪن ته جيئن سنڌ ۾ پاڪستان جي ٻين صوبن وانگر جامع ترقياتي عمل شروع ٿئي.

- سنڌ جي ڏتڙيل ماڻهن جيڪي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ رهن ٿا جي بدحاليءَ جو وڏو ڪارڻ سندن خراب صحت ۽ ناچاڪي آهي. صحت جي ڪرندڙ معيار جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ وڏو سبب پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي فراهمي ۽ گندي پاڻيءَ جو نيڪال نہ هجڻ آهي. تنهنڪري ضروري آهي تہ اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ جي طرز تي اسان پنهنجي ڳوٺن ۽ شهرن کي ڇاڻايل سهولتون، شراڪتي انداز ۾ مهيا ڪيون.

- حڪومت هجي يا اين جي اوز، اُهي ضلعي سطح تي منصوبہ بندي ڪن. سنڌ جي تِرت ترقيءَ لاءِ ضروري آهي تہ ڊسٽرڪٽ پرسپيڪٽو/ماسٽر پلان (District Perspective/Master Plans)ٺهڻ گهرجن، جن ۾ سڀني ضلعن جا وسيلا ۽ انهن جي جامع ڪٿ ٿيڻ گهرجي. هر ضلعي جي پنج سالہ ترقياتي رٿا جوڙجي جيڪا ضلعي ترقياتي منصوبا بندي هجي. ساڳيءَ ريت جڏهن سڀني ضلعن جون پنج سالہ برفياني رٿائون مڪمل ٿين تہ ان طرح صوبائي پنج سالہ رٿا بہ تيار ٿيندي ۽ ٿين بہ گهرجي

- حڪومت هجي يا نجي/خانگي طرح ڪم ڪندڙ فرد ۽ ادارا هجن. انهن کي گهرجي تہ ايندڙ ويهن ورهين لاءِ سنڌ جي سڀني وسيلن بابت مڪمل معلومات حاصل ڪن ۽ سنڌ جي سڀني اثاثن (Assets) جو مڪمل تجزيو (Assessment) ڪري هر شعبي /ڪنڌ جي ترقيءَ لاءِ ڏار منصوبا بندي ڪن.

- سنڌ جي اقتصادي صورتحال کي [illegible] سال بهتري [illegible] مجموعي گهرو پيداوار (GDP) وڌائڻ لاءِ سنڌ جي زراعت کي جديد بڻائڻو پوندو. زراعت کي (Export-Sector) بنائي سنڌ کي پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن (Forex) ۾ پاڻ پرو ڪرڻو پوندو. ايئن ڪرڻ سان سنڌ جي مالي صورتحال بهتر ٿيندي ۽ GDP جي وڌڻ سان مجموعي قومي پيداوار (GNP) ۾ سنڌ جو حصو وڌيڪ شامل ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان لاءِ هيٺ ڏنل تجويزن تي عمل ڪجي:

(الف) سنڌ جي تباهه ٿيندڙ زراعت کي بچائڻ لاءِ سڄيءَ سنڌ ۾ پاڻيءَ جي مناسب ورڇ ٿيڻ گهرجي، ۽ پڇڙيءَ جي ضلعن تائين، آخري ڇيڙي تي وينل آبادگار کي به پاڻي پهچائڻ لاءِ، ضروري آهي ته سنڌ کي ان جي حصي جو پاڻي ملي. سنڌ کي پنهنجي حصي جو مڪمل پاڻي هڪدم ۽ هر وقت مهيا ڪري ڏيڻ حڪومت جو اولين فرض آهي.

(ب) پاڻيءَ جا نقصان گهٽ ڪرڻ لاءِ فارمرس ائسوسيئيشن کان وٺي اريگيشن مئنيجمينٽ ڪميٽين تائين ڏنل تنظيمن کي فعال ڪجي ۽ سڄيءَ زرعي ڪميونٽيءَ کي بيدار ڪجو.

(ت) سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جي صورتحال کي اڳيان رکندي، اهڙن فصلن کي زور ونرائجي ۽ ان قسم جي باغباني ڪرائجي، جنهن ۾ گهٽ کان گهٽ پاڻيءَ جو استعمال ٿئي، ۽ ان کان علاوه پاڻيءَ سوڌو ٻين سمورن قدرتي وسيلن جو به مناسب استعمال ٿئي، ۽ گڏو گڏ System Losses ۽ ٻيا نقصان به گهٽجن جيڪي بي بندوبستي، ۽ بدانتظامي (Mismanagement) سبب پيدا ٿين ٿا.

(ث) سنڌ ۾ پاڻيءَ جي مستقل کوٽ کي نظر ۾ رکندي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ وٽ موجود (Available) پاڻيءَ جو درست استعمال ڪجي. جنهن لاءِ اُنهن فصلن جي پوکائيءَ جا ٽارگيٽ گهٽايا وڃن، جيڪي وڌيڪ پاڻي گهرن ٿا. اپر سنڌ ۾ سارين جي فصل جي پوکائي ۽ لوئر سنڌ ۾ ڪمند جي پوکائيءَ کي محدود ڪيو وڃي، ته جيئن سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ کي منهن ڏئي سگهجي.

(ج) ضلعي سطح تي ڪولڊ اسٽوريج نهڻ گهرجن ۽ پيداوار ۽ اپت جي حوالي سان باءِ پراڊڪٽس پيدا ڪرڻ لاءِ ڪاٽيج انڊسٽريز برپا ڪرڻ جو منصوبو جوڙڻ گهرجي.

(د) جن علائقن ۾ جيڪا پيداوار ججهي ٿئي ٿي، ان کي ان پيداوار جو زون قرار ڏجي ۽ اتي (Finishing) ۽ پئڪنگ جي بندوبست ڪرڻ سان گڏ هڪ ننڍو ايئر پورٽ جوڙائجي. جيئن سنڌ جي زرعي اپت ڏيساور موڪلي سگهجي. مثال طور سلطان آباد جي سبزي منڊي، ڪنريءَ جي مرچن جي منڊي ۽ خيرپور ۽ڪجور جي منڊي ۽ ميرپورخاص ۾ انبن جي منڊي وغيره .

(س) ضلعي سطح تي ايڪسپورٽ پروموشن بيورو آفيسون قائم ڪري، ون ونڊو آپريشن سسٽم تحت آبادگارن/ايڪسپورٽرس کي، درآمد ڪرڻ لاءِ، سهولتون مهيا ڪجن.

زرعي جنسن جو اگهه، فصل لهڻ کان اڳ ۾ طئه ٿيڻ ضروري آهي. فصلن جي ويمي (Insurance) جو بندو بست هجڻ گهرجي. جتي بئنڪ نه آهي اتي ون ونڊو بئنڪنگ سسٽم قائم ڪيو وڃي گڏو گڏ سنڌ جي سيني ڊويزنن ۾ ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون (Export Processing Zone) قائم ڪيا وڃن. ۽ ان سلسلي ۾ سڀ کان پهرين اهڙي قسم جو پائلٽ پروجيڪٽ حيدرآباد ۾ شروع ڪيو وڃي.

(ش) زراعت تي محصولن ۽ ٽئڪسن جو بار وڌائڻ بدران گهٽايو وڃي ۽ سهولتن وارو پئڪيج گهٽ ۾ گهٽ اهڙو ڏيڻ گهرجي، جهڙو صنعتڪارن کي ڏنو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جيڪڏهن اسان جون گڏيل ڪوشش سنڌ کي ائگرو بيسڊ انڊسٽري ڏئي ٿيون وجهن ۽ سنڌ جي زرعي منڊين کي جديد ۽ منظم انداز ۾ ڪري ڪرڻ ۽ هلڻ ۾ ڪامياب ويون ته اها زراعت کي هڪ وڏي هٿي ملندي، جنهن سان هڪ طرف آڙهتي/دلال (مڊل مئن) جو خاتمو ايندو ۽ ٻيو ته عام آبادگار ٻـ ايڪسپورٽر بڻجي ويندو.

- سنڌ جي زراعت ڏينهون ڏينهن پوئتي وڃي رهي آهي، جنهن جي في الحال بهتر ٿيڻ جو امڪان نظر ڪونه پيو اچي. ان ڪري حڪومت هن معاملي کي انتهائي سنجيدگيءَ سان وٺي ۽ بهتر زراعت جي مستقبل جي پلاننگ ڪئي وڃي. سنڌ جي سمورن زرعي ڪاتن، ائگريڪلچر ايڪسٽينشن، ساسو، سنڌ سيڊ ڪارپوريشن، ائگريڪلچر ريسرچ انسٽيٽيوٽس ۽ لائيو اسٽاڪ جهڙن کاتن ۾ سڌارا آندا وڃن ۽ خصوصي طور تي ائگريڪلچر ريسرچ جي ادارن کي فعال بڻائجي ۽ ترقي وٺرائي وڃي ته جيئن اهي سنڌ ۾ مختلف فصلن جي بهتر في ايڪڙ پيداوار وارا سٺا ۽ صحتمند ٻج تيار ڪن.

- سنڌ ۾ زرعي ميدان ۾ ڪم ڪندڙ تحقيقي ادارن (Research Institutes) کان، پڇاڻو ڪري، انهن جي ڪارڪردگي معلوم ڪئي وڃي ته اهي ادارا ڪروڙين رپيا خرچ ڪرڻ باوجود مختلف فصلن جي سني ڪوالٽي جا نوان ٻج چو نه ڏئي سگهيا آهن.

- سنڌ جي مختلف حصن ۾ سرڪاري طور زمينن جي مٽيءَ جي چڪاس (Soil test) ڪرائي وڃي ۽ نتيجن پٽاندر مختلف زمينن لاءِ ضرورت وارن ياڻن (Fertilizers) جي استعمال لاءِ آبادگارن کي مشورا ڏنا وڃن، نه ته اڪثر ڪري اسان وٽ سالن کان آبادگار ساڳيا ياڻ ساڳئي مقدار ۾ استعمال ڪندا پيا وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- سنڌ حڪومت صوبي جي پيل غير آباد زمينن آباد ڪرائڻ لاءِ سنڌ ائگريڪلچرل انجنيئرنگ کاتي کي وڌيڪ فعال (Active) بنائي ته جيئن ڦٽل زمينون ابادي لائق بڻجي سگهن. ايئن ٿيڻ سان سنڌ ۾ هر سال سم ۽ ڪلر سبب زرخيزي وڃائيندڙ زمينن جو ازالو به ٿي سگهندو.

- منڇر ڍنڍ جيڪا ايشيا کنڊ جي مٺي پاڻيءَ جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ آهي. تنهن کي بچائڻ لاءِ حڪومت مقامي ملاحن، ابادگارن ۽ اين جي اوز جي نمائندن تي مشتمل هڪ ڪاميٽي جوڙي، جيڪا منڇر ڍنڍ جي بحاليءَ لاءِ تجويزون مرتب ڪري ۽ حڪومت ان آڌار تي ڍنڍ بچائڻ لاءِ اپاءَ وٺي.

- منڇر ڍنڍ جي پاڻيءَ تي اباد ٿيندڙ سيوهڻ جي پر پاسي جون زمينون سم ۽ ڪلر جي ڪري ختم ٿي چڪيون آهن. منڇر جي پاڻيءَ جو کارو پڻ (Salinity) 5 هزار پي پي ايم تي پهچي چڪو آهي. اهڙي پاڻيءَ تي کابه زمين پيداوار نه ٿي ڏئي سگهي. جڏهن ته سيوهڻ جا آبادگار سخت معاشي بدحاليءَ جو شڪار اهن. جيڪي هڪ ايڪڙ زمين به اباد نه ٿا ڪري سگهن. ان ڪري حڪومت سيوهڻ جي يونين ڪائونسلن، ڇنه، ٿلٽي، ڳاڙهي واري ۽ سيوهڻ کي آفت سٽيل يونين ڪائونسلون قرار ڏئي، ۽ اهڙين يونين ڪائونسلن جا زرعي ٽئڪس مڪمل طور تي معاف ڪيا وڃن.

- منڇر ڍنڍ جي زمينن کي سرڪاري ملڪيت ۾ وٺڻ لاءِ سنڌ حڪومت حڪو ابادگارن سان ناهه ڪيو هو ان تي فوري طور عمل ڪيو وڃي. عبدالله شاهه جي وڏ وزارت اعليٰ جي دور ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ڪيل ٺهراءَ مطابق ابادگارن کي زمين جي معاوضي جي مدد ۾ مڪمل ادائگيون ڪيون وڃن. ۽ فوري طور تي سڀني مالياتي ادارن کي اهڙن ابادگارن پاران ڪنيل قرضن جي اوڳاڙيءَ کان روڪيو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- سنڌ جي زراعت کي ترقي وٺرائڻ لاءِ مارڪيٽ سسٽم کي ترقي وٺرائي وڃي. زمينن ۽ باغن کان مارڪيٽن تائين پڪا روڊ ٺهرايا وڃن . مارڪيٽ ۾ مختلف فصلن جي اگهه جي حوالي سان مارڪيٽ ڪاميٽين تي نظر رکي وڃي.

- پڇڙيءَ جي آبادگارن لاءِ ٽيوب ويل جي سهولتن کان ويندي آسان قسطن تي قرض جو انتظام ڪيو وڃي، ته جيئن اتي به بهتر زراعت ٿي سگهي.

- سنڌ حڪومت پاڻيءَ جي کوٽ جي حوالي سان پڇڙيءَ جي آبادگارن جو خاص خيال رکي. منڍ ۾ آباد ٿيندڙ زمينون جيڪڏهن 40- مڻ بجاءِ 30- مڻ ڦٽيون في ايڪڙ پيداوار ڏين ٿيون ته هاءِ گهوڙا مچي ٿي وڃي، پر پڇڙيءَ جي آبادگار جي ڪو به نه ٿو ٻڌي، جو اتي ابپاشيءَ جي رسائي ۽ ان جو نظام زيرو تي پهتل آهي.

- سنڌ حڪومت اهڙن آبادگارن کان زرعي ٽئڪس نه اگاڙي، جن وٽ درياء جو پاڻي نه ٿو پهچي يا حڪومت اهڙيون زمينون آباد ڪرڻ لاءِ بورنگ سسٽم (ٽيوب ويل) لڳرائي ڏئي، يا ته ٽئڪس معاف ڪري.

- سنڌ کي 1991ع واري پاڻيءَ جي ناهه ۾ به ڪو خاص فائدو ناهي. جو ان ناهه هيٺ سنڌ کي 1945ع واري پاڻيءَ جي ناهه جي پيٽ ۾ رڳو 1/5 مليـن ايڪڙ فوٽ پاڻي وڌيڪ ڏنو ويو آهي. جڏهن ته سنڌ جون پاڻيءَ جون ضرورتون 45 سالن ۾ گهٽيون وڌي ويل هيون. 1945ع کان 1999ع دوران سنڌ جي پاڻيءَ جون ضرورتون وڌيون آهن. تنهنڪري سنڌ جي پاڻيءَ جي ضرورتن جو تعين ڪري ان آهر سنڌ کي اضافي پاڻي فراهم ڪيو وڃي.

- ڪالاباغ ڊئم کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ جو سرڪاري اعلان ڪيو وڃي ته جيئن ننڍن صوبن ۾ پيدا ٿيل خدشا ۽ ڊپ دور ٿي سگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- سنڌ جي ساحلي ترقي (Coastal Development) لاءِ ترقيءَ جا منصوبا جوڙيا وڃن. جيئن اتان جي ماڻهن کي روزگار ۽ بهتر زندگيءَ جا موقعا حاصل ٿي سگهن.

- سنڌ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ سنڌ جي بند ٿيل ۽ رد ٿيل رٿائن کي وري شروع ڪرائجي. خاص طور ڪيٽي بندر رٿا جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪجي. ان ڪانسواءِ ڪالاباغ ڊئم معاملي کي پنهنجي موت مارڻ لاءِ ٿر جي ڪوئلي جي کوٽائي ۽ ان جي بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال کي يقيني بڻائجي. ان ريت نه رڳو ڊئم وارو مسئلو اهميت وڃائي ويهندو. پر سنڌ کي معدني دولت مان تمام گهڻو ناڻو حاصل ٿيندو. ٿر جي ڪوئلي تي نئيا نئيا منصوبا ناهي عمل ۾ آندا وڃن. ٿر سميت سنڌ ۾ موجود قدرتي وسيلن، جن ۾ گئس ۽ گرئنائيٽ ۽ چائنا ڪلي /تيل جا ذخيرا اچي وڃن ٿا. تن بابت گهڻي کان گهڻي معلومات حاصل ڪري. سنڌ جي ترقيءَ ۾ انهن جي استعمال کي يقيني بڻائجي.

- سنڌو درياهه مٿان فوري طور تي ٻن مختلف هنڌن تي پليون جوڙائجن. جن مان هڪ سن کان سڪرنڊ تائين جنهن ۾ دادو ضلعو ۽ نوابشاهه ضلعو هڪٻئي سان ڳنڍجي ويندا. ۽ جنهن ڪري وچ واپار کي گهڻي هٿي ملندي. ۽ ساڳيءَ طرح خيرپور ضلعي ۽ لاڙڪاڻي ضلعي کي ملائڻ لاءِ سنڌودرياءَ مٿان (فيزيبلٽي مطابق) ٻي پل اڏڻ جي ضرورت آهي.

- سنڌ ۾ لڳ ڀڳ 70 هزار ڳوٺ ۽ وسنديون آهن. جن جو ڏار ڏار. پکڙيل ۽ پري پري هجڻ سبب شهري زندگيءَ جي اوسر (Urbanization) جو عمل نهايت سست ۽ ڍرو ٿي رهيو آهي. ۽ اهي اڪثر ڪري شهري سهولتن کان محروم آهن. تنهنڪري اتي ترقيءَ کي تيز ڪرڻ ۽ انهن کي دنيا جي ڇتاپيتيءَ ۾ آڻڻ لاءِ ٽڙيل پکڙيل ڳوٺن کي گڏائي وچولي درجي جا ڳوٺ يا نئيا شهر (Town ships) بڻائڻ ۽ اتي زندگيءَ جون بنيادي سهولتون مهيا ڪجن. ان ريت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت سماجي تنظيمن سان گڏ مختلف پروگرامن ۽ پيشقدمين (Interventions) ذريعي جديد انداز ۾ گڏيل فارمنگ ڪرائي سگهجي ٿي.

- عوام جي شرڪت هر عمل ۾ لازمي آهي ۽ "عوامي شرڪت" کي مروج سياسي اصطلاح واريءَ معنيٰ ۽ مفهوم ۾ تصور ڪرڻ بدران، غير سرڪاري ترقيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ فردن/ڌرين جي ان ڪم کي ماڊل (مثال) طور اڳيان رکي اڳتي وڌجي، جنهن ۾ اهي فائدي پرائيندڙ (Beneficieries) سان گڏ ڪم ڪندا آهن ۽ اهڙي طريقي کي (Participatory Approach) چئبو آهي.

- سنڌ جي مواصلات تباهه ٿي وئي آهي. ان لاءِ حڪومت توڙي نجي ادارن /فردن/ڌرين ۽ اسان سڀني کي سوچڻ گهرجي ته سنڌ جي تباهه ٿيل روڊن، لنڪ روڊن ۽ ڪچن پڪن رستن جي تعمير ۽ مرمت وغيره لاءِ هر ممڪن حد تائين چا چا ڪري سگهجي ٿو. ان ڏس ۾ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته ترقيءَ لاءِ روڊ ضروري آهن. جتي روڊ ناهن. اتي ترقي نه ٿي سگهندي. فاصلا گهٽجندا ته ترقيءَ جي رفتار تيز ٿيندي.

- سنڌ جي وسيلن جي مالڪي ۽ اختيار سنڌ کي ڏيارڻ لاءِ سياسي ۽ سماجي اڳواڻن کي گڏيل جدوجهد ڪرڻي پوندي. جيستائين سنڌ کي ان جي وسيلن جي مالڪي ۽ اختيار حاصل نه ٿيندو. تيستائين مواصلات کان وٺي صحت، تعليم وغيره تائين ڪنهن به شعبي ۾ گهربل اوسر ٿي نه ٿي سگهي. ان لاءِ سڀني رٿابندين ۽ تحريڪن کان پهرين اهو طئه ڪرڻ گهرجي ته سنڌ کي ان جي اقتصاديات تي ڪنٽرول ۽ ضابطو ڏيارڻ لاءِ سماج جي هر شعبي کي شريڪ ڪري هڪ همه گير تحريڪ هلائڻي پوندي. اهڙي قسم جي جاکوڙ جا سڀ مرحلا لنگهڻا پوندا ۽ ان لاءِ آواز اٿارڻ (Advocacy) ۽ سجاڳي پيدا ڪرڻ کان وٺي هلچل هلائڻ تائين هر قسم جي عمل ۾ عام ماڻهن جي شرڪت يقيني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي ۽ خاص طور تڏهن جڏهن فيصلہ ساز ادارا جوڙجن تڏهن عوام جي چوندڙ ۽ اعتماد وارن ماڻهن کي انهن ادارن ۾ شامل ڪجي.

- سنڌ ۾ صنعتن جو ڄار وڇائي، سنڌ جي ترقيءَ کي واڌارو ڏنو وڃي.

- وفاقي سرڪار کان سنڌ جا مالي حصا جيڪي تمام گهٽ مقدار ۾ ملي رهيا آهن. اهي وڌرائي ۽ رهيل رقمون جيڪي ڄام صادق عليءَ دؤر ۾ نہ مليون، اهي پڻ حاصل ڪري، انهن مان پڻ ترقيءَ جو عمل تيز ڪيو وڃي.

- عالمي سطح تي مدد ڏيندڙ ادارن کان بين صوبن لاءِ ورتي ويندڙ مدد وانگر، سنڌ لاءِ بہ خاص طور تي مدد /امداد /تعاون ورتو وڃي تہ جيئن سنڌ کي بہ گهٽي کان گهٽا ترقياتي منصوبا ملي سگهن.

- صوبن لاءِ مالي ورڇ، ادمشماريءَ بجاءِ صوبن جي مالي وسيلن ۽ صوبن بارن وفاق کي ملندڙ ڪمائي، جي اڌار تي ڪئي وڃي. جيئن هر صوبي کي پنهنجي ره بنيو پناندر حصو ملي سگهي ان سان نہ رڳو صوبن جي مالي حالت بهتر ٿيندي بر صوبن جي احساس محرومي م بہ کهڻيءَ حد تائين گهٽتائي ايندي.

- گذريل ڏهن سالن کان سنڌ جي ترقياتي خرچ (ADP) واري گرانٽ لڳاتار گهٽتائي وئي آهي، جڏهن تہ گذريل هڪ درجن ورهين کان سنڌ کي اضافي گرانٽ جي ضرورت رهي آهي. جنهن جي نہ ملڻ ڪري سنڌ جا ڪيترائي نوان منصوبا شروع ٿي نہ سگهيا آهن ۽ ايستائين جو هلندڙ رٿائون پڻ رولڙي جو شڪار ٿي ويون آهن. حڪومت کان مضبوط انداز ۾ اها گهر ڪجي ٿي تہ سنڌ جي ترقياتي خرچ واري گرانٽ وڌائي وڃي تہ جيئن نئيون رٿائون شروع ڪجن ۽ وڌندڙ بيروزگاريءَ جي طوفان جو زور گهٽائي سگهجي.

- نگران حڪومت ۾ جوڙيل اين ايف سي اوارڊ رد ڪندي، اهو بيهر جمهوري حڪومت جي دور ۾ متعين ڪرائڻ گهرجي. صوبن يا وفاق جي نگران حڪومتن کي ايڏن وڏن فيصلن ڪرڻ جو آئيني اختيار بہ نہ هجڻ گهرجي. اين ايف سي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوارڊ جي ورڇ جو تعين سنڌ جي اقتصادي بحران ڪي آڏو رڪندي ڪيو وڃي ته جيئن سنڌ پنهنجي ضرورتن ڪي منهن ڏئي سگهي.

- ڪالا باغ ڊئم ڪي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ جو سرڪاري اعلان ڪيو وڃي ته جيئن ننڍن صوبن ۾ پيدا ٿيل خدشا ۽ ڊپ دور ٿي سگهن.

- سنڌ جو تعليمي معيار بهتر بنائڻ لاءِ حڪومت فوري طور تي هن معاملي جو نوٽيس وٺي ۽ سني تعليمي ادارن ۾ چيڪ اينڊ بئلنس جو نظام جوڙيو وڃي. تعليمي ادارن جي سربراهن ۽ خاص طور تي وائس چانسلر جي عهدن لاءِ ائڊورٽائيزمينٽ ڪرائي وڃي ۽ وائس چانسلر ميرٽ تي مقرر ڪيا وڃن.

- سنڌ جي خاص طور تي ٻهراڙيءَ وارن ڪاليجن ۾ استادن جي ڪوٽ پوري ڪئي وڃي ۽ شهرن جي ڪاليجن مان استاد بدلي ڪري ٻهراڙيءَ جي ڪاليجن ڏانهن موڪليا وڃن. ڪاليجن ۾ شاگردن جي حاضري يقيني بڻائڻ لاءِ ڪاليج انتظاميه سختي ڪري ۽ غير حاضر رهندڙ شاگردن جي والدين کي نوٽيس تعميل ڪيا وڃن. مسلسل غير حاضر رهندڙ شاگردن جي داخلا ختم ڪئي وڃي.

- سنڌ جي تعليم ڪي بچائڻ لاءِ شاگرد، استاد، استاد تنظيمون ۽ والدين "جهاد" جو اعلان ڪن، جنهن بعد هر ڌر پنهنجي پنهنجي ليکي تعليمي ادارن ۾ بهتر تعليم ۽ ماحول لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. جيڪڏهن رڳو هڪ پرائمري استاد "سال ۾ پنج شاگرد" "لائق شاگرد" بنائي، ته هوند هڪ سال اندر پنج لک سٺا شاگرد پيدا ٿي پون. ايئن اڳين ڪلاسن جا استاد به هن جهادي ڪم ۾ جنبي وڃن. والدين به شاگردن جي تعليمي سرگرمين کان پاڻ کي پاسيرو نه رکن، پر اهي پنهنجي اولاد تي نظر رکن ۽ گڏو گڏ استادن سان به رابطي ۾ رهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- سنڌ حڪومت نئين تعليمي پاليسيءَ جو نہ رڳو اعلان ڪري پر ان تي عمل بہ ڪرائي. نئين پاليسيءَ ۾ نئون سليبس (نصاب) هئڻ سان گڏ خاص طور تي ڪاليج ۽ يونيورسٽين جي پڙهائيءَ جو ٽائيم گهٽ ۾ گهٽ 8 ڪلاڪ مقرر ڪيو وڃي. مطلب تہ ڪاليج ۽ يونيورسٽيون صبح جو 8 وڳي کان شام جو 4- وڳي تائين کليل هجن.

- تعليمي بورڊن سميت يونيورسٽين ۽ پروفيشنل ڪاليجن پاران وڌ ۾ وڌ آسان ۽ پڙهيل نصاب جي حصي آهر سوالي پرچا ڪڍيا وڃن تہ جيئن شاگرد پاڻ ۾ پيپر حل ڪرڻ جي همت ساري سگهن.

- سنڌي ماڻهن کي چيني ماڻهن وانگر سادگي اختيار ڪرڻي پوندي. جنهن ۾ گهٽ کائڻ, گهٽ ڳالهائڻ ۽ گهٽ سمهڻ جا زرين اصول پڻ شامل هوندا.

- ڪمپيوٽر جي تعليم حاصل ڪيل ماڻهن جو فرض آهي تہ اهي سنڌ کي ان شعبي ۾ وڌائڻ لاءِ نهنجي مدد پاڻ تحت, پاڻمرادو اڳتي وڌن. ۽ هر ڪمپيوٽر لٽريٽ ماڻهو اهو طئہ ڪري ڇڏي تہ هو بئي ماڻهو کي ڪمپيوٽر جي تعليم ڏيڻ زندگيءَ جي اولين ترجيح سمجهندو ۽ ان کي هڪ سونپيل فرض(Task) طور سر انجام ڏيندو. ساڳيءَ ريت اها حڪومت جي ذميواري آهي تہ سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ کي عام ڪرڻ لاءِ باقائدي ڪم ڪري.

- هر سنڌي ماڻهوءَ تي فرض آهي تہ اهو انفرادي طرح يا اجتماعي طرح (ڪنهن بہ فورم يا اداري طرفان) وٽس موجود /حاصل ڪيل /حاصل ٿيندڙ معلومات ۽ ڄاڻ کي ٻين تائين پهچائڻ کي هڪ مقدس فرض سمجهي عمل هيٺ آڻيندو رهي.

- ڪم جي شروعات ننڍي پئماني کان ٿيندي آهي. تنهنڪري پنهنجي پاڙي, ڳوٺ, شهر, ضلعي ۽ علائقي کان شروعات ڪجي ۽ ترجيحي بنيادن تي پنهنجا سياسي سماجي ۽ تاريخي فرض ادا ڪجن ۽ ان ڪم کي (ڪم جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دائري) کي پرپاسي ۾ موجود ٻئي ڪم (دائري) سان ڳنڍي ڇڏجي. ان ريت ڪم جا دائرا هڪ جهڳٽي (Cluster) جو روپ وٺندا.

- انساني وسيلن جي ترقيءَ لاءِ سنڌ ۾ ٽيل سيني قسمن جي تحقيقي مواد کي هڪ هنڌ سهيڙي ۽ ان کي (Up-Date) ڪري ضلعي سطح تي جاب اسڪلس ٽريننگ سينٽر قائم ڪجن.

- سنڌ ۾ موجود هر پڙهيل لکيل ماڻهوءَ تي اهو فرض ٿو عائد ٿئي ته اهو پنهنجي مڪمل بايو ڊيٽا يعني سي وي تيار ڪري ۽ ان ۾ اهو ڄاڻايل هجي ته انفرادي طرح هن ۾ ڪهڙيون صلاحيتون /قابليتون آهن. ساڳئي وقت ڪو هڪ سماجي فورم /ادارو سنڌ جي عام ماڻهن جي قابليت جو هڪ ڊيٽا بيس ٺاهي. جنهن آڌار تي سنڌ ۾ هڪ رضاڪار ادارو قائم ڪجي جيڪو پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ اهي قابليتون پيدا ڪري ۽ ماڻهن کي انهن شعبن ۾ قابل ڪار (Equip) ڪجي.

- جديد دور جي گهرجن سان برميچجڻ لاءِ ۽ دنيا جي تيز ترقيءَ سان ڇنڀيٽيءَ لاءِ سنڌي سماج ذانهن پيداواري ٽيڪنالاجيءَ جي منتقلي هاڻ اڻ ٽر عمل ٿي ويو آهي. هيءَ ئي دور آهي جو گهٽي وقت جي زيان کان پوءِ هاڻي نيٽ اسين پنهنجي عام ماڻهن کي اي-ڪامرس (E-Commerce) ۽ اي-بزنس (E-Business) سان مڪاميل ڪرايون. انفارميشن ٽيڪنالاجي (IT) اڄ جي ناقابل ترديد حقيقت آهي. سنڌ کي ان حقيقت سان هم رڪاب ڪرڻو آهي. ايڇ آر ڊي (HRD) سينٽر جديد تعليم ۽ هنر حاصل ڪرڻ لاءِ تعلقي سطح /تي ڪمپيوٽر سينٽر /اسڪول /انسٽيٽيوٽ کولڻا پوندا ۽ سنڌ جي نوجوانن کي Job Market ۾ ملهائتو بڻائڻ لاءِ هنر مند بڻائڻو آهي. مثال طور: اڄ جي عام گرئجوئيٽ جي بي روزگار رهڻ جا سبب ابلاغ جا هنر نه اچڻ(جنهن ۾ انگريزي بولي جا هنر وغيره) پيش بنديءَ (Presentation) جو ڏانءُ نه اچڻ. پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوارڊ جي ورچ جو تعين سنڌ جي اقتصادي بحران کي آڏو رکندي ڪيو وڃي ته جيئن سنڌ پنهنجي ضرورتن کي منهن ڏئي سگهي.

- ڪالا باغ ڊئم کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ جو سرڪاري اعلان ڪيو وڃي ته جيئن ننڍن صوبن ۾ پيدا ٿيل خدشا ۽ ڊپ دور ٿي سگهن.

- سنڌ جو تعليمي معيار بهتر بنائڻ لاءِ حڪومت فوري طور تي هن معاملي جو نوٽيس وٺي ۽ سڀني تعليمي ادارن ۾ چيڪ اينڊ بئلنس جو نظام جوڙيو وڃي. تعليمي ادارن جي سربراهن ۽ خاص طور تي وائس چانسلر جي عهدن لاءِ ائڊورٽائيزمينٽ ڪرائي وڃي ۽ وائس چانسلر ميرٽ تي مقرر ڪيا وڃن.

- سنڌ جي خاص طور تي ٻهراڙيءَ وارن ڪاليجن ۾ استادن جي کوٽ پوري ڪئي وڃي ۽ شهرن جي ڪاليجن مان استاد بدلي ڪري ٻهراڙيءَ جي ڪاليجن ڏانهن موڪليا وڃن. ڪاليجن ۾ شاگردن جي حاضري يقيني بنائڻ لاءِ ڪاليج انتظاميه سختي ڪري ۽ غير حاضر رهندڙ شاگردن جي والدين تي نوٽيس تعميل ڪيا وڃن. مسلسل غير حاضر رهندڙ شاگردن جي داخلا ختم ڪئي وڃي.

- سنڌ جي تعليم کي بچائڻ لاءِ شاگرد، استاد، استاد تنظيمون، ۽ والدين "جهاد" جو اعلان ڪن. جنهن بعد هر ڏر پنهنجي پنهنجي ليکي تعليمي ادارن ۾ بهتر تعليم ۽ ماحول لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. جيڪڏهن رڳو هڪ پرائمري استاد "سال ۾ پنج شاگرد" "لائق شاگرد" بنائي، ته هوند هڪ سال اندر پنج لک سٺا شاگرد پيدا ٿي پون. ايئن اڳين ڪلاسن جا استاد به هن جهادي ڪم ۾ جنبي وڃن. والدين به شاگردن جي تعليمي سرگرمين کان پاڻ کي پاسيرو نه رکن. پر اهي پنهنجي اولاد تي نظر رکن ۽ گڏو گڏ استادن سان به رابطي ۾ رهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- سنڌ حڪومت نئين تعليمي پاليسيءَ جو نہ رڳو اعلان ڪري پر ان تي عمل بہ ڪرائي. نئين پاليسيءَ ۾ نئون سليبس(نصاب) هئڻ سان گڏ. خاص طور تي ڪاليج ۽ يونيورسٽين جي پڙهائيءَ جو ٽائيم گهٽ ۾ گهٽ 8 ڪلاڪ مقرر ڪيو وڃي. مطلب تہ ڪاليج ۽ يونيورسٽيون صبح جو 8- وڳي کان شام جو 4- وڳي تائين کليل هجن.

- تعليمي بورڊن سميت يونيورسٽين ۽ پروفيشنل ڪاليجن پاران وڏ ۾ وڏ آسان ۽ پڙهيل نصاب جي حصي آهر سوالي پرچا ڪڍيا وڃن تہ جيئن شاگرد پاڻ ۾ پيپر حل ڪرڻ جي همت ساري سگهن.

- سنڌي ماڻهن کي چيني ماڻهن وانگر سادگي اختيار ڪرڻي پوندي. جنهن ۾ گهٽ کائڻ، گهٽ ڳالهائڻ ۽ گهٽ سمهڻ جا زرين اصول پڻ شامل هوندا.

- ڪمپيوٽر جي تعليم حاصل ڪيل ماڻهن جو فرض آهي تہ اهي سنڌ کي ان شعبي ۾ وڌائڻ لاءِ نهنجي مدد پاڻ تحت. پاڻمرادو اڳتي وڌن. ۽ هر ڪمپيوٽر لٽريٽ ماڻهو اهو طئہ ڪري ڇڏي تہ هو ٻئي ماڻهو کي ڪمپيوٽر جي تعليم ڏيڻ زندگيءَ جي اولين ترجيح سمجهندو ۽ ان کي هڪ سونپيل فرض(Task) طور سر انجام ڏيندو. ساڳيءَ ريت اها حڪومت جي ذميواري آهي تہ سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ کي عام ڪرڻ لاءِ باقائدي ڪم ڪري.

- هر سنڌي ماڻهوءَ تي فرض آهي تہ اهو انفرادي طرح يا اجتماعي طرح (ڪنهن بہ فورم يا اداري طرفان) وٽس موجود /حاصل ڪيل /حاصل ٿيندڙ معلومات ۽ ڄاڻ کي ٻين تائين پهچائڻ کي هڪ مقدس فرض سمجهي عمل هيٺ آڻيندو رهي.

- ڪم جي شروعات ننڍي پيماني کان ٿيندي آهي. تنهنڪري پنهنجي پاڙي، ڳوٺ، شهر، ضلعي ۽ علائقي کان شروعات ڪجني ۽ ترجيحي بنيادن تي پنهنجا سياسي سماجي ۽ تاريخي فرض ادا ڪجن ۽ ان ڪم کي (ڪم جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دائري) کي پرپاسي ۾ موجود ٻئي ڪم (دائري) سان ڳنڍي ڇڏجي. ان ريت ڪم جا دائرا هڪ جهڳٽي (Cluster) جو روپ وٺندا.

- انساني وسيلن جي ترقيءَ لاءِ سنڌ ۾ ٿيل سيني قسمن جي تحقيقي مواد کي هڪ هنڌ سهيڙي ۽ ان کي (Up-Date) ڪري ضلعي سطح تي جاب اسڪلس ٽريننگ سينٽر قائم ڪجن.

- سنڌ ۾ موجود هر پڙهيل لکيل ماڻهوءَ تي اهو فرض ٿو عائد ٿئي ته اهو پنهنجي مڪمل بايو ڊيٽا يعني سي وي تيار ڪري ۽ ان ۾ اهو ڄاڻايل هجي ته انفرادي طرح هن ۾ ڪهڙيون صلاحيتون /قابليتون آهن. ساڳئي وقت ڪو هڪ سماجي فورم /ادارو سنڌ جي عام ماڻهن جي قابليت جو هڪ ڊيٽا بيس ٺاهي. جنهن آڌار تي سنڌ ۾ هڪ رضاڪار ادارو قائم ڪجي جيڪو پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ اهي قابليتون پيدا ڪري ۽ ماڻهن کي انهن شعبن ۾ قابل ڪار (Equip) ڪجي.

- جديد دؤر جي گهرجن سان برميچجڻ لاءِ ۽ دنيا جي تيز ترقيءَ سان ڇتاپيٽيءَ لاءِ سنڌي سماج ڏانهن پيداواري ٽيڪنالاجيءَ جي منتقلي هاڻ اڻ ٽر عمل تي ويو آهي. هيءَ ئي دؤر آهي جو گهٽ وقت جي زيان کان پوءِ هاڻي نيٽ اسين پنهنجي عام ماڻهن کي اي-ڪامرس (E-Commerce) ۽ اي-بزنس (E-Business) سان مڪاميل ڪرايون. انفارميشن ٽيڪنالاجي (IT) اڄ جي ناقابل ترديد حقيقت آهي. سنڌ کي ان حقيقت سان هم رڪاب ڪرڻو آهي. ايچ آر ڊي (HRD) سينٽر جديد تعليم ۽ هنر حاصل ڪرڻ لاءِ. تعلقي سطح /تي ڪمپيوٽر سينٽر /اسڪول /انسٽيٽيوٽ کولڻا پوندا ۽ سنڌ جي نوجوانن کي Job Market ۾ ملهائتو بڻائڻ لاءِ هنر مند بڻائڻو آهي. مثال طور: اڄ جي عام گرئجوئيٽ جي بي روزگار رهڻ جا سبب ابلاغ جا هنر نه اچڻ (جنهن ۾ انگريزي بولي جا هنر وغيره) پيش بنديءَ (Presentation) جو ڏانءُ نه اچڻ، پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعبي ۾ مهارت جو نہ هجڻ، تجربو نہ هجڻ وغيره. ان لاءِ ضروري آهي تہ سنڌ ۾ انساني وسيلن جي ترقيءَ لاءِ باقاعدي ادارا قائم ڪجن.

- سنڌ حڪومت جو اهو فرض آهي تہ بد عنواني ۽ اقربا پروريءَ کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ اعليٰ عهدن ۽ وڏين نوڪرين لاءِ سنڌ جي پڙهيل لکيل سلجهيل، بااخلاق ۽ اهليت (ميرٽ) رکندڙ نوجوانن کي اوليت ڏئي.

- سنڌ حڪومت کي جڳائي تہ اها سنڌ جي سڀني وسيلن/ذريعن/آمدنيءَ جو ايمانداريءَ سان دفاع ڪري.وفاق طرفان ملندڙ اڻ پوري حصي تي وفاق آڏو احتجاج ڪري ۽ سنڌ جي وسيلن جي رائلٽي وصول ڪرڻ لاءِ سخت مؤقف اختيار ڪري.

- سنڌ جي وسيلن جي حفاظت لاءِ سنڌ حڪومت کي منظم رٿابندي ۽ ان تي ترت ئي ايمانداريءَ سان عمل ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۾ موجود تفريح گاهہ، ڍنڍون ڍورا، چراه گاهہ ۽ Sanctuaries جي حفاظت هڪ مقدس فرض سمجهيو وڃي. سنڌ ۾ ٽر ڪانسواءِ ٻين ضلعن ۾ ڪيترين ئي Sanctuaries آهن، جن ۾ خاص طور سانگهڙ ضلعي ۾ منڍ جمڙائو جي آس پاس موجود درجنن جي حساب سان ڍنڍون ۽ ڍورا سنڌ جي ٽوئرزم انڊسٽريءَ کي وڌائي سگهن ٿا. ان کان علاوہ سنڌ جي قديم آثارن کي نہ رڳو تحفظ جي ضرورت آهي، پر ساڳئي وقت انهن کي سياحت جي قابل بہ بڻائڻو آهي.

- ترقياتي پروگرامن ۾ ڳوٺائين برادرين/راڄن (Communities) جي وسيع تر شرڪت کي يقيني بڻائڻ اسان جو، حڪومت جو ۽ سڀني ڌرين جو فرض آهي.

- ڳوٺاڻي ترقي ئي سماج کي تڪڙي ۽ ترت ترقي ڪرائيندي آهي. ڳوٺاڻي ترقيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ رسمي ۽ غير رسمي ادارن/ڪيترن کي سگهارو بڻائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضروري آهي. ادارا مضبوط ٿيندا تہ سماج طاقتور ۽ صحتمند ٿيندو. ان لاءِ خصوصي طور تي ترقي ۽ ماحوليات (Environment & Development) جي ڪيترن ۾ ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو ڪم رهيو پيو آهي. سنڌ ڪي Gender Development ۾ پڻ دور انديش، قابل، پيشہ ور ماڻهن جي ڪيپ تيار ڪري ڏيڻي اهي.

- سنڌ ۾ بهتر حڪمراني (Good governance) حقيقي جمهوريت ۽ انساني حقن جي بهتري، لاءِ جدوجهد ڪرڻ هر فرد جو اجتماعي فرض آهي.

عظيم تر ترقي عورتن جي سرڪت ڪسواءِ نہ ٿيندي. تنهنڪري عورتن جي سماجي اقتصادي حالتن کي بهتر بنائڻ لاءِ کين اقتصادي طور بااختيار ڪرڻو پوندو. ان لاءِ ڪشاده دليءَ ۽ روشن خيالي، جي عام ڪرڻ لاءِ عام ماڻهن جي تربيت ۽ خاص طور لاڳاپيل ادارن/تنظيمن کي ان لاءِ قابل، ذميوار ۽ مستعد بنائڻ وقت جي اهم گهرج آهي.

- سنڌ ۾ مستقبل کي هميشہ نظر انداز ڪيو ويندو آهي. تنهنڪري ٻارن ڏانهن ڪنهن جو بہ ڌيان نہ ويندو آهي. ٻارن جي جبري پورهئي کان وٺي، انهن تي ٿيندڙ جنسي ۽ جسماني تشدد تائين. ٻارن جي حقن لاءِ خبردار ٿيڻو پوندو. اها مستقبل جي پڪار آهي.

- سنڌ ۾ ڪجهہ اهڙا علائقا آهن جيڪي تمام گهٽ ترقي يافتہ آهن ۽ اتي جي رهاڪن کي گهڻي پاڳي ڪا بہ سهوليت مهيا ناهي. مثال طور ٿر جا ڪجهہ پاسا ۽ بدين ۽ ٺٽي واري پاسي جا ڪجهہ ساموندي علائقا. انهن علائقن لاءِ خاص فنڊ رکي انهن کي ترقي ڏياري ۽ Upgrade ڪيو وڃي.

- ٺٽي ۽ بدين ضلعن جي ساموندي پٽيءَ ۾ ماڻهن کي پيئڻ جي پاڻيءَ جي سهولت بہ ميسر ناهي. جڏهن تہ سمنڊ کي ويجهو هئڻ سبب ڪيٽي بندر، شاهبندر. ڳاڙهو ۽ جاتي وارن علائقن ۾ زير زمين (under ground) پاڻي کارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. جنهن سبب ماڻهو مجبوريءَ وچان ڪارو پاڻي واپرائين ٿا. ان ڪري سنڌ حڪومت ان ساموندي پٽيءَ لاءِ صاف پاڻي پهچائڻ جو فوري بندوبست ڪري.

- *تاريخ جي هر دؤر ۾ سنڌ تي ٿيندڙ ٻاهرين هلائتن ۽ حملن، توسيع پسنديءَ ۽ ڏاڍ ڏمر سبب ذرتيءَ ڇاوا سدائين ڏتڙيل رهيا. قومي ۽ طبقاتي جبر جي نه ڪٽندڙ سلسلي سبب انهن ۾ اخلاقي ۽ سماجي ڪمزوريون ۽ ڪوتاهيون پيدا ٿيون آهن، جن ۾ اڻ سهپ، ساڙ، حسد، ڪينو، بغض ۽ تعصب جون بيماريون شامل آهن. انهن ذهني ۽ روحاني بيمارين کان بچڻ لاءِ ضروري آهي ته هر ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ پيروئي سهي، اڌ ڪلاڪ ڪن پاڻ تي سوچي ته هن پنهنجي سموريءَ ڄمار ۾ سنڌ ذرتيءَ لاءِ ڇا ڪيو آهي، "وطن جي حب، ايمان جو حصو آهي" واري حديث مطابق هن قوم ۽ ديس لاءِ ڪهڙو چڱو ڪم ڪيو آهي؟ ۽ جيڪڏهن ڪجهه به نه ڪيو آهي.ته اسان مان هر ڪنهن کي پنهنجو پاڻ سان واعدو ڪرڻ گهرجي ته پنهنجيءَ سنڌ کي اجرو ۽ سهڻو بڻائڻ لاءِ پهريان پنهنجي اندر کي اجرو ۽ سهڻو بڻائيندا سين ۽ ڪينو، بغض، تعصب، ساڙ ۽ اڻ سهپ کي دل ۽ دماغ مان ڪڍي ڇڏيندا سين، ۽ سهپ، رواداري، ڀائيچاري ۽ ميٺ محبت کي وڌائيندا سين، ۽ اهو ئي سنڌ ۽ سنڌ واسين جو اصل مرڪ آهي.*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مددي ڪتاب

- جنب گذاريم جن سين — جي ايم سيد
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
- سنڌ ڳالهائي ٿي — جي ايم سيد
سنڌو پبليڪيشن ڪراچي
- ذار چوندڙ سرشتو جمهوريت جي — محمد ابراهيم جويو
روح جو نفي آهي.
- ٻولي، ادب ۽ تعليم — محمد ابراهيم جويو
- شاهه سچل، سامي — محمد ابراهيم جويو
سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت
حيدرآباد
- مٺ مٺ موتين جي — محمد ابراهيم جويو
سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت
حيدرآباد
- هوءَ جا ٺمڪي ٻاهڙي — محمد ابراهيم جويو
نئين سنڌ اڪيڊمي ڪراچي 1995
- صوبائي خودمختياري ۽ قومي اتحاد — شاهد ڪاردار/محمد ابراهيم جويو
- تاريخ سنڌ (ارغون ۽ ترخان دؤر) — پروفيسر اعجاز قريشي
سنڌ ريسرچ سوسائٽي،
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1985ع
- پاڻيءَ منجهه پساهه — شير محمد بلوچ
ڪراچي 1978ع.
- پاڪستان ڪي معاشي ترقي ڪيسي — غلام ڪبريا
فڪشن هائوس ڪراچي 1997ع
- جنت السنڌ — رحيم داد خان مولائي شيدائي
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. 1967ع
- اُهي ڏينهن اُهي شينهن — پير علي محمد راشدي
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- هو دوٽي هو ڏينهن — پير حسام الدين راشدي
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
- جهڙا گل گلاب جا (حصو پهريون) — غلام رباني آگرو
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1991ع
- سماجيات جو تعارف — پروفيسر لال بخش جسڪاڻي
پاڪستان اپياس مرڪز
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
- تقسيم سنڌ ڪي سازش (جناح پور) — منصور قادر جوڻيجو
مدر لينڊ پبليڪيشن حيدرآباد
مٽيءَ هاڻا ماڻهو — فرانز فينن /عبد الواحد آريسر
روشني پبليڪيشن 1983ع
- هندستان ڪي سماجي اور معاشي ارتقا — پروفيسر اوليانو فسڪي
دارالاشاعت ترقي سلسلو 1978ع
ڏئي ڌنيءِ ڏڏن — دادا سنڌي
لطيف اڪيڊمي، ميرپور ماٿيلو 1993ع
- سنڌي ادبي فڪري وحدت ۽ — الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاهه
سياسي، معاشرتي انتشار
شاهه عبداللطيف هال
موسيٰ لين ڪراچي، 1988ع
- منهنجو سفر (آتم ڪهاڻي) — قاضي فيض محمد
سنڌي ساهت گهر حيدرآباد 1999ع
- سنڌو شينهن درياهه — جينس فيئر لي/عطا محمد ڀنڀرو
(The Lion River, The Indus)
سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1999ع
- سنڌي ٻولي — ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو
لسانيات کان سماجي لسانيات تائين
سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1999ع
- سنڌ جي اقتصادي تاريخ — ڊاڪٽر ايس پي ڇبلاڻي
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
دي اڪنامسٽ (لنڊن) جي پنج سالن جا مختلف پرچا

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **Ahmed, Feroz Dr.** Ethnicity and Politics in Pakistan. Oxford University Press 1998

- **Beg, Mirza Arshad Ali:** Democracy displaced in Pakistan. case history of disasters of social polutions. Research & Development Publications. Karachi, 1998.

- **Franco, Jean;** The Modern culture of Latin America: Society and the artist. Penguin Books 1967.

- **Ghayur, Sabur;** Human Resources Development, utilization in Pakistan. FES, Islamabad, 1997.

- **Hassan, Parvez Dr.** Pakistan's economy at the cross roads past policies and present in imperatives. Oxford University Press. 1998.

- **Horowitz, David:** Imperialism & Revolusion. Penguin books, 1969.

- **Joyo, Mohammad Ibrahim:** Pakistan, what beomes of it. Sindh Friends Circle. Hyderabad. 1987.

- **Jatoi, Hyder Bux;** Statement of the Accused. Baba-e-Sindh Hyder Bux Jatoi academy, Hyder Chowk. Hyderabad. 1997

- **Khuhro, Hameeda Dr.** Muhammad Ayub Khuhro. A Life of courage in politics. Feroz sons (Pvt)Ltd. Karachi 1998.

- **Kabir, Aamir;** The Ruination of agricalture in Sindh. Daily Dawn, Karachi, March, 1999

- **McGrath, Allen** The destruction of Pakistan's Democracy. Oxford University Press, 1998.

- **Memon, A. Rasool;** Anatomy of Kala Bagh Dam. Pakistan Studies Centre University of Sindh, Jamshoro

- **Noman, Omar;** Economic & social Progress in Asia why Pakistan did not become a Tiger, 1996-97.

- **Qureshi, Aijaz Ahmed;** Economic situation of Sindh. Research paper read at the National seminar on Sindh situation organized by human rights commission of Pakistan (HRCP) Karachi Oct, 1999.

- **Qureshi, Aijaz Ahmed;** Canal Irrigation in Sindh and its economic significance, Sindh Geographers Association Hyderabad, 1975.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **Qureshi, Aijaz Ahmed;** Economy of Sindh (joint authorship) Institute of Sindhology, University of Sindh, Jamshoro, 1976.
- **Qureshi, Aijaz Ahmed;** Discontentment of Sindhi society, a comprehansive paper read on Sindh situation at NIPS Quaid-e-Awam University Nawabshah. 1988.
- **Sahrai, Taj Muhammad;** Lake Manchar: The Most Ancient seat of Sindhu Culture. Sindh Kitab Ghar, Karachi 1997.
- **Syed. Asad Ali Shah;** Financial Position of Sindh Daily Dwan, Karachi March 1999.
- **Syed, G.M;** Struggle for New Sindh Saeen Publication. Sewhan Sharif. 1999.
- **Zaidi, Ak.** Issues in Pakistan's Economy Oxford University Press 1999.

bar S;
- **Zahid, Anwar Khan;** History and Culture of Sindh. Royal Book Co: Karachi. 1980.

Reports:

- Sindh Legislative Assembly Debates, official report - Vol: III, Book No. 1 - Saturday, the 11th December 1954.
- General Elections Report 1997 (Vlo: I & II) Election commission of Pakistan, 1997.
- Annual Plan 2000-2001, Planning Commission, Govt. of Pakistan.
- Annual Report, 1999-2000, State Bank of Pakistan.
- Economic Survey, 1998-99, 1999-2000, Government of Pakistan, Planning and Development Division. Islamabad. Detailed Annual Plan, Govt: of Pakistan, Islamabad.1999-2000.
- Social Indicators of Pakistan, Federal Bureau of Statistics, 1998-99.
- Statistical Supplement, Economic Survey, 1997-98.
- Human Development, Report 1999, UNDP.
- 25 Years of Sindh in Statistics, 1995-96.
- Annual Budget, Govt: of Sindh, Karachi, 2000-2001.
- District Census Reports of Various Districts, FBS P & D Div GOP, Islamabad.
- Gender and Development: Mehboobulhaq research centre, Islamabad Oxford University Press, 2000.
- Attacking Poverty: World Bank Development Report, 2000.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

INDEX ڏسٽي

نالا، ماڳ، واقعا

اعجاز قريشي 1، 3، 4، 5، 6، 7، 8، 12
امام علي ڏيتو 10، 67
اسلم بلوچ 11
امان الله شيخ 12
امان الله ٽالپر 12
ابرار قاضي 12
ايل بي او ڊي 91، 96
اسڪارپ 66
انور قريشي 12
اسٽيٽ بئنڪ 72
اين ڊي پي 51
اين ايف سي ايوارڊ 20، 71
اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ 51
اردو ڳالهائيندڙ آبادي 43
ارسا 89
اين جي اوز 25، 123
ايناٽامي آف ڪالاباغ ڊئم 55
احمد شاھ ابدالي 39
اسلام 47
ايم ڪيو ايم 43
الطاف حسين 42، 43
بلوچستان 21
برطانوي راڄ 47
بينظير ڀٽو 38، 40
بدر ابڙو 12
بدين 138
ٻيلا 72
تيل 71
تعمير سنڌ پروگرام 73
تاج صحرائي 12
تماڪ 85
تحقيقاتي ادارا 35
ٿر 19، 121
ٽالپر 39
ٽنڊو 138
پرائمري تعليم 74
پ پ پ 31
پاڪستان پيپلز پارٽي 31
پارسي مت 47
پنجاب رورل سپورٽ پروگرام 51
پاڪستان 54، 69
پٽاٽا 85
پاڻيءَ جي ورڇ 91
پرويز ہانيڙ 12
جي ايم سيد 118
جين مت 47
جي ايم ٽالپر 12
جامي چانڊيو 12
جهمپير 121
جاويد قاضي 12
چاڻا ڪلي 19، 71
چوٽيارين ڊئم 69، 93
حسن وساڻ 12
حيدربخش جتوئي 118
خادم ٽالپر 12 خادم سومرو 12
داس ڪيپيٽال 47
داليون 66
درياھ 71
دادو 121
ڊاڪٽر سليمان شيخ 10
ڊاڪٽر شمس صديقي 11
ڊاڪٽر اختر حميد خان 58، 124
ڊاڪٽر شريف ميمڻ 12
ڊاڪٽر رجب ميمڻ 11
ذوالفقار علي ڀٽو 14، 23
ذوالفقار هاليپوٽو 12
زميندار 65
زراعت 84
سرمائيدار 49
سنڌ 65
سنڌي 15، 23
سنڌ جي معيشت 86

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بختيارپور 1
بي آر ايس پي 51
سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن 50
سک 47
سک مت 47
سنڌ زرعي يونيورسٽي 82
سنڌو درياهه (ارينا جو صفحو)
سنڌ رورل سپورٽ پروگرام 51
سرحد رورل سپورٽ ڪارپوريشن 51
سانگهڙ 137
سيوهڻ 67، 129
سمنڊ 93
ساموندي محصول 65
سراج الحق ميمڻ 10
سهڻي 118
سردار 39
سويو گيانچنداڻي 12
سنڌ جي زراعت 66، 125
سنڌ جي ساحلي ترقي 131
سنڌي نوجوان 1
سيڪنڊري تعليم 79
سرحد 21
سنڌ ۾ وڏيون صنعتون 21
سوندا 121
چام صادق علي 31، 32
شوڪت سنڌي 1
شعيب سلطان خان 58
شاهين خان 12
شراڪتي عمل 50
صوفي شاهه عنايت 47
جاگيرداري 48، 54
جهوڪ ڪميون 47
صنعت 127
طالب المولي هاءِ اسڪول 1
طارق قريشي 9
طارق اشرف 118
ضياءالحق 40
ظهير بابر قريشي 10
ظفر حسن 118
ظفر جوڻيجو 11
علي احمد قريشي 12
عبدالرحيم قريشي 10
علي غلام جوڻيجو 12
علاؤالدين خلجي 39
عيسائيت 47
عبدالحميد جعفري 12
عبدالرسول ميمڻ 12، 99
غلام نبي مغل 11
غلام مصطفي شاهه 12
غلام نبي (جي اين) مغل 11
غلام محي الدين (جي ايم) قريشي 12
فضل الله قريشي 10
قبيلائي سردار 45
ڪالاباغ ڊئم 63
ڪٽڪ 64، 85
ڪپهه 85
ڪمند 64
ڪارل مارڪس 47
ڪلهوڙا 39
ڪوئل 71
سنڌي سماج 47
سنڌ گوٺ سڌار سنگت 50
سومرو عبدالمجيد 12
گرينائيٽ 19، 71
لاڪڙا 121
لياقت جتوئي 64
لکو مل 12
محمد خان جوڻيجو 45
ميوا 84
منڇر ڍنڍ 67، 92، 129
ميٽنگ 121
مجموعي قومي پيداوار 120
محمد ابراهيم جويو 9
مدد علي پٺاڻ 39
مشتاق ميراڻي 11
مسلم ليگ 77
نصير سارنگ 11، 67
نذير ميمڻ 11
نذير شيخ 11
نيشنل ڊرينيج پروجيڪٽ 68
نظر ميمڻ 12
نئين سنڌ 4
نورالدين سرڪي 12
ولي محمد روشن 12
وجي منڌان 12
ون يونٽ 14 وڏيرا 45
وڪيل روچيرام 12
هري رام 12
يوسف ميمڻ 12
يوسف لغاري 12

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر اعجاز قريشي

نہ کي ڪٿي پاڻ سين نہ کي ساٿي پاڻ

تعارف ۽ تعريف ڪڏهن ڪڏهن تمام ننڍڙا لفظ ٿي پوندا آهن. مان پنهنجي ıtor
محترم پروفيسر اعجاز قريشيءَ جي لکيل هن ڪتاب کي سنڌ جي خوشحاليءَ ڏا
وڌڻ جو هڪ پستڪ قرار ڏيان ٿو. هيءُ پستڪ ۽ ان جو ليکڪ سچ تہ تعريف ۽ تعا
کان مٿانهان آهن.

جيڪو ڪجهہ هن مختصر تعارف ۾ مون کي لکڻو آهي، ان جو مون کي حق حاصل آ
۽ مون تي فرض پڻ ٿئي ٿو.

سنڌ جي سرگرم سياسي اڳواڻ ۽ هڪ دؤر جي تاريخ علي احمد قريش
وڪيل، جي دادوءَ واري گهر ۾ ورهاڱي کان هڪ سال بعد 2 جنوري 1948ع تي پ
ٿيندڙ اعجاز احمد قريشي شروع کان ئي سرگرم طبعيت جو مالڪ هو. هن جي تربي
۾ ان ماحول جو وڏو هٿ آهي، جيڪو سندس والد صاحب مهيا ڪيو، جنهن وٽ سنڌ
هند جا سياسي ۽ سماجي اڳواڻ اچي مهمان ٿيندا هئا.

اعجاز قريشي، قومي تحريڪ جو ڪارڪن رهيو. ون يونٽ خلاف هلچل
حصو ورتائين. سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي ڪيائين. ولايت مان بہ ماسٽرس ج
ڊگري حاصل ڪيائين. لڳ ڀڳ ٽن ڏهاڪن تائين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندو رهيو
هو مختلف عهدن تي رهيو جن ۾ مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ ڊائريڪٽر پلاننگ اين
ڊويلپمينٽ بہ رهيو. سنڌ ڊويلپمينٽ اسٽڊيز جو ڊائريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف بزن
اسٽڊيز جو ڊائريڪٽر ۽ ان کان علاوه سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائڻ دوران 1990ع وار
ڏهاڪي ۾ ساڍا ٽي ورهيہ هو نيشنل رورل سپورٽ پروگرام جو ريجنل پروگرام مئنيجر
رهيو. بعد ۾ وقت کان ڏهہ ورهيہ اڳ ورتل رٽائرمينٽ کان پوءِ هن انڊس ڊولپمين
فائونڊيشن، سنڌ رورل سپورٽ پروگرام ۽ سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ جو بنياد وجهي
مختلف پروفيشنلز جي ٽيم جوڙي مختلف ترقياتي ڪم ڪيا. جن ۾ تحقيقي ڪم تہ
گهڻو زور ڏنو ويو هو. تازو، پاڻ جون 2000ع کان هڪ ڀيرو ٻيهر نيشنل رورل سپورٽ
پروگرام حيدرآباد جو ريجنل پروگرام مئنيجر مقرر ڪيو ويو آهي. هو هن وقت
حيدرآباد ريجن جي ٻهراڙين ۾ غربت گهٽائڻ واري پروگرام ۾ پنهنجون خدمتون
سرانجام ڏئي رهيو آهي. پروفيسر اعجاز قريشيءَ سوين مضمون، ڪالم مقالا ۽ بيور

حريرون لکيون آهن. هو سنڌ جي سياسي، سماجي، ادبي، ثقافتي ۽ خاص طور قومي عاملن تي بيباڪيءَ سان لکندو آيو آهي.

سنڌ ۾ مونکي وطن پرستيءَ جي انيڪ ڪمن ۽ خدمتن ۾ رڌل ماڻهن جا ڪيئي نالا سجهن ٿا، انهن مخصوص شخصن جي صف ۾ هو منفرد ۽ نمايان جاءِ الاري ٿو. سندس ڪم اسان سڀني جي آڏو آهي.

مان، هن کل مک ۽ پرجوش قسم جي ماڻهو جو مداح تہ اڳئي هوندو هئس، ـ جڏهن سائس گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليم، تہ سندس قوم دوستيءَ ۽ سنڌ سان حبت جو قائل بہ ٿيس. اها ڳالهہ ڪنهن بہ خوشامد يا اجائي واڪاڻ جي الزام ۾ نہ تي ي سگهي، ڇو تہ جيڪي ماڻهو پروفيسر اعجاز قريشيءَ کي ذاتي طور سڃاڻن ٿا، ي هزار اختلاف رکڻ جي باوجود ان جو ڳالهہ جو اقرار ڪندا تہ هي سدائين باغ بهار ائهو، جهڙو نظر ايندو آهي اندر ۾ بہ اهڙو ئي آهي. ۽ هو اهو بہ اعتراف ڪندا تہ سنڌ هي انهن ماڻهن مان آهي، جيڪي سنڌ ۽ سنڌين جي ڳالهہ ڪندا آهن، ۽ عملي طرح نڌ ۽ سنڌين لاءِ وڙهندا، داهيندا، ڪوڪون ڪندا، ۽ محنت ۾ رڌل نظر ايندا آهن. هن ا ڇا ڪيو آهي، ۽ ان جو نتيجو ڪهڙو نڪتو آهي اهو تہ ايندڙ دؤر جو محقق ئي طئہ ندو. هن وقت فقط ايتروئي چوندس تہ هيءُ ڪتاب لکي، اعجاز قريشيءَ هڪ سڌ ڏنو ي، جنهن کي ورنائڻ هاڻي سنڌ واسين جو فرض آهي. هن ننڍڙي پستڪ کي سنڌ جي ـمتن ۾ هڪ نمايان وٿ سمجهيو ويندو. ۽ آءُ سمجهان ٿو تہ اعجاز قريشيءَ جي يل بيشمار خدمتن هڪ اهم خدمت طور ياد ڪيو ويندو.

نہ ڪي ڪتن ٻاڻ سين، نہ ڪي سائن ٻاڻ
اهڙا جنين اهڃاڻ، آءُ نہ جيئندي ان ريءَ

طارق قريشي

17 جنوري 2001ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Acho ta naeen Sindh ji taameer karyoon

Let's build a new Sindh

(Vision for new a Sindh)

By: Professor Aijaz .A Qureshi

Professor Aijaz .A Qureshi has produced this excellent book in Sindhi, which includes essays on diverse themes, such as politics, socio-economic issues, the environment, history and culture of Sindh.The author has analyzed some of the burning issues in the present day Sindh on a scientific basis. The topics covered are as under:

- Politics
- Sociology
- Agriculture
- Irrigation
- Water supply, sanitation
- Drainage and sewerage
- Education
- Unemployment
- Women Empowerment
- Environment

Among other things, the book focuses on the falling standards of education and holds student politics responsible for this deterioration. Also, the role of national political parties and causes of their not being popular among the masses, are discussed in detail. Apart from these issues, the key environmental problems that Sindh is facing, especially that of the Indus River and its canals, are examined. As far the issue of scarcity of water, whether its reasons are non-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

natural or natural, the writer has presented well-documented data and analysis, offering solutions.

Professor Aijaz Qureshi is a reputed figure in the field of development, social work, and is respected for the wide range of his intellect. After leaving the University of Sindh in Jamshoro, where he taught for 28 years, his new assignments in the social sector took him to the rural areas of Sindh. During his long stay in the social development organizations, he developed the vision for a new and emerging Sindh.

This book in essence is author's observations and the vast range of experiences in studying rural and urban Sindh. He empathizes with the struggle of the masses against tyranny and rule of injustice. He criticizes the bond between feudal lords and ruling elite, which has denied the poor Sindhis their dignity and self respect as human beings. He calls for joining the struggle for a new, more prosperous Sindh in which freedom from want and ignorance will be the basic right guaranteed to all citizens.

Reviewed by: **(Aziz Jan Balouch)**

Books and Authors-Daily "DAWN" August 14, 2001

The above review is of the first edition of the book published in January, 2001. This is the second edition of the book published in August, 2001.

***"I reach the moon, the stars, the glaxies,
But this is not my final destination.
Higher and higher - onwards and onwards
for if I stop, I die"***

جڳ مشهور اقتصادي ماهر ۽ سماجي سائنسدان ڊاڪٽر محبوب الحق پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ان Chinese proverb کي پنهنجي پسنديده Quotation قرار ڏنو هو.

هيءَ ڪوٽيشن هڪ اهڙي رويي، هڪ اهڙي مزاج ۽ نفسيات جو عڪس آهي، جنهن ۾ اڳتي وڌڻ ۽ مسلسل اڳتي وڌڻ Perpetual inspiration جو نظريو ڏنل آهي.

سنڌ کي به پنهنجي جيايي لاءِ اهڙي سوچ، نظرئي ۽ نظرياتدانن جي ضرورت آهي. سنڌ کي پنهنجي Survival بلڪ Respectful Survival (عزت ڀرئي جيئڻدان) لاءِ اهڙن ڏاهي "ڇرين" جي ضرورت آهي، جيڪي پنهنجي غير مشروط پورهئي جي "دهاڙي" تاريخ کان گهرن.

جيئن ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ ڪنهن خاص Definition يا ڪنهن ڏکي Synonyms جي ضرورت ناهي هوندي، بلڪل ائين ئي Optimistic ماڻهوءَ جي ڪم ۽ ڪانٽريبيوشن جي لاءِ ڪنهن وڏيءَ لپاڙ جي گنجائش ناهي.

اعجاز قريشي سنڌ جي انهن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ڏاهن ماڻهن مان هڪ آهي، جيڪي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ بنهه پٺ پٺجي ويل پتيم سنڌ ۽ سنڌين کي ڏسي روئڻ پٽڻ ۽ مايوس ٿيڻ بدران، پر اميد آئيندي جو سوچين ٿا. هن وٽ سنڌ ۽ سنڌين جي سياسي، سماجي ۽ سهني ڪان وڌيڪ اقتصادي ۽ Self Sustainability جو واحد حل اهو ئي آهي، جيڪو هڪ ترقي يافته ۽ مهذب سوسائٽيءَ جي ڪنهن ڏاهي وٽ هجڻ گهرجي، ۽ اهو حل آهي رڳو تعليم ۽ تعليم.

اعجاز قريشيءَ وٽ سنڌ "ڪهڙي هجڻ گهرجي" جو Vision اهڙوئي آهي، جهڙو ڊاڪٽر اختر حميد خان وٽ هن ديس لاءِ هو يا امر تياسين (Dr. Amartya Sen) وٽ سموري جهان لاءِ آهي.

دنيا جا سڀ ڏاها ان ڳالهه تي متفق آهن ته هاڻ ترقي انهن قومن جو ئي نصيب آهي، جيڪي Education ۽ Human Development جهڙن شعبن کي هر شيءِ تي ترجيح ڏين ٿيون.

سنڌ ۾ اهي هٿي Concepts اڃان Grass roots (هيٺين سطح) تائين ڪو اجتماعي (Collective) لهلاءِ پيدا نه ڪري سگهيا آهن، پر سنڌ جا ڪوڙ سارا ڏاها پنهنجي پنهنجي انفرادي حيثيت ۾ ان ڏس ۾ گهڻو ڪم ڪري رهيا آهن ۽ اعجاز قريشي به انهن مان هڪ آهي. اهڙي جديد زماني ۾ پٺتي ڏکجندڙ سنڌ جا جيڪي اهم مسئلا ۽ اشوز آهن، انهن تي آءُ سمجهان ٿو ته هيءُ ڪتاب ڀرپور Comprehensively Composed Contribution آهي.

ذوالفقار هاليپوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پَ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڻي ڪمپيوُٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄئن ڄئن ڄاڙ وڏي ٿي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداniءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book